# حسن درس
# جو رسالو



# حسن درس جو رسالو

(سنواريل، سڌاريل ۽ وڌايل)

سهيڙيندڙ: ارم محبوب

سڌاريندڙ ۽ وڌائيندڙ
محمد علي ماجد

ڪاڇو پبلڪيشن، ڪراچي
سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا

حسن درس جي شاعريءَ جا حق ۽ واسطا
حسن درس جي ٽنهي ٻارن (ردم، روحل ۽ چيزل) وٽ محفوظ رهندا

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب | : | حسن درس جو رسالو |
| سهيڙيندڙ | : | ارم محبوب |
| سڌاريندڙ ۽ وڏائيندڙ | : | محمد علي ماجد |
| پهريون ڇاپو | : | 2011ع |
| ٻيو ڇاپو | : | 2016ع |
| لي آئوٽ | : | پيار گرافڪس |
| ٽائيٽل | : | نعيم ديسوالي |
| ڇپيندڙ | : | ذڪر سنز ڪراچي |
| ڇپائيندڙ | : | ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي<br>0300 2879794 |

مُلهه : 480 روپيه

# ارپنا

روحل

ردم

۽

چيزل

جي نانءُ!



پنهنجي پياري پُٽ
چيزل حسن درس لاءِ
جيڪو تمام وڏو شاعر آهي
خدا ڪري ته دنيا ۾ وڏو
نالو ۽ عزت ڪمائي ۽
اسانجي فقيريءَ جو مان رکي.

دعاگو
حسن درس
عرف سن بابا.
21/2/2010

حسن درس جي پُٽ کي وصيت

”انسان غلطين جو گهر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي. وس آهر ڪوشش ڪبي آهي تہ بهتر کان بهتر ڪيو وڃي. ڪٿي ڪا بہ غلطي هجي تہ ڪمپوزر پاران سمجهجو ۽ نشاندهي ڪجو.

شاهنواز ٽالپر
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
sntalpur@gmail.com

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”حسن درس جو رسالو“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. حسن درس نوجوان دلين جو ترجمان شاعر هو جيڪو پنهنجي جوڀن ۾ ڪيترين ئي دلين کي روئندو ڇڏي ازل جي راهه جو راهي ٿيو. حسن درس جي شاعريءَ جي محبوبا پلي ڪينجهر ڊنڊ هجي پر سچ ته حَسن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي سونهن جهلڪي ٿي. هو محبتن، مُرڪن ۽ عاشقن جو شاعر جو، جنهن جي شاعري هر دل کي جهومائي وجهندي هئي. اسان وٽ اهڙا گهٽ شاعر آهن جن جي سڃاڻ سندس ڪتاب ڪانسواءِ ئي شاعري بڻي هجي، انهن مان حسن درس جو مقام به مٿانهون آهي. اسان جي سنڌ سان سڀ ڪان وڏو الميو اهو رهيو آهي جو انقلابين ۽ عاشقن جي زندگي مختصر رهي آهي ۽ ايئن ئي حسن درس به اسان کان موڪلائي هليو ويو.

حسن درس جو رسالو پهريون ڀيرو اندس فائونڊيشن پاران 2011ع ۾ ڇپايو ويو جيڪو هٿئون هٿ وڪامجي ويو. مانواري محمد علي ماجد رهجي ويل خامين کي درست ڪري نئين شاعري شامل ڪري **ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي** پاران 2016ع ۾ هڪ دفعو ٻيهر رسالو ڇپايو ويو آهي.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي سڀ کان وڌيڪ فرمائش حسن درس جي شاعريءَ جي ٿي. تنهنڪري اهو فيصلو ڪيوسين ته رسالو ڪمپوز ڪري آنلائين رکون. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو. مهربانيون ڀيڻ ارم محبوب جون جنهن ڪتاب جي ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

محبت پائي منَ ۾ — محمد علي ماجد
سهيڙيندڙ پاران — اِرم محبوب
حَسن . . . حَسن . . .حَسن! — ماهتاب محبوب

**حمد، نعت**

ڪسيرو چا ڪٽي آهيان!
اسانجي روح جا راڻا
اندر جي آرسي اجري
محمد ﷺ من ۾ اٿئي وينو
مرسل سائين تنهنجا آهيون
اديون هن چام آريءَ جو
تنهنجي پيرن مان فجر هر ڪا ڦٽي مولا علي ؑ
هن بغداديءَ جي بات وڏي
اُچارن ٿا پرين پنهنجو!
ننڍ جا پيڙا
بي بي رابعہ بصري تولاءِ!
چير ۾ چانو پنجتن جي
دوست الله هُوا!
ابجد عبداللطيف جو!
عبداللطيف جا اَبا!
بلڙيءَ وارا سائين!
بي خودي اختيار ٿي . . .
غزل
هِيءَ هوا تنهنجي، حُسن جي هاڪ ۾

واءُ ۾ خوشبو گُهلي ويئي هَلي
ڪنديون لوڏ سان هوڏ چا هي هوائون
مٿان ڪان شهر، نظر جيئن ٿو اچي جانان
رستا سوڙها ۽ ٻيا وڻ
آئون تو ساڻ، تون ڪٿي جانان!
جنهن ٻه جوڙون آهن جوڙيون رات جُون
طوفان جي ڪُلهي تي، هڪ ڇوڪري چڙهيل آ
سٽان جت روز هٽڪارون، وڇيڙن جو وطن آهي
هڪ ڏيک يادگيري، هڪ شام جو تصور
عمارت عشق جي توتي مون ڪي عجيب آهي
سِرن جيئن پڇائي برهه جو بنو
شام جو تون تلڪ چاڙهي، مان اونهاري جي هوا
اڪ آلاڻ، مان ڏسان چهرو
تڏهن بحر ۾ بوند تي پئي گهٽي
صند جون ٻرن ڪانيون، ائين دل ٻه ٻري تي پئي
ايو پنڌ پنهنجو هوا پير هيٺان
منهنجي حيات ۽ منهنجي ورسي
اڪ ۾ پوڙها ڳوڙها آهن
ڇا تون مون لاءِ ليئو ٽيندين؟
سڄي رات بيني ڪٿيون سين اکيون
بي قراريءَ ۾ قرار ڇو آهي؟
رامڪي بازار ۾ مانڪي بيني رهي
اڏاٽيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنهن سار وانگي هو
پڪي پرديس جا سورج پرن پويان لڙي تو پيو
لهر تي جاڳي ڪري بي لهر ۾
نانگ ٻه سوچيو هوندو دل ۾،
ماٽهوءَ جي مڻ ڪهڙي آهي؟

ڏُکو نيٺ داخل ڪيو مون بہ دل جو
جوانيءَ جي جر تي اسين آهيون پهتا
جيڪو جوڙي ٿو
پٿر بہ متان وگهري، آواز ٿي پوي
شامل حال ڪو تہ هوندو هو
گهر مٽيءَ جو گهاٽ گهٽيءَ ۾
سڀ ڪجهہ هجي ضرور، مگر پيار ٿو کپي
هن عمر بي مثال ۾، بي باڪ محبتون
سمنڊ خشڪيءَ ۾ فرق ٿئي، ڏسجانءَ
اڄ مسافر ماڪ جا پٽي ڪانہ آ
چنڊ راتين جو ڪٽي هتڙا نرم
ڏس اداسي رات جو پوبون پهر
سونهن سان پنهنجو جڏهن سهڪار ٿي پيو
زندگي تو بن اِئين آ بي ثمر
تو بنان جي وڃڻ
تنهنجا لب سنڌوءَ جا ڪپ
آئي ڪين اڄوڪي رات
شاهڪارِ شهپار اڇڻ
جيڪي جيءَ منهنجي ڪي جوڙي ويا
چنڊ بہ پورڻماسي آهي
اسان ئي ڪوي ڪاڪ ڪوتا جا راڻا
شعر هي شعلا شبنم ڪهاڻيون
رات سپني ۾ مون ٿي گُهمي ڪهڪشان
باهہ رڳو نہ بن ۾ آهي
پرهہ ميرانجهڙي باک پيئي ڦٽي
يار غم قريب ڪر
تو ڪيو هو پيار جو اڱ مون سان

هوا ۾ روح رخصت ٿيو متيءَ ۾ دل دفن ٿي وئي
تو ستارن تي جڙاوت رهنما تنهنجيون اکيون
سچ جهڙي سنڌ راڻي روشنائي نور ٻيبي
اداس آدمي تنهنجو آ گهر گهٽائن ۾
هر سهارو آ ڏکو
محبت مير باگي جي، ڪنول جهڙي ڪهاڻي آ
عشق ۾ ذات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟
ڪڪري هئي جا ٻيني خالي ڪڻ ڪڻ تي نہ سگهي
ڪولهين سان گڏ ڪولهي ٿيان
تمنا تاڪ ۾ آهي

**نوان غزل**

نئين ڪي پرٽو ڪجي، دل ڏجي
پڀن تي ايو ٿي ڏسان يار توکي
چمارون گذاري، ملان يار توسان
سڄي رات ساري، ٿي ٻيني رهي
هن عمر بيمثال ۾، بيباڪ محبتون
پُڪاري نند مان ٿي هُوءَ
تُنهنجي پُراڻي خط مان تون پاڻ پيو اچين جڻ
وقت ڪي نيت واڪ، ڏيٺو هو
هنيلا هرڻ پاڻيءَ مان پئن تا سچ جا ڪرٽا
وڻ جي هيٺان وينو آهيان، دور گگن آدامر پکين جو

**نظم**

روميءَ جو رقص آهي
ادي هي آجيان ڪهڙي؟
رقاصہ
صنف نازڪ

ڪيلاش وادي
تنهنجي نرم هٿڙن ۾
روحل لاءِ هڪ نظم
تاپولي
احمد آ آغاز پرين جو!
ڪل جهڙا پيار پنهنجا
اڄ بہ منهنجي عاشقي چڙهہ آڳ آهي
ڪانديرو
صدين جو سچ سامهون آ
ڪراچي!
محبت هيڪلي آهي!
اوچائيءَ
پراڻو عشق پوڙهو هو!
هر گُلن سان گفتگو!
جاڳندڙ جواني!
اڌڙوٽ عمر جي عورت
ڌرتي
رات جي گهوڙي جهڙي
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾
ننگي سرمد جي حضور ۾
اُس جهڙو رنگ تُنهنجو!
ڄاڻيي گُلن جيئن ڇوڪري!
ڪراچي تُون اسانجو سچ آهين!
مس اسڪارپيو
شاعر جو وطن
تون ڪٿي آهين؟
ڪنگڻ

ٺُون تہ جڻ ٿي نازبو مهڪي وڃين!
تون صفا تڪڙي ٿِڪي!
ذوالفقار علي ڀٽو!
مُون کان پُڇ نہ منهنجو حال!
اسٽيفي گراف لاءِ!
چڱو جو اسانکي نہ درزي مليو
خانہ بدوش جيئن خُدا کي ياد ڪن ٿا!
نصرپور!
روحل، چيزل اکڙيون آگم!
جهرڪين کي خوار خراب نہ ڪريو!
اڄ وري آ آئيني ۾!
ٻار وڃن ٿا اسڪولن ڏي
اڄ تہ چئون ڪونج کي!
هينسي ڪرونِيي لاءِ هڪ نظم!
احمد فراز لاءِ هڪ نظم!
تنهن کان پوءِ . . .
محقق
ماچيس جي تيلي!
مُصور!
اُگهاڙيون ڪهاڻيون!
لڳي ٿو لوڪ موسيقي!
جر تي جواني!
”ارم نما“ لطيف آباد چڏڻ تي هڪ نظم!
ڪپئي گوليون، ڪپئي گل ڪڻ!
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو!
نينهن نياپا اکيون!
گهاوَ ڪندا چا خالي گهر کي!

مُسلسل مات ۾ ماٺ ڪ!
دنيا چاهي!
سموري سنڌ سرندو!
سانگهڙ!
هِن شهر جو ٻہ چا ٿيندو!
گهمان سان گهوڙي!
مُحبت سانڍِبي آهي!
رُڳو جيئري جُدائي آ!
وجي تن تاريڪتارو!
اسانجي ڏات ڏاڏاٽي!
اها چوڪري جا اکين مان لٿي!
مقتل کي نئون نياپو!
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
ملاح!
اڙي يار تنهنجا هي ڪهڙا تماشا!
آئون فجر ويلي ايندس!
ائين بس ملياسين
جاڳ جي نِصاب ۾!
جيون پنهنجو رستو موڙيو!
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ
ننڊ جهڙي چوڪري!
روح منهنجي ۾ رهين ٿي!
الوداعي رسم!
سردين جو هڪ نظم
گِرين اسپات هوٽل!
ڳلن تي ڳوڙها جوڙن جا!
تصور!

شاعري جي ديس ۾!
تُنهنجي ڳلي!
نندا ڪڙي سڪي!
شانتي نڪيتن جي هڪ شام!
ڪير بہ رستن ڪي ويڙهي نہ سگهيو!
هن عشق جي عجائب گهر ۾!
اُها عورت اها ناهي!
نندڙ قتل تي ويئي جن جي!
عشق حقيقت درد گلابي!
عبادت عشق ئي آهي!
چئو تہ تنهنجي چور ڪي سوگهو ڪريان!
تالِهي!
نِم!
چمبا!
آئون فقير پنڻ جو پيالو!
ادب سان چوڪريون گهُر جان!
چاندوڪين جا چور!
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري!
گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون!
ڪيڏارڻ!
امن جو نعرو!
فقيرياڻي!
لکنوءَ!
مُنهنجي اندر جي اڱڻ تي!
ڪارو ڪاري!
مغرور ستم جون انگڙايون!
وجودي اشتهار!

توکي ياد پڏايان ويٺو!
ڏسان کوھ ڏيڌو!
توبن آئون ناھيان!
ملڪہ ترنم نورجھان!
منھنجي محبوبا!
چڏي ڏي تہ ماڻھو مزي سان مرن!
ھي ڏرتي آ ڏڪاڻن جي!
غالب چو تہ ٿيان تو آئون!
ميلو!
يار اوڏانھن ھلو!
حرم!
ڪُجھ بہ نہ ڪجھ بہ نہ!
ھِڪ ديس ويو دفن ٿي!
مُون کي التيون ٿيون اچن!
پاچا ڪن پيچو!
جھرڪيءَ جي چُھنب ۾
دل وجي ٿي ڦاسندي!
سنڌ ساز مان نڪتي!
درد جي ھُجومن ۾!
ڏُنڌ جي ھُن ڳوٺ ۾!
نار جي نِسر ۾ چاندي جو چِلو!
گيت آھي ديس وٽ ھِڪ جيت جو!
گذرگاھ ھُنجي پُراڻي گھٽي!
سِڪي تو منھنجو موڳو من!
مان چاندوڪي تو لڪان!
ڏُکي ديس جي ھڪ ڳوتا!
اھا رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ!

ننڊ جي ديس ۾!
آئيني ۾ سُور جاڳي!
ايڪٽيسي
شاعريءَ جي ديس ۾
حواري بومدين
محبوبا!
اسانجو عشق!
خانم گگوش
چئو پلا رات جي روبرو ٿيندينءَ!
تُنهنجي صُورت صاحب سُهڻي!
وهيءَ کي وِهاٽو کپي عشق جو!
رهجي ويل پن چرڻ!
اکر ۾ هڪ چٽو آهي!
الوداع الوداع!
گل گلابي تو جيان!
حامله عورت ڏي هڪ خط!
درد جي ديوار تي!
روز منهنجي رُوح ۾!
پر ماڻهو تنها ٿلڪي پيو!
ڪير ڪنهنجي لاءَ رُڪي!
مگر پاڻ کي لوهه جو لوهه چئو!
جوگي بين بجاوي!
حسن حيرتن ۾ حياتي سموري!
ننڊ کي اونڌو ٿگيندو ٿو رهان

**نوان نظم**

ڪا به ڪويتا اجري ناهي
هُن شخص جو ذڪر

بي مثل

تون جا پاڻ پکيءَ جهڙن آن

نياپو

لڪ لڪوٽي

فيصلو

ڪرين تون اشارو

تون ٻہ آهين

ٽي منظر

ازل ابد

شهر منيءَ لاءِ هڪ نظم

انڌي ديدَ تنهنجي آ عبادت اِها

گُلن جا خريدار

اُلڪو

شاعر شعر نٿو لکي

ڪاٽو

الاءِ تون ڪٿي آهين؟

منهنجي من جي ساحلن تي

جڏهن تون وهنجندي آهين

تنهنجيون ڳالهيون

گيت محڪوم ناهن اسانجا

**وايون**

**گيت**

**چئوسِٽا**

**پنج سِٽا**

**ڇهہ سِٽا**

**متفرقہ**

# پروفائيل

نالو: محمد حسن درس

ادبي نالو: حسن درس

والد: غلام رسول درس

تعليم: ايم.اي سنڌي

سڃاڻپ: پنهنجي ٿهيءَ جو نمائنده شاعر هوءِ اعليٰ نثر نگار پڻ هو. هن ڪيترين ئي ٽي.وي ڊاڪيومينٽريز نه فقط لکيون. پر هُن انهن لاءِ پنهنجي آواز ۾ ”وائس اوور“ به ڪيو هو. گڏوگڏ هن ڪاوش، عبرت، ۽ عبرت مئگزين ۾ ڪيترائي مضمون ۽ فيچر پڻ لکيا.

گهر واري: ارم محبوب، جيڪا پڻ نامياري شاعره آهي.

ٻارڙا: روحل حسن، ڇيزل حسن ۽ رڌم حسن

ڇپيل ڪتاب: حسن جو ڪجهه ڪلام نوجوان شاعرن جي چونڊ مجموعي ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ ۾ 1992 ڌاري ڇپيو. جڏهن ته هن جو ڪتاب ”حسن درس جو رسالو“ جي نالي سان سندس وفات کان پوءِ 2011ع ۾ شايع ٿيو آهي.

منصب: حسن حيدرآباد مان نڪرندڙ هڪ اخبار روزاني ”سوال“ جو ايڊيٽر، روزاني ”خلق“ جو جوائنٽ ايڊيٽر، پندرنهن روزه ”عبرت مئگزين“ جو ايڊيٽر، مشهور سنڌي ٽي وي چئنل ”سنڌ ٽي وي“ جو پروگرام مئنيجر ۽ پنهنجي جوڙيل اداري انڊس ميڊيا ڊيولپمينٽ جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر رهيو. حسن هڪ ئي وقت گهڻ رخي شخصيت هو. هن سنڌ ٽي وي جا ڪجهه پروگرام ڪنڊڪٽ ڪيا ته ڪجهه اردو ڊرامن ۾ اداڪاري پڻ ڪئي.

تدفين: مشائخ هوٿيءَ وارو اباڻو قبرستان، اگوڙو تعلقو ۽ هاڙوڪو ضلعو ٽنڊو الهيار

# محبت پائي من ۾

هڪڙو ايڊيٽر طارق اشرف هيو جيڪو اديبن جي لکڻين کي سڌاري ۽ سنواري ماهوار سهڻي رسالي ۾ ڇاپي اديبن کي شهرين جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. هيڏانهن ٻيو ايڊيٽر حسن حسن درس جي رسالي جو آهي. جنهن حسن درس جي خوبصورت شاعري کي ايڊٽ ڪري حسن درس جي شهرت کي نقصان پهچايو آهي. حسن درس جي رسالي تي مير حسن آريسر جو تفصيلي تنقيدي مضمون سارنگا جو شمارو ٽيون/ چوٿون 2011 ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ مير حسن آريسر ص 95 تي لکي ٿو ته ”حسن درس جهڙي خوبصورت شاعر جي لازوال شاعريءَ سان هٿ چراند کي ڪيئن ٿو نظر انداز ڪري سگهجي، جنهن تحت هن جا سهڻا گيت، گيت ناهن رهيا، غزل، غزل ناهن رهيا ۽ ڇهه سٽا- ڇهه سٽا ناهن رهيا.

چو ته حسن درس جي رسالي جي ايڊيٽر کي اها خبر ڪانهي ته غزل، گيت، بيت، نظم ۽ چئوسٽو ڇاهي. اهو شخص حسن درس جي رسالي جو ايڊيٽر آهي؟ رسالي جي ص 23 ۽ ص 24 تي هڪڙو هڪڙو بيت ڏنل آهي. ص 41 تي ٽي بيت، ص 421 تي ٻه بيت، ص 423 تي ٽي بيت، ص 431 تي ٻه بيت ڏنل آهن. ايڊيٽر کي اها خبر ڪانهي ته بيت، بيتن سان رکجن.

نظمن وارو پاڱو جڏهن پڙهجي ٿو ته ان ۾ اسان کي غزل ۽ گيت ملن ٿا. جيئن ص 119 تي

ڪولهين سان گڏ ڪولهي ٿيان،

ها ها ها، آئون هولي ٿيان.

ص 188

تمنا تاڪ ۾ آهي

لکي توکي ڏسڻ چاهي

مٿيان ٻئي غزل امرتا پبليڪش حيدرآباد 2012 ۾ حسن درس جو ڪتاب ”الاءِ تون ڪٿي آهين.“ مرتب فقير محمد ڍول وارن به نظمن ۾ ص 39-41 تي ٻئي غزل شامل ڪيا آهن. ص 248 تي

روز ٿي ڏانوڻ وجهين،

روز ٿو قاسي پوان

ٻانهن تنهنجي جي ٻڳهي،

لچڪندڙ تاريءَ مٿان،

روز لالائي لنوان،

گيت آهي پر نظمن واري ڀاڱي ۾ ڇپيل آهي. اها ساڳي غلطي امرتا پبليڪشن وارن ”الاءِ تون ڪٿي آهين“ ۾ ص 24 تي ورجائي آهي.

رسالي جي ص-227 تي

راتيون ڪاٽي نئين ۾

ٿو واٽون نهاريان جاڳي،

گيت آهي.

ان ڪان سواءِ امرتا پبليڪشن وارن حسن درس جو هڪ شاندار نظم ايڊٽ ڪري شايع ڪيو آهي. رسالي جي ص 317 تي نظم جو عنوان آهي ”حرم“ ۽ ”الاءِ تون ڪٿي آهين“ ڪتاب ۾ نظم جو عنوان آهي ”خليفو“. ان نظم جون هيٺيون سٽون ايڊٽ ڪيون ويون آهن.

خليفو تہ ميلاپ جو منتقي،

حسين عورتن جون نرم ناز ڪيون پئي،

باريڪ ڪپڙي جي پردي جي پويان،

اجهاٽيون پريون،

قطارن ۾ رقصان، هوا جو پريون هي،

لڏيون ۽ لميون پئي،

ننڍن دائرن ۾، ڪندي ناچ ڪيئي،

خليفي جي سامهون،

جهڪيون ۽ نميون پئي،

پنيان دف بيني غلامن وڄايا،

سيئي ساز آواز سان پئي ملايا،

حسين عورتن جون حسين ٽوليون هي،

خليفي دنيا ۾ ڪئي ڳوليون هي،

فارس جي شهرن جون مدهوش مڪڙيون،

ترڪيءَ جي ٽامي جي رنگت جيان،

برندر اکين سان الهڙ اپسرائون،

مصر جي بازار مان ڪئين خريديل قدآور.

حسن درس جو نظم ڪنهن ايڊٽ ڪيو اها خبر امرتا پبليڪشن وارن کي خبر هوندي مونکي ان ڪتاب جي باري ۾ ٻڌايو هو تہ سؤ فيصد حسن جي شاعري صحيح ڇپيل آهي.

اهڙي طرح ص 347 نظم ”اسان جو عشق“ کي ٻه اڌ ڪري، ٻئي حصي جو عنوان ”دريا جي ڪپر تي ڪوئي“ ص 376 تي ڇپيل آهي. نظم جي آخري ٽڪري جو عنوان ”درس فقير تو جاڳ رها هي“ ص 407 تي ڇپيل آهي.

ان کان سواءِ متفرق واري ڀاڱي ۾ ڪا به ترتيب ناهي، ص 421 تي غزل جا ٻه بند ڪٽي ان کي ايڊيٽر صاحب چئوسٽو لکي ڇڏيو آهي.

ڪنديون لوڏ سان هوڏ چاهي هوائون،
تنهنجي ٽور تي گهور ٿي پيون گهٽائون،
تنهنجي موهه جي ڊوهه جڪڙي وڌو،
زنجيرن ۾ زلفن جون ارڏيون ادائون،

اهو غزل رسالي جي ص 49 تي ڇپيل آهي.

ايڊيٽر صاحب جي مهرباني سان حسن جي رسالي ۾ ايوب کوسي جو نظم ص 176 تي شامل ڪيو ويو آهي.

ڳلي وچ ٽا راز ڪورا،
چريو زمانو چڙي پوي ٿو
اتي پون ٽا عذاب وحشتي،
وري ڪو ماتم مچي پوي ٿو
کسي وجن ٽا شباب ڪورا!
سُڪي وجن ٿيون اکيون ڪنواريون،
رلي وجن ٽا ڪتاب ڪورا،
گهٽي گهٽي ڪا خبر ٿئي ٿي،
وفا وري دربدر ٿئي ٿي!

انهي ساڳي نظم جون پهريون ٻه سٽون وري متفرق واري ڀاڱي ۾ ص 413 تي ڇپيل آهن. اهڙو غير ذميوار ۽ لاپرواهه ايڊيٽر مون اڳ ڪٿي ٻه نه ڏٺو.

ان کان سواءِ رسالي ۾ لاتعداد ننڍيون ننڍيون غلطيون هيون، جن کي ٺيڪ ڪيو ويو آهي.

حسن درس جي شاعري کي سڏو ڪرڻ لاءِ ۽ اضافي شاعري هيٺين ڪتابن / رسالن مان مدد ورتي.

(1) ماهوار ”سهڻي“ نائون- ڏهون پرچو ڊسمبر 1990.
(2) ماهوار ”چانڊاڻ“ ڊورو نارو ڊسمبر 1991.
(3) ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان- سهيڙيندڙ: مظفر چانڊيو. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992
(4) سارنگا- شمارو ٽيون/چوٿون 2011.
(5) الاءِ تون ڪٿي آهين- مرتب. فقير محمد ڍول، امرتا پبليڪشن حيدرآباد جولاءِ 2012

رسالي ۾ نوان غزل هي آهن:

1. نئين کي پراڻو ڪيئن ڪجي
2. پيرن تي اپيو ٿي ڏسان يار توکي
3. ڇمارون گذاري، ملان يار توسان
4. سڄي رات ساري، ٿي بيٺي رهي
5. هن عمر بيمثال ۾، بيباڪ محبتون
6. پريمُو ڪولهي کان پڇندين تہ توکي هُو ٻڌائيندو
7. پُڪاري ننڊ مان ٿي هُوءَ
8. ٿُنهنجي پُراڻي خط مان تون پاڻ پيو اچين چڙ
9. وقت کي نيٺ واڪ، ڏيٺو هو
10. هنيلا هرڻ پاڻيءَ مان پئن ٽا سچ جا ڪرٽا
11. وڻ جي هينان وينو آهيان، دور گگن آ دام پکين جو

نوان نظم

1. ڪابہ ڪويتا اُجري ناهي
2. هُن شخص جو ذڪر
3. ڏنڌ جي هُن ڳوٺ ۾!
4. بي مثل
5. تون جا پاڻ پکيءَ جهڙن آن
6. نياپو
7. لڪ لڪوٽي
8. فيصلو
9. ڪرين تو اشارو
10. تون نہ آهين
11. ٿي منظر
12. ازل ابد
13. شهر منيءَ لاءِ هڪ نظم
14. انڌي ديدَ تنهنجي آ عادت اِها
15. گُلن جا خريدار
16. اُلڪو

17. شاعر شعر نٿو لکي
18. ڪاٿو
19. الاءِ تون ڪٿي آهين؟
20. منهنجي من جي ساحلن تي
21. جڏهن تون وهنجدي آهين
22. تنهنجيون ڳالهيون
23. گيت محڪوم ناهن اسانجا

تاج جويو ۽ نصير مرزا جي مهرباني جنن ”سارنگا“ ۽ ”الا تون ڪٿي آهين“ ڪتاب ڏياري موڪلي ڏنا. گهڻي مهرباني ميرحسن آريسر جي جنهن رسالي جا فائينل پروف پڙهي ڏنا، رسالي کي خوبصورت ڪرڻ لاءِ الاهي سارا مشورا بہ ڏنا. مهرباني انهن جي بہ جنن وٽ حسن جي شاعري موجود هئي پر ڏيڻ کان انڪار ڪيائون. اهي پاڻ کي حسن درس جا ويجها دوست سڏائين ٿا.

يار سڏائي سيڪو جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪل پوي

.

**محمد علي ماجد**

# سهيڙيندڙ پاران

حَسن بنا پنج سال، پنج صديون يا شايد پنج قيامتون گذاري، 2016 جي 16 جُون بہ آئي ڪي آئي، وري هڪ صديءَ جيڏي دَرد جو انگ وڌائڻ لاءِ. مري مري، جيئڻ جي ايڪٽنگ ڪرڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي، اِهو سبق مونکي اِن ئي عرصي سيکاريو آهي. دعوائون ڪندڙ ڪوڪلا رشتا ۽ نانگن کان بہ وڌيڪ زهريلا ماڻهو اسان سان ايئن گڏ گڏ رهند آهن جيئن انهن کان وَڌ اسانجو ٻيو ڪوبہ مُخلص، پنهنجو ۽ همدرد نہ هجي. حَسن واقعي سچ ئي تہ چيو هو "هر انسان اڪيلو آهي."

مون حسن جا ڪي بہ پروگرام نہ ڪرايا. فقط ٽينءَ سال تي ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ ادا نصير مرزا جي ساٿ سان هڪ شاندار Tribute پروگرام ڪري اِها روايت وجهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ تخليقڪار ڪي محبتن جي پيتا ڏيڻ گهُرجي نہ ڪي اُن جُون ورسيون ملهائجن. اِن پروگرام تي حسن جي ڳوٺ جي "چڱن مُڙسن" اهو Compliment ڏنو تہ "مائي، حسن کي ڪيش پئي ڪرائي، تڏهن تهڪ ۽ سُڏڪا منهنجي اندر جي کنڊر ۾ پاڙ ڪيدي رُنا هئا. خالي هٿن حَسن مون لاءِ ساري ڪائنات هو بلينڪ چيڪ نہ!

ڪيس جي ڪيش ڪرائڻو هجي ها تہ پنج سال ڪوڙ هئا N.G.Os ۾ پير جمائڻ، پروجيڪٽ ڦٻائڻ، اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ نمائندگيون ۽ نوڪريون پنڻ کان وٺي سندس دوستن جي پاور فُل سرڪل کان ذري پرزي تي favor وٺڻ لاءِ ۽ مون تہ اڄ ڏينهن تائين اُهي تعزيتي رجسٽر بہ ناهن ڏنا جيڪي "يقينا حسن جي ٻارن جي امانت هئا. منهنجي خواهش هئي تہ انهن سمورن تاثرن کي انهن مضمونن سان گڏ ڇپايا ها جيڪي حسن جي وڇوڙي تي دوستن ۽ پيار ڪندڙن پاران لکيا ويا، پر شايد انهن تي اسانجو ڪو حق نہ هو.

ساري سنڌ جي پرين حسن درس جي رسالي جو پهريون ڇاپو 2010 ۾ انڊس فائونڊيشن پاران مسعود لوهار نهايت سهڻي انداز ۽ دل سان ڇپائي پڌرو ڪيو جيڪو ڪيترين ئي تنقيدن ۽ اعتراضن جي باوجود هٿون هٿ کپي ويو جنهن کان پوءِ ڪجهہ ٻين دوستن بہ سندس چونڊ شاعري کي ڪتابي صورت ۾ آندو پر گڏوگڏ مڪمل رسالي کي پڌرو ڪرڻ واري گهُر جاري رهي، جيڪا يقينا منهنجي ذميداري هئي ۽ اِن لاءِ مونکي ڪاڇو پبليڪيشن هر لحاظ کان بهتر لڳي. محمد علي ماجد رسالي جي ٻئي ايڊيشن کي بهتر بنائڻ ، ۽ ايڊيٽنگ وارين غلطين کي دُور ڪرڻ کان وٺي شاعري پيٽڻ ۽ حسن جا نوان غزل ۽ نوان نظم جيڪي پهرين ايڊيشن ۾ شامل نہ ٿي سگهيا، انهن کي هٿ ڪرڻ تائين جيڪا محنت ڪئي آهي، اُن لاءِ ڪي بہ stereotype جملا چئي سندس ڪيئي تي پاٽي ڦيرڻ برابر آهي، پڙهندڙ پاڻ ئي اِن جي گواهي ڏيندا. جن دوستن حسن جي شاعري هٿ ڪري ڏيڻ ۾ سهڪار ڪيو تِن جا ٿورا.

اُميد تہ سيڪنڊ ايڊيشن ۾ انهن غلطين جو ورجاءَ نہ هوندو. جن جي نشاندهي پهرين ايڊيشن ۾ ڪئي وئي.
”حسن درس جو رسالو“ حسن ۽ اُن جي انوکن خيالن سان پيار ڪندڙن وٽ يقينا مانَ پائيندو.

**اِرم محبوب**

# حَسن . . . حَسن . . . حَسن ! ! !

مون ڪڏهن به پنهنجي پُٽ مُرشد ۾ حَسن ۾ ٻنهي ڪو فرق نه سمجهيو ۽ هُن به سدائين مونکي سڳي ماءُ جيان عزت, محبت ۽ پيار ڏنو جنهن ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي, چوندا آهن ته انسان ڪي سندس گفتگو مان پرکبو آهي. جيسين هو وات نه ڪوليندو تيسين هن جي سڃاڻ لاءِ ڪا راءِ قائم ڪرڻ مشڪل هوندي آهي . . . جتي وات کوليندو اُتي پَت وائکي ڪرائيندو يا پوءِ دل ۾ جڳهه ٺاهيندو . . . . پر حسن جي سڃاڻ جو آثر, هُن جي هڪ خاموش نظر وجهڻ سان ئي واضع طور محسوس ڪري سگهبو هو ته هن ۾ انساني همدردي, قُرب, نيڪي ۽ نيت جي سچائي کان علاوه علميت ۽ روحانيت جو رنگ پيو جهلڪا ڏيندو هو. . . پوءِ چاهي جنهن سان به ڳالهائيندو ته جڻ ان جي دل جي تخت جو وارث ٿيجي ويندو . . . پوري سنڌ کي پرين جو پاڇو سڏيندڙ هُو آزاد منش انسان . . . . سدائين پيار ۽ پنجهاٿ وارن رَوين ۾ مَست مگن رهيو. . . اصل معنيٰ ۾ هو عُمدگي سان تراشيل هڪ اهڙو هيرو هو جنهن کي وڃائڻ کان پوءِ اڄ سڄي سنڌ حيران ۽ پريشان آهي.

پياڪ ته گهڻا ئي پيا آهن دنيا ۾, پر هر ڪنهن جو اندر اِن هيري موتي . . . ماڻڪ حسن جيان اجرو ۽ معصوم نه هوندو, هُن جهڙي منڙي مُرڪ نه هوندي. . . اهڙا املهه ماڻڪ ڪڏهن ڪڏهن دنيا کي پنهنجو ديدار ڪرائي, قدرت جو رنگ ڏيکاري چوڏاري محبتن جا ڪڏهن نه اجهامندڙ مَچ مچائي هڪدم هليا ويندا آهن ۽ هميشه لاءِ ويچوڙي ماريل دلين تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي ويندا آهن . . . حسن ائين هڪدم هليو ويندو. . اڄ به يقين نٿو اچي . . . ڪڏهن لڳندو آهي ته مشاخن مان اڃان ڪونهي موٽيو اتي ئي آهي جتي ڪيس وڻن جي ڇانوَ ۾ کٽ تي ليٽي ٽڏڙين هيرن ۾ ڪوئل جي ڪوڪ ٻڌندي ڏونرا ڪائڻ, زور ڏياري گهري ننڊ ڪرڻ ۽ مِٺن مائٽن سان ڪچهريون ڪرڻ ڏاڍو وڻندو هو. . . ڪڏهن لڳندو آهي ڪنهن ڪانفرنس ۾ دوستن وٽ اسلام آباد ۾ هٽيڪو هوندو. . . يا ڪنهن ڳوٺ ۾ محفلن جو مور ٿيو شاعري پيو ٻڌائيندو هوندو, چو ته جمعيت سان ته هو ويهي نه سگهندو هو. . . ۽ هاڻ جڏهن اوچتو ڪمري جو در کُلي ٿو ۽ ڏگهي پاڇي جي رڳو جهڙي اڃان جهلڪ ڏسبي ته دل تِڙي ٿي پئي ته هو اچي ويو. .. .پر يڪدم نظرون مٿي کڄڻ تي پَتو پئجي وڃي ٿو ته اِهو حسن نه ٻلڪ روحل حسن آهي . . . هُوبهو پنهنجي پيءُ جي قَد ڪاٺ تي ويل! ۽ هڪ دفعو وري اسان طلسم مان نِڪري ايندا آهيون ته حسن ڪو ٻاهر ويل آهي . . . هاڻي ته هو اهڙي جهان ويل آهي, جتي رڳو خوابن ۾ ئي ساٿس ملي سگهجي ٿو. . . .

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته حسن پنهنجي دور جو تمام وڏو نالو آهي, هر دل اندر گهر ڪندڙ. . . . هُن سان اسان جي آخري ملاقات اهائي هئي جنهن ۾ اسين هن سان طارق عالم جي گهر وياسين, واپسيءَ تي تعزيتي بوڪ تي نوٽ لکڻ کان پوءِ ڪار ۾ ويهندي ڏک سان چيائين, "اسان چاهي جي

رانديڪي وانگر آهيون. چاهي ختم تہ زندگي بہ ختم“ ۽ پوءِ رات ساڍي نائين وڳي تائين اسان جو هن سان ساٿ رهيو جنهن بعد رات جو ٽين وڳي ڏاري دوستن وٽان موٽندي نِڊوريَ چنڊ گرهڻ ڪيس پونم پيٽرول پمپ وٽان اڳتي، زندگي جي رستي تي هلڻ جي مهلت ئي نہ ڏني . . . ۽ پوءِ

صبح سان ساري سنڌ ۾
حَسن حَسن حَسن !!!
شال خدا اسان کي صبر سان هِن بيوسيءَ کي برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڏي . . .

**ماهتاب محبوب**
18.7.2011

# حمد

# نعت

# بيت

# ڪسيرو چا ڪٽي آهيان!

ڪُڏي آهيان، صفا ڪمتر، ڪسيرو چا ڪٽي آهيان،
مگر مُرسل متي نالي، وڻ جي لئہِ ٻٽي آهيان

وني ويراڳ جا رستا، پچايان پئي پنهون پنهنجو،
ڪريان ڏم ڏم ڏمالون تي، ڪري ڇم ڇم ڇٽي آهيان.

علي عہ اولاد تنهنجي تي، ڪريان مان ساھ سر صدقي،
فقيرن ۾ فراقن جي، متي جا مان ڦٽي آهيان.

عجيبا اوڏڙو ڪر تون، ڏئي ڪا جاءِ پيرن ۾،
مِلو مون سان منا مُرسل، وڇوڙن چو وٽي آهيان؟

صفا ويران واٽن تي، آهيان ويٺي وڇوڙيل تي
پرينءِ جو پيار جي ملندو، تہ پوءِ مان پدمٽي آهيان.

قلندر لال جو ڪِشتو رڱن ۾ روح جو رشتو،
وڏايان پئي وٺو تنهنجو گهٽائڻ ڪان گهٽي آهيان.

نظر ڪج نور جي نوري، اگهاڙي ۾ اَٻالي تي،
گناهن ۾ گتل آهيان، پلي چا پي ڪٽي آهيان.

سمورا تاج، تلوارون، ڪريان سڀ تخت تو صدقي،
غلامن جي غلامن ۾، اگر جي مان ڳٽي آهيان.

خدا جو سُنهن تہ منهنجي دل، پئي ڦاٽي ٻڌڻ جي لاءِ،
رڳو چئو هن چوريءَ جو ، محمد صہ مان ڏٽي آهيان.

نماڻي ناز ۾ ناري، ٻندي تنهنجي آهيان ٻاري،
اڪيلي عشق ۾ احمد، ”حسن“ هڪڙي جٽي آهيان.

# اسانجي روح جا راڻا

آيل ڙي اولاڻا، محمد مصطفيٰ سائين
اسانجي روح جار راڻا، محمد مصطفيٰ سائين

ٿئي آباد هيءَ سنڌڙي، اسانجي جان ۽ جندڙي
وسن ڀاڳين سندا ڀاڻا، محمد مصطفيٰ سائين

اگهائج عرض تون آري، قبولج قرب پنهنجي مان
دُعا جا هي ڀِ تي داڻا، محمد مصطفيٰ سائين

رڳو نالو متو تنهنجو ”حسن“ ونندو رهي هر هر
ڀيو ڪجهه ڪونه تو ڄاڻا، محمد مصطفيٰ سائين

# اندر جي آرسي اُجري

شب فراق ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو
مديني پاڪ ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو.

اندر جي آرسي اجري، پسون پنهنجو پرين پيارو
تڪن کي تاڪ ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو.

هوا هلڪي هلي هوريان، سڳنڌون سر نوائن جت،
گلن تي ماڪ ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو.

نماڻي ڏات منهنجيءَ جو ڏيئو پرندو رهي هر دم،
تڪيي ۽ تاڪ ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو.

پڪاريان پيو پنهون پنهنجو سٽي وٺ سڏڙا سائين،
لڪن لولاڪ ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو.

صبح ۽ شام جو شامل، ۽ ڪاري رات جو ڪامل،
ٻپهري تاڪ ۾ ديدار تئي محمد ﷺ جو.

# محمد ﷺ من ۾ اٽڪي وينو

محمد ﷺ نور جو نالو سچو خود نور آ مُحمد ﷺ
خُدا جو خيال آ محمد ﷺ پرين جو پور آ محمد ﷺ

پريل پئمانو آ محمد ﷺ سچو مئخانو آ محمد ﷺ
خماريل نيڻ سهڻي جا سچوم مخمور آ محمد ﷺ

پٿر تي ليڪ آ محم ﷺ سمندر ساھ آ محمد ﷺ
جبل جي چوٽ آ محمد ﷺ ٻبر جو ٻور آ محمد ﷺ

ستارا چنڊ ۽ سورج سدائين عشق جنهنجي ۾
صبح جو سحر آ سائين سچو محسور آ محمد ﷺ

ڪجل هُن جا تجل هن جا ازل آخر اوھوئي آ
نڪو آدم نڪو عيسيٰ نہ موسيٰ طور آ محمد ﷺ

فقيرن جا پنڻ پيالا سدائين ٿو ڪري پُرڪش
پلارو پرجهلو آهي پلو پرپور آ محمد ﷺ

عليءَ جي ڳليءَ جو ڪُتڙو مان تنهنجي شهر جو ڪتڙو
سدا سيوهڻ پٽائي پٽ مون کي منظور آ محمد ﷺ

عدالت عشق جي ۾ آ محمد حسن شاهد
محمد ﷺ من ۾ اٽڪي وينو چوين ٿو دُور آ محمد ﷺ

# مرسل سائين تنهنجا آهيون

رمتا جوڳي رامڪلي ۾، رانول سائين تنهنجا آهيون،
مرليون سُرليون باجا بينون، سانول سائين تنهنجا آهيون.

لمحا لمحا، لحظا لحظا، ساھ تہ چا ويساھ بہ آهين،
سارو جيون تن من تن من، پل پل سائين تنهنجا آهيون.

چانو بہ تنهنجي تون ئي چپر، آ ڍڪ بہ تون ئي ڍول اسانجو
جهڙ ڦڙ بوندون ۾ برساتون، بادل سائين تنهنجا آهيون.

هيٺن کي ڪر بيٺو ٽيٽو رهبر سبحان راھ ڏکيءَ ۾
ڪمتر آهيون ڪوجها آهيون، ڪامل سائين تنهنجا آهيون.

درس حسن پڻ در تنهنجي جو ٻانهون آهي نوڪر آهي،
سنڌ سموري توتان صدقي، مرسل صد سائين تنهنجا آهيون.

# اديون هن چام آريءَ جو

اچي ٿو واس وڻ وڻ مان اديون هن چام آريءَ جو
ڪنيو آ جنهن ذمو پنهنجي هٿن ۾ سنڌ ساري جو.

نِنڊيا سپ وڻ وڏا ٽيندا، ٻڏان ٿو ٿهڪ تاريءَ جو
ڪلن ۽ ڪارخانن ۾ حصو ٿيڻو آ هاري جو.

ٻنين ۾ گاهه گلزاريون سٽان ٿو ٻول پاريءَ جو
ٻُڌيا ۽ ٻار تا مُرڪن وٺي پيو ويس ناريءَ جو.

ڪجل جي ليڪ ڪاري مان ٿئي چمڪات واري جو
”حسن“ هردم ڪنيو اچجان قصو ٻي ٻاڪ ٻاريءَ جو.

## تنهنجي پيرن مان فجر هر ڪا ڦٽي مولا علي ع

تلوار هر تنهنجي اڳيان، آهي ٽٽي مولا علي ع
تنهنجي پيرن مان فجر، هر ڪا ڦٽي مولا علي ع

روشنين جا سيئي رستا، پنجتن جي پيرن ۾
هر گهٽي گهمندي اچي، توتي کٽي مولا علي ع

عشق جي اسڪول ۾، درس تنهنجو آ پڪو
ٻارڙي هر ڪنهن سندي، ٿيندي چُٽي مولا علي ع

# هن بغدادي جي بات وڏي

جتي سِر آهن سين جا تسليم خم، اتي پير آ پيران پير سندو،
هن بغدادي جي بات وڏي، مان نوڪر دستگير سندو.

جا چائنث چمندي چاھ وڏي ۽ ماڻهوءَ جو ويساھ وڏي،
سج چمڪي منير ماھ وڏي، مان عاشق تنهن تہ امير سندو.

جنهن ڪي محمد صہ وٽ ميجتا بہ ملي، ڏسي قدرت جنهن لاءِ خوش ٿي ڪلي،
جنهن لئہ فطرت ٽڙندي چا تہ ٿلي، وٽ نالو سبحان سفير سندو.

جيڪو بنيادي بي شڪ آهي، جيڪو وحدت وائي حق آهي،
جيڪو لافاني لاشڪ آهي، مان بندو تنهن بي نظير سندو.

او جيلاني ڪم ڪار ڪجان، مون ڪي ڪين پيرن ڪان ڏار ڪجان،
سنڌ سائي ۽ ٿمتار ڪجان، سڻ عرض ڪو درس فقير سندو.

# اُچارن ٽا پرين پنهنجو!

حسن حامي حسيني ٿئي، قلندر لال مروندي،
ڏهاڙي ڏات جو ڏيئو ٻه ٻارن ٽا پرين پنهنجو!

ٿئي ٿو روز هي روشن، اپارن ٽا پرين پنهنجو!
چپن ۾ چپ ۾ چوندي، اچارن ٽا پرين پنهنجو!

حياتي سچ جي تنهنجي، لڪيءَ ۾ ٿي لهي ايري،
ڀماڙن ڪان پڇي ڏسجان، پڪارن ٽا پرين پنهنجو!

جڏهن ڪيسا هجن خالي، ڪري ڏس ات خريداري،
نقد ۾ نينهن نه ٿيندو اڌارن ٽا پرين پنهنجو!

ستارا پير جي هينان، پيا آهن پنن وانگي،
لنگهائي لهر تان لاحد، اڪارن ٽا پرين پنهنجو!

ڏسڻ جي ڪا ڏسا ناهي، ڏسي هونئن جاءِ هر ڪنهن تي،
اکيون ٻوٽي اندر ۾ ئي، نهارن ٽا پرين پنهنجو!

ڪيو سرٻات تو جيڪو سڄڻ ٽا سڀ سجاڳيءَ سان،
ڪيل هر قول ۽ واعدو ٻه پارن ٽا پرين پنهنجو!

غلامن جي غلامن ۾، ڳڻين شل مون کي تون مُرسل صه،
ڪتو ڪبريا سندو نزديڪ، ڏارن ٽا پرين پنهنجو!

وري هڪ مست ماٺهوءَ سان، ملڻ جو موقعو ملندئي،
سخي شهباز گنبذ تان، اڏارن ٽا پرين پنهنجو!

# ننڊ جا پيڙا

اسانجي ننڊ جا پيڙا، لهن ٿا جاڳ جي جر ۾،
سنڌوءَ جي سير جا سپنا، ٺهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

دريا آ دادلو دائم، اسانجي ديس جو دلبر،
مٿيءَ جا معجزا ٿيندا، ڪهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

اُيا ٿي سڙه سنڌوءَ ۾، قلندر ڪي ڪنائيندا،
پٽائي عشق جا جلوا، رهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

”حسن“ هر دم حسيني رَهه عقابي آسماني ٿي،
پنجن جا پار ۽ پيرا، وهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

## بي بي رابعہ بصري تولاءِ!

جيءَ ۾ ويٺي جايون جوڙيان
تون نہ قلندر مست قلندر،
حيدر حيدر حيدر حيدر
”اڪ شمع جلتي هي اپني نور سي،
جو دڪائي دي رهي هي دُور سي،
خاڪ پر اپنا بسيرا بن گيا،
مونس اپنا تو تن اور من گيا،“
هاڻ اهڙي حال ۾ مان ڇا ڪريان؟
مت مدهوشيءَ منجهان مئہ جا پريان،
او عاشقن جي عاشق سائڻ!
تن جي ترندڙ پيڙي پوڙيان،
بي بي رابعہ بصري تولاءِ!

”خلوت ڪا اڪ خاص خزانہ ملتا هي،
جلوي ڪو اڪ نام نشانہ ملتا هي،
دوري ڪي افڪار يي ڪتني پياري هين،
هم جو جيت ڪي خود هي خود سي هاري هين،“
زندگيءَ ۾ زاهدي ڪجهہ ڪين آ،
شاهدن جي شاهدي ڪجهہ ڪين آ،
آب ڪوثر عام تو اسرار ڪيو
عشق جو اظهارِ اقرار ڪيو
بي بدل بختاوري جي مالڪڻ
پنهنجو منهن مان توڏي موڙيان
بي بي رابعہ بصري تولاءِ!

”از چشم هووي يار وه آنکين بدل نہ دي،

ميري روح ڪا ترنم سائين بدل نہ دي،
اڪ درس ڪي هي دنيا، اڪ درس ڪي خدائي،
اڪ درس جو ملا تا، اڪ درس ڪي جدائي،“
آب ڪوثر عام تو اسرار ڪيو
عشق جو اظهار ۾ اقرار ڪيو
نام خدا نمناڪ نہ ڪر تون،
پنهنجو پاند ئي توسان جوڙيان.
بي بي رابعہ بصري تولاءِ!
جيءَ ۾ وينو جايون جوڙيان.

# چپر ۾ چانوَ پنجتن جي

بندا بابا قريشي رح سان اچي جنهن باغ ۾ لهندا،
سجايل سيج سيوهڻ جي تڪيا تن جا اتي ٺهندا.

چپر ۾ چانوَ پنجتن جي وسيلا واه جيئن وهندا،
اسان جا اندر اورانگهي اتي رستا رمتا اچي رهندا.

هوا جي هٽ تي ڏيئا اسان جا باٽ ۾ برندا،
ڪُنن مان تون اُڪاريندين توانا تار ۾ ترندا.

اسان جا چيڪ تي چيلا سدائين چاندني چرندا،
اونداهي گُگهه مان گهوڙا اسان جا خير سان ورندا.

قلندر قافلا تنهنجا پُڄي تو وٽ اچي ٺرندا،
صدين جا پنڌ سوگها ٿيا لڏائون لال لمحي ۾.

- سائين احمد علي قريشي، دورِ حاضر جو اويسي قلندري سلسلي جو بزرگ جن جي مزار لال باغ سيوهڻ شريف ۾ آهي.

## دوست الله هُوا

عشق الله هو مُشڪ الله هُوا
دم دم دلبر، دوست الله هُوا

جڳ مڳ جڳ مڳ جاما جوڙين،
مئخاني جي مٿي تو ۾،

بابا احمد بيٺو آهين،
سيوھڻ جي هڪ گهٽي تو ۾،

تون ئي تونگر دوست الله هُوا
پٽ تي چير وجائين چم چم،

باغن ۾ بازارون ٿاهين،
سڻندي روز سسئيءَ جا سڏڙا،

ڪيچن ڪيچ قطارون ٿاهين،
قابل ڪوثر دوست الله هُوا

دل جا چپ چمن ٿا جن کي،
تنهنجا پير پٌون من پرچي،

تنهنجي در تي مفت وڪاسين،
اسان خاص لئہ خرچي،

گهورون گهر گهر، دوست الله هُوا
لڪيءَ منجهہ لڙيو جو سورج،

درس حسن ديوانا ڇاڙج،
تنهنجو پيالو پُر آ رهڙو

مئہ ڇاڙج مئخانا ڇاڙج،
جاني جر ٿر، دوست الله هُوا!

- سائين احمد علي قريشي رح

## ابجد عبداللطيف جو!

شاهه ڪريم حبيب، ابجد عبداللطيف جو
ڀريون سيد لال شاهہ نينڊڙو ناز نصيب،

حضرت سيد عبدالرحيم، وحدت تن طبيب،
حضرت سيد جلال شاهہ شهداءِ منجهہ شَقيب،

برهان شاهہ بهادر، طاقتور نجيب،
سيد الله مجذوب، قادر ڪي ٿئي قريب،

دين محمد دوستو عاشق عجب عجيب،
سيد حسن سُرخرو غربت منجهہ غريب،

اٺون عبدالقدوس شاهہ نامور نقيب،
نائين ڏهين يارهين، نياٽين جو نصيب،

حسن درس خدمتون، ڪندڙ خاص خطيب،
حسن عيب حسيب، محمد صہ تنهنجي ميم مان

## عبداللطيف جا آبا !

پڻ تو جت ڪوڙيا، سيني پٽن ڪي مان چمان،
تو ورهايا جي وڏو ٿي، تن وٽن ڪي مان چمان.

تنهنجي چوٽي جو ٻـ چوٽو مون فقر ماني ملي،
جي پريئي بلڙي هٽن سان، تن مٽن ڪي مان چمان.

تنهنجي چادر ڪي چمان، تنهنجي جتي چڪ ۾ ڪٽان،
تنهنجي ليڙن ڏڪڙين، تنهنجي لٽن ڪي مان چمان.

دين محمد دوستن جو خيال رکندو آ گهڻو،
عبداللطيف جا ابا، تنهنجي گهٽن ڪي مان چمان.

# بلڙيءَ وارا سائين !

ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهه ڪريم سدائين!

مون کي پاڻ پسائين.
ليڙون ليڙون لباس ڪلن
جو
تو تہ گهرڙو ناهيو
ڪکن جو
پيار آ تو سان پٽ پکن
جو
تن من ۾ ترسائين ،
ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهه ڪريم سدائين!

عاجز ايڏو عجز الله هُو
توبهہ تائب طرز الله هُو
ڪارو پيلو سبز الله هُو
لالڻ سان لنئون لائين،
ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهه ڪريم سدائين!

عبداللطيف تي ائين آخر،
منهنجا مرشد، منهنجا رهبر،
درس حسن آ تنهنجو نوڪر،
پٽ ڏٽيءَ کي پائنئين،
ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهه ڪريم سدائين!

# بي خودي اختيار تي....

خود خوديءَ مان جند ڇٽي ۽ بي خودي اختيار تي،
بي فڪر مُرڪي فقيري، عاشقي سينگار تي.

اي مُلان تنهنجي مغز ۾ مئہ نٿي ماپي سگهي،
هر دفعي هُل ۽ هنگامي ۾ آ تنهنجي هار تي.

پاڻ لاهوتي لڪن مان روز چا هر هر لنگهون،
غير سان ساڳئي جبل ۾ جُٽ چا چا ڪار تي.

موج هت اُلجهي نہ ڪائي پاڻ سان مهراڻ ۾،
بي خبر پنهنجي تہ ڪشتي هر دفعي آ پار تي.

سج چنڊ تارا قلندر هت ڪٽي هلندا اٿئي،
بي مُروت جي مٽي تي زندگي خود بار تي.

عشق اهڙو واس واسيو گل پريشان تي ويا،
واءَ ۾ خوشبو گهُلي وئي هر جڳهہ هيڪار تي.

تنهنجي ڇهري ڪي پسي پيو رقص ۾ رم جهم نچان،
زندگي سرشار تي وئي دلبري ديدار تي.

اهل دل، اهل نظر سڀ ڪجهہ تہ سمجهي ٿي ”حسن“،
آل جا دشمن اسان ڪان تي پري تون ڏار تي.

# بيت

اول نام الله جو جنهن آ جوڙيو جڳ،
مُرسل مير مهابي آهي، ساٿ سلامت سڀ،
پيراڻيءَ جي پانهن تي، ويڙهيچن جو وڳ،
تندو آدم تانڪبو روح اسانجي رڳ،
ڳوٺ مشائخ هوتي آهي، لال لطيف جي لڳ،
درس حسن جو دائرو دونهين پاسي دڳ،
عشق ڏنو جنهن اڳ، آب ڏنائين اڄ ۾.

❖

اول نام الله جو جنهن جوڙيو جنسار،
ڏاڍا دل جا ڏرڪندڙ ساهن جو سنسار،
آٽي آدم عام ڪيو وندر ۾ واپار،
محبت اڳيان مامري، توبه ڪئي تلوار،
حسن درس حقيقتن، پنڌ پرين جو پار،
ڳڻ رهي تو گونج ۾ درسن ڏارئون ڏار،
طالب تارئون تار، آب ڏنائين اڄ ۾.

❖

شاهه ڪريم شريف، ڪچي پچي ڪين ڪي،
فضل سدا فيض جو ڪتي، چيٽ خريف،
دوست ڪارڻ دوستي، هيڪاندي حريف،
زبردست ظريف، منو ماڪيءَ لار جيئن.
بلڙي تنهنجي بوءِ، واسيو واس وطن کي،
چمڪيو پيٽ پراڻ جو جرڪي ساري جُوءِ،
هڪ روميءَ جي روءِ، بيو آسڻ عبداللطيف جو.

❖

بلڙي تنهنجا پير، اکيون عبداللطيف جون،
تنهنجو نينگر تو منجهان، تو سواءِ پيو ڪير؟
پنجين پيڙهي پيٽ مان، پٽ متان ڪيئي پير،
دلبر تنهنجي دير، مون کي سگهو پجائي سڄڻين.

❖

راڻي پڄاڻا، هنڌين ماڳين هُو ٿيو
ٻتيون ساريون بند ٿيون ڏيئا اجهاڻا،
پُسيل پاند ڳچيءَ ۾ آلا وَهاڻا،
چاڻان ڪيئن چاڻان، راڻي ناهي راج ۾.

❖

بيٺل ٻاهين وچ ۾ ڏيادار ڏاهي،
فقيرن ۾ فرق ٿيو ڦٽڪي پئي ڦاهي،
هٽي هام اٿي هلي، ڪُوڪي ۽ ڪاهي،
راڻي ٿي راهي، پنهنجي ملڪ ملير ڏي.

❖

پيچ پنيءَ جو پيڻ جلتل جنازا،
گلابن جي گود ۾ تن رهن تازا،
اهڙيون عشق اڏاوتون رمزن جا رازا،
دل جا دروازا، عشق اکين ۾ کوليا.

❖

نانگا نگر پارڪر ۾ آديسي آيا،
ڳالهين سندا ڳوٺ ٻڌي ڳاراٽا ڳايا،
نڪا طلب طعام جي موهيا نہ مايا،
نڪو هنڌ حجاب ۽ ڪٿون نہ پايا،
ويڙهيل فرش فقيرن وري وڇايا،
گفتا جن جا گودڙين، رمتن جا رايا،
ڏڏڙ سرڙا ڏوپ ۾ نانگن نوايا،
بکن بچايا، آب ڏنائون اڄ ۾.

❖

اندر منجهہ اذان، ٻاهر ساز سُرود ۾،
نڪو سجدو ست سان، نڪو نرڙ نشان،
نڪو گهڙو گهاٽ ڪو نڪو مڙهہ مڪان،
نڪو لشڪر لوهہ جيئن، نڪو تير مڪان،
نڪي نيت نماز جي، تار بہ پنهنجو تان،
حسن تنهنجي حال تي ڪلندو رهندو خان،
آدم ۽ انسان، گڏ ستا هڪ گود ۾.

❖

ٻڌم فجر ٻانگ جيئن، اندر جو آواز
اسر ويل اٿي ڪري، جو ڇيڙيم صبح ساز
رات سمورو راز، اوندهہ عشق اجاريو.

❖

سمجهو منجهيا سمجهہ ۾، الجهيا اوجهڙ ۾ وڃي،
ڳُجهہ ڳجهاندڙ ڳالهڙي، پلين ڪانہ پڄي،
ماڳهيان آن مڃي، عقل اڳيان هن عشق جي.

❖

گڏ سُتا هڪ گود ۾، واهرو ۽ ويري،
چورن ڪنيا چت ۾، پنهنجي لئِ پيري،
اک اجاڙيو عشق ڪي، محبت هئي ميري،
فڪر جي ڦيري، ايندي آهي عقل ڪي.

❖

گڏ ستا هڪ گود ۾، خادم ۽ مخدوم،
هڪڙي گرد گناه جي، من ٻيو معصوم،
هڪڙو ظالم زبرو، ماڻهو ٻيو مظلوم،
معنيٰ ۽ مفهوم، سمجهو سمجهي ٿا سگهن.

❖

# غزل

هِيءَ هوا تنهنجي، حُسن جي هاڪ ۾،
پَئِي ڦِري هر تام ۾ ۽ تاڪ ۾.

تون وسِيِن خوشبوءَ ۾، سُرهاڻ ۾،
باک ويلي، مهڪ گُهلندي ماڪ ۾.

تون نہ موٽئين، مون نہ سُودي ننڊ ڪا،
نيڻ ڏِيئن جِيئن ٻَريا پئي تاڪ ۾.

مان بہ ڪافر، بُت اچي تنهنجو رکيم،
اڄ وري دل پنهنجي ڪعبي پاڪ ۾.

سِڄ، سرمد ۽ ننڍڙا ٻارڙا،
سڀ اگهاڙپ جي ڍڪيل پوشاڪ ۾.

هي ”حسن“ آواره گرد آدمي،
تو ڏٺو آ ڇا پيلا رولاڪ ۾؟

❖

واءُ ۾ خوشبو گُهلي ويئي هَلي،
واس وتندڙ بن ۾ رُلي ويئي هَلي.

تون الائي ڪنهن ڪناري پَئي رُلين،
هوءَ اچي جُهولو جُهلي ويئي هَلي.

سڪ جو هِي سمنڊ ماٺو ٿي ويو
ڇِڪ جي ڇولِي ڇُلي ويئي هِلي.

تو پڇيو يا ماٺ ۾ ئِي اوچتو
ڳنڍ ڳالهين جي کُلي ويئي هَلي.

مهڪ وانگي ٽهڪ وانگي وَڪرندي،
هوءَ تہ ڪمري ۾ هُلي ويئي هَلي.

❖

ڪنديون لوڏ سان هوڏ ڇا هي هوائون،
تنهنجي ٽور تي گهور ٿي پيون گهٽائون.

تنهنجي موهه جي ٻوهه جڪڙي وڌو
زنجيرن ۾ زُلفن جون ارڙيون ادائون.

اسين گس جي وس ۾ ئي نہ رهياسين،
اڪين ئي اکين ۾ جو روڪيائون راهون.

اهي مهڪ ۾ ٽهڪ پرتا اوهان ڪي،
اوهان جا اوهان سان، اسان ساڻ آهيون.

ڪنهن نار جي سار آليون اکيون ڪيون،
ٽيو چاهہ ويو چَين، من ۾ چِتائون.

وٺو رات ۾ ذات ڪڙڪا ڪيا،
گڏ ميت ۾ گيت جون گُذر گاهون.

❖

مٺان ڪان شهر، نظر جيئن ٿو اچي جانان،
پکيءَ جي اک ۾ منظر اهو بچي جانان.

هجر جي هانو تان پهرو پري ٿئي پياري،
نصيب نينهن جو نڪري اچي نچي جانان.

اکين ۾ عشق سچاٽپ جو سوئيرو پائي،
رڳن ۾ رنگ محبت سندو جچي جانان.

سمورو سمنڊ سلامت خدا رکي ساحل،
ڪنيو آ ٻڪ دعا لاءِ ٻچي ٻچي جانان.

❖

رستا سوڙها ۽ ٻيا وڻ،
واهڻ پوڙها ۽ ٻيا وڻ.

ٻن ۾ مون سان ٻيئنا آهن،
منهنجا ڳوڙها ۽ ٻيا وڻ.

ماڻهو مارِيئون ڪري اڪيلا،
لانڍيون، لوڙها ۽ ٻيا وڻ.

ڏرتي ڪِيئن جُهڪن هي تنهنجا،
ارڏا گهوڙا ۽ ٻيا وڻ.

تو سان گڏ "حسن" هي پنڇي،
جوڙا جوڙا ۽ ٻيا وڻ.

❖

آئون تو ساڻ، تون ڪٿي جانان!
هن گھڙي هاڻ، تون ڪٿي جانان!

زندگي زلزلي ۾ ڦٽڪي پئي،
ڪيڏي ڇڪتاڻ! تون ڪٿي جانان!

تي سگھي جي تہ مونکي ميڙي وٺ،
زندگي واڻ، تون ڪٿي جانان!

آئون تو منجھ مئو پيو آهيان،
پاڻ تون پاڻ، تون ڪٿي جانان!

چپ منهنجا نہ سُڪن پيا ساگر تي،
اک آلاڻ، تون ڪٿي جانان!

ڪھڙي ڪُنڊ ڪائنات جي وچي ورتئي؟
پاڻ کي آڻ، تون ڪٿي جانان!

ڪنهن گھڙيءَ منجھ تون گُھمين پيئي،
ڪو سفر ساڻ، تون ڪٿي جانان!

آئون رڻ ۾ رَڙي سڙي ويندس،
مان تيس پاڻ، تون ڪٿي جانان!

منهنجي سيني ۾ تنهنجي سهڪي جو
آ لڱل ياڻ، تون ڪٿي جانان!

جسم تنهنجي، جي گونجندڙ گرمي،
ڪيڏي ڪوساڻ! تون ڪٿي جانان!

❖

جنهن ۾ جوڙون آهن جوڙيون رات جُون،
تنهن هوا ۾ ميخون کوڙيون رات جُون.

هن اَنڌاري، سمنڊ ڪاري ۾ وچي،
جاڳ آخر ٻيڙيون ٻوڙيون رات جُون.

خواب پنهنجا ڪونڌ ٿو جڪڙي سگهي،
ننڊ جا ڏاڳا، نہ نوڙيون رات جُون.

ڪير پيو پيچو سِتارن جو ڪري،
ڪهڪشائون ڪنهن تہ روڙيون رات جون.

راز سڀ چوري ڪريون سنسار جا،
چئو ڀلا! ٽوڙيون تجوڙيون رات جون.

بادلن جي رٿ تي ويهي ”حسن“
روڪيون مُون نيٺ گهوڙيون رات جون.

❖

طوفان جي ڪُلهي تي، هڪ ڇوڪري چڙهيل آ،
سڪ سوز هوءَ سڪيل آ، پنج پاس هوءَ پڙهيل آ.

مومل جيان مجازي، آ عشق ۾ اُپي هوءَ،
من موج موهه ماريل، ڪنهن ڪاڪ جي ڪڙهيل آ.

تصوير ڇڻ لڳل آ، دل جي فريم ۾ هوءَ،
نج ناز جو نگينو منديءَ ۾ جڻ مڙهيل آ.

منهنجي بدن پني تي، هر ڪا لڪيئين عبارت،
پينسل جيان پياري، تازي صفا گهڙيل آ.

ويجهو رهي بہ پرتي ۽ ڏور هوندي اوڏي،
ميلاپ ۽ جدائي ۾ جنهنجو جُسو جڙيل آ.

هن ”درس حسن“ آهي ڪهڙي ڪيس ڪچهري،
هيءَ ڇوڪري اُپي ڇو ۽ عشق تي اڙيل آ.

❖

سٽان جت روز هٽڪارون، وڇيرن جو وطن آهي،
گهُمن جت گهوٽ ۽ گهوڙا، وڏيرن جو وطن آهي!

پٽائي جت هليو هڪليو ڏنائين ڏيهه ساري کي،
پرين جت پنڌ ڪيو تنهنجي ئي پيرن جو وطن آهي!

آهي مسرور(1) گڏ مون سان، سدائين سنڌ ساريءَ ۾،
سمن (2) سيڪات انڙن ۽ ڏيرن جو وطن آهي!

تپايو لوهه لوهارن، مڙي مسعود (3) سان گڏجي،
دُنيا دينار ٽالپر (4) ڪان سوبرن جو وطن آهي!

علي قاضي (5) سيئي گڏجي، ڪريون آباد بستين کي،
توانائي ڪتب آڻيون مٿيرن جو وطن آهي!

وسيلو هٿ ڪريون پنهنجو ٿئي هر ڪو سکيو سهنجو
ڪچي ٿي روز هيءَ ڪينجهر، مڇيرن جو وطن آهي!

تڏي ٽالهي، سني چمپا، وڏا ٻڙ واهه تي ٻيئل،
ٻبر، نمر، نازبو، موتيو ۽ ٻيرن جو وطن آهي!

اسين ڪچهه آريا ۽ لوڪ اصلوڪا ڪنارن جا،
دراوڙ دوست پنهنجن ۽ دليرن جو وطن آهي!

”حسن“ هيءَ سنڌڙي سهٽي، اسانجي جند سان رهندي،
نه ميرن جو نه ايرن جو نه غيرن جو وطن آهي!

(1) مسرور سومرو

(2) سيڪات جا سما، انڙ ۽ وڏيرا جيڪي سڌي
گهوڙن جا وڏا شوقين ۽ شاعر ۽ ويجها دوست آهن
(3) مسعود لوهار
(4) مسعود لوهار جو ڳوٺ
(5) محمد علي قاضي (ايڊيٽر ڪاوش)

هڪ ڏيک يادگيري، هڪ شام جو تصور،
ڪڙندڙ گلاب آهي، هڪ نام جو تصور.

ڪلندي خمار جيڪي، ڪيڪار ڪن خيالي،
جُڙندو انهن اکين مان، آ جام جو تصور.

نير نهار تائين، آهي لکيو پيو ڇڻ،
پڃري سندو پکيءَ لئہ اڏام جو تصور.

مُرڪي ملڻ جو ماڻو ڪلندي رُسڻ جو ڪُنڪو
آغاز جو انديشو انجام جو تصور.

هي شهر، گهر مٽيءَ جا ۽ ديس دونهن جهڙو،
منظر اداس، عورت ۽ گام جو تصور.

شهرت تہ ڪين گهرجي، چو پئي ڍُڪي پٽيان،
مشهور ڪيڏو ٿيو آ، گمنام جو تصور.

مون کي خدا هو خلقيو يا ما خدا کي خلقيان،
بندي اڳيان آ بيٺو بس رام جو تصور.

هر ٻج ٻار وانگي، ڌرتي ڇٽي پئي ٿي،
هر وڻ وڏو لڳي ٿو ڪنهن لام جو تصور.

هئہ هئہ "حسن" هي، ڪيڏيون ڪرامتون،
دک درد ڇڻ لڳي ٿو آرام جو تصور.

❖

عمارت عشق جي توتي مون کي عجب آهي،
زمين دوز ٽيڙ جو نہ ڪوئي سبب آهي.

جڏو جهاز هي جيون جو ڪيستائين هلي،
سمونڊ وقت ۾ ڪيڏو وڏو غضب آهي.

فقير شعر حقيرن جا پيا پرين پڙهندا،
ڪمائي ”ڪين“ جو بہ ڪونہ ڪو ڪتب آهي.

ڏکهي آ راهہ مگر مختصر مسافر تون،
اُداس آدمي تو لاءِ رڳو ادب آهي.

اکيون اوهان جون نهارن پيون نظارن مان،
لڳي ٿو رابطي ۾ رات ڏينهن رب آهي.

اسان تہ سچ لهڻ جو بہ آ ڏٺو منظر،
اچوڪو جيڪو بڏو سو رڳو قلب آهي.

اُهو ئي سور سَسُئي ۽ اُهو ئي پاڻ پنهون،
اُهوئي هاڙهو اُهو هوت، اُهو حب آهي.

اصل نسل ۾ ملي عشق جي پٽي ورثو
”حسن“ اسانجو اِهوئي حسب نسب آهي.

❖

سِرن جيئن پچائي برهه جو بٺو
اسان جو تہ سورن ۾ آهي سٺو.

بندوقن جون باتيون بندوقون سٺن،
اسان کي تہ ڳالهين ڳچي ۾ ڳٺو.

اهو درد پوشاڪ آهي پرين،
لَکن کي لڪايو گهمي ٿو لٺو.

ڇَٽِي خيال ۾ پن ڪڙڪو ڪيو
مني ماٺ جو مينهن آهي وٺو.

اهو سور جو ساٺ سونو اٿئي،
مليل محب جو ڪين پائنج مٺو.

وري شهر جانان ۾ آيو ”حسن“،
اوهين قاتلن کي ڪريو اڄ ڪٺو.

❖

شام جو تون تلڪ چاڙهي، مان اونهاري جي هوا،
تون اڏامين چڙ تہ ساڙهي، مان اونهاري جي هوا.

تون نشي ۾ تپ دنيا، مان اُڏامن جي اڳيان،
تون گلاسن منجهہ تاڙي، مان اونهاري جي هوا.

تون سجاول جي بدن تي عشق جو نالو لکيل،
تون ٽڏيري رات لاڙي، مان اونهاري جي هوا.

ٿُنهنجي اکڙين ۾ اچي مون سمنڊ کي سوگهو ڪيو
منهنجي ٻانهن منجهہ ٻاڙي، مان اونهاري جي هوا.

مان تہ چڙ ڪنهن ميڏري وانگي اچان پيو تاٽبو
دور مومل تنهنجي ماڙي، مان اونهاري جي هوا.

❖

اک آلاڻ، مان ڏسان چهرو
آرسي آڻ! مان ڏسان چهرو.

آمهون سامهون تون هجين بيٺل،
پنهنجي سر پاڻ، مان ڏسان چهرو.

خشڪ واري هجي يا ويرانو
موج مهراڻ، مان ڏسان چهرو.

ڇو لڪائين ٿو مُنهن، لڪين ڇو ٿو؟
ڇڏ ڇڪتاڻ، مان ڏسان چهرو.

اڻ ڏٺل تون، عجيب اڄ اوڏو
تو ڪيان ڪاڻ، مان ڏسان چهرو.

دلڪشي، شوخ، سُرخ، سينگاريل.
لب لالاڻ، مان ڏسان چهرو.

ڪو ذرو تِرُ، ڪو مُهٽو موهيڙو
ڪا ڪٽي داڻ، مان ڏسان چهرو.

تون حياتي پيو چنڊ ڦوڪ ”حسن“،
تون پلي ڇاڻ، مان ڏسان چهرو.

❖

تڏهن بحر ۾ بوند ٿي پئي گهٽي،
جڏهن جز ۾ ڪُل ۾ سمائي ڪٽي.

پرين موسمن جو پتو ٿو رکي،
اسان حال پنهنجا وڃايا ڇٽي.

اندر جون اُڏامون نہ سمجهي سگهين،
پکين جا تہ پيرا نہ سگهبا ڪٽي.

سمونڊن سڏيو تہ هلي پيو ”حسن“،
اِها ڳالهہ تنهنجي اسان کي وٽي.

❖

صندل جون ٻرن ڪاٺيون، ائين دل بہ ٻري ٿي پيئي،
منهنجي تہ سوا تنهنجي ڪا ساعت بہ سري ٿي پيئي.

واريءَ جي دڙن وانگي، آئون بہ اُڏامان پيو
تا نيڻ ٽڪن تر جا ۽ رات ٺري ٿي پيئي.

ميلاپ جُدائيءَ جو هي عجيب تماشو آ،
جيڪا آ اندر ويٺي، سا چو تہ پري ٿي پيئي؟

وارن ۾ وچوڙي جي، پيو يار ڦٽي ڦيريان،
چُپ چاپ اچي چاندي، ڪارن سان ڪري ٿي پيئي.

پيا پن ڇڻن پاڙهي، ڪڙڪن بہ تہ ننڍا خالي،
هڪ شخص جي هڪ دنيا، خاموش مري ٿي پيئي.

مون سان جي ملين ها تون، تہ مان ٻڏايان ها،
هاءِ وقت وجي ٿو پيو ۽ مهل ٽري ٿي پيئي.

هڪ اک رهي آلي، ڪن پل نہ رهي خالي،
هڪ ميڻ ٻتي آهي، ڏينهن رات ٻري ٿي پيئي.

هڪ درس ”حسن“ آهي، چئي ٿو رڳو محبت ڏي،
دنيا تہ الاهي چا چا، ڪم ڪار ڪري ٿي پيئي.

❖

اُيو پنڌ پنھنجو ھوا پير ھيئان،
سيئي سير سٽبا، سوا سير ھيئان.

چٽي چانو آخر آ، پٽ تي سمھي پئي،
وٽن جا وڏا بند ڪانير ھيئان.

اسان ھر گھڙي ڪي گھمائي ڏنو پئي،
پري ڪان لنگھي ويو وري ڪير ھيئان.

جيئڻ جاڳندو آ، مرڻ ننڊ وانگي،
عمارت ستي آ، وڏي ڍير ھيئان.

وري ورڻ ڪي بيھي، تصور ۾ ڏوٽي،
ننڍن ٻارڙن پئي ڪنيا ٻير ھيئان.

اھو ئي وچاٽو اھو اوڏٽو آ،
متي آ مٿان ڪان، اھا مير ھيئان.

”حسن“ ھاءِ تنھنجون اکيون ٻئي عقابي،
چڪي چوڪريءَ ڪي ڪٽو چير ھيئان.

❖

منهنجي حيات ۽ منهنجي ورسي،
توئي جيتيو تنهنجي سرسي.

مُرڪ ۾ مُنهڙو موڙيو تو جيئن،
لڙڪن جي برسات ۾ برسي.

سج ۾ سُوتا هٽي پيو جهومي،
چنڊ ۾ تي پيو آهي چرسي.

واٽ وٺي مان ڪيئن وڃان ها،
تون نہ آئينءَ، پيس ترسي.

من جو مڪتب خالي ويران،
”حسن“ ڇڏائي وئي سڀ دَرسي!

❖

اک ۾ پوڙها ڳوڙها آهن،
لوڙها لوڙها ڳوڙها آهن.

ترسن، ورسن، برسن بيٺا،
گهوڙا گهوڙا ڳوڙها آهن.

ماٺ مُٺيءَ ۾ موڙها آهن،
گونگا ٻوڙا ڳوڙها آهن.

سهميل سهميل، هيسيل، هاريل،
سوڙها سوڙها ڳوڙها آهن.

آئون اڪيلو آهيان چاهي!
جوڙا جوڙا ڳوڙها آهن.

مون وٽ چاهي؟ ڪجھ بہ ناهي،
هاءِ وڇوڙا ڳوڙها آهن.

❖

چا تو مون لاءِ ليئو ٽيندين؟
چا تون مون کي ڏيئو ڏيندين؟

رڻ ۾ مون سان رات ڪٽيندينءَ،
نانگن ڏانهن تون مونکي نيندين؟

ڪائي لانديءِ، چونئرو جوڙيون،
گڏجي سڏجي عشق اڏيندين؟

وارياسي ۾ ويندس آئون،
پوءِ تون پوبان منهنجي ايندين؟

دل جي صحرا ۾ جو پلبس،
اهڙي رڻ کي ڪيئن روڪيندين؟

ٽڪجي پوندو آهيان ڏاڍو،
مون سان گڏجي ساهه پٽيندين؟

مون سان گڏجي بيٺي هوندين؟
مون سان گڏجي واپس ويندين؟

❖

سڄي رات بيٺي  ڳڻيون سين اکيون،
پرينءَ لاءِ پُوريون پٽيون سين اکيون.

رڳو لڙڪ هاري رُناسين لڪي،
ڪٽڻ لاءِ ڪھڙيون ڪٽيون سين اکيون.

نپُوڙي نُپوڙي نگاھون نچُوري،
سُڪا لڙڪ پوءِ پي وٽيون سين اکيون.

پرين پوک تنھنجي لئہ پاٽي ٽياسين،
ڳُڻا ٻج آخر چٽيون سين اکيون.

”حسن“ هي اسان جو تو ڳذرڻ ڏنو،
گھٽيءَ مان گھيلجي مَٽيون سين اکيون.

❖

بي قراريءَ ۾ قرار ڇو آهي؟
مون کي دشمن سان پيار ڇو آهي؟

مون تہ چاهيو پئي تو هٿان ئي مران،
تنهنجو خالي هي وار ڇو آهي؟

ڪجھ نہ سمجهي نڪو سٽي تو پيو،
پيار ننڊڙو هي ٻار ڇو آهي؟

مون هي جسم هو ڇڏيو اُڇلي،
پاڻ تي هاڻ بار ڇو آهي؟

هيءَ ”حسن درس“ آ ڇريو ماڻهو،
پاڻ ڪان پاڻ ڌار ڇو آهي؟

❖

رامڪي بازار ۾ ماتڪي بيٺي رهي،
ڪونج جهڙي ڪولهياڻي ڪا ڪڪي بيٺي رهي.

چو نٿو تنهنجي هٿ مان، تو ڪري خنجر سمهي،
زخم وانگي زندگي هئي چِڪي بيٺي رهي.

طاقتن تلوار ڪي، هن وقت ڦيرايو گهڻو
اُن جڳهہ اُن جاءِ تي، هوءَ ٽڪي بيٺي رهي.

ڏينهن جو تارا ڏسڻ جي آرزو ناهي ڪٿي،
سوز سان ساري سڄڻ ۾ سڪي بيٺي رهي.

صورتن جا سمنڊ ٿا پوڙي وجهن هر پانهن کي،
چولين کان چوڪري، چو چڪي بيٺي رهي.

عشق هڪ پردو بہ آ ۽ اگهاڙپ آ وڏي،
لوڪ جي اکيان بہ هئي ۽ لڪي بيٺي رهي.

ها ڪرڻ جا هوڪريا، مفت ۾ مردن هنيا،
انڪار مان آيل هئي، سا نڪي بيٺي رهي.

”حسن“ هي توحيد جو درجو خدا تو چو ڪٽي،
عشق ۾ ملحد اڪيلي ۽ اِڪي بيٺي رهي.

❖

اڏاٽيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنھن سار وانگي ھو
لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مُھاٽي ٻار وانگي ھو.

ڳچيءَ ۾ مون ھيو پاتو ۽ سيني ساڻ ھو لاتو
منھنجو محبوب ڪلھہ مونکي، ھٿن ۾ ھار وانگي ھو.

ھُجومن ۽ ھُشامن، ھيڪلائيءَ کي جڏھن جنميو
ڏٺو مُون روح پنھنجي کي، انڌاري غار وانگي ھو.

وٽن تي ڪانگ ھا ويٺل، ڳليءَ ۾ ڳئون پئي آيون،
پراڻو ڳوٺ ھو ليڪن، پريڻ جي پار وانگي ھو.

جڏھن جھمپير ۾ منھنجي، جواني موٽ کائيندي،
کِلي چوندين ڪجيءَ کي تون، تِکو تلوار وانگي ھو.

ھوائن تي ھليس آئون، نظر ڪجھہ ڪونہ تي آيو
سڄڻ رستو سڄو تنھنجو سنھي ڪنھن تار وانگي ھو.

مڇيءَ جي اک مان ويٺي، ڏٺو مون ھر ڏھاڙي کي،
لڙاٽيل وقت ۾ لمحو لڳل ڪنھن چار وانگي ھو.

صفا سُنسان مندر ۾، جڏھن سانجھي ملي مون سان،
اُتي آواز عشق جو سنھڙو ڪنھن آر وانگي ھو.

❖

پکي پرديس جا سورج پرن پوبان لڙي تو پيو
ورڙ (1) ان واٽ تي ويئل، اڳيان جت رڻ رڙي تو پيو.

لڳي وئي لاڙ سان آ لنئون، اوهان کي ٻيو ڀلا ڇا چئون،
اسان کي عشق سارين جيئن، ڇنڊي ڦوڪي ڇڙي تو پيو.

عمر جي آخرين مان ڏس، ڦُلن وانگي ڇڻون ٿا پيا،
سڄڻ سگريٽ سستي جيئن، سڄو ماٺو سڙي تو پيو.

پراڻي عشق پوڙهي جي، وڃت نڙ ڦوڪ مان نڪتي،
ملڻ هي مير محمد (2) جو جوانين کي جڙي تو پيو.

اوهان مُرڪي ملي آخر، هليا ويا شهر پنهنجي ڏانهن،
اسان جي ڳالهه جي ڳل تان، اجان ڳوڙهو ڳڙي تو پيو.

وطن ۾ ٻي وطن معشوق، عاشق جو ملڻ ڪهڙو،
زمانو زور تي تڙ تان، تماچين کي تڙي تو پيو.

(1) ورڙ ذات آهي ۽ بدين ضلعي جي ڏاکڻي حصي ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن.
(2) مير محمد لنڊ (1927-1997) بدين لڳ جو رهواسي هو ۽ بوڙينڊي ۽ نڙ وڄائڻ ۾ خاص مهارت رکندو هو. هن بوڙينڊي مان ست سُر ڪڍي ان کي نئين صورت ڏني.

لهر تي جاڳي ڪري ٻي لهر ۾،
چو سمندر چو پلا سمهين نٿو؟

رات جي ڏيئي ۾ جاڳن ٿا جنم،
گهنڊ مندر چو پلا سمهين نٿو؟

زندگي، ڪيڏي ذلالت، شڪستون،
تون سڪندر چو پلا سمهين نٿو؟

ٻهر ڪيڏو اڄ مسافر مينهن آ،
منهنجي اندر چو پلا سمهين نٿو؟

جاڳ جي ٻيڙي تہ پرزا ٿي چُڪي،
شاهہ بندر چو پلا سمهين نٿو؟

گهر تہ پاتين سان سُتو آ پاڪرين،
ڪڙڪندڙ در چو پلا سمهين نٿو؟

❖

نانگ ٻہ سوچيو هوندو دل ۾، ماٺوءَ جي مڻ ڪهڙي آهي؟
ماٺوءَ سوچيو دل جي داٽي جهڙي ڪا ڪڻ ڪهڙي آهي؟

ويهي گڏ وڙهين تو وينو گهمندي گڏ چڙين تو چريا!
عشق اسان سان تنهنجي آخر اهڙي اڻ بڻ ڪهڙي آهي؟

مينهن اسان کي نينهن اڱيئي، آهي ڀڄايو برسي برسي،
هي ڏس من ۾ موتي آ من تنهنجي ڪڻ ڪڻ ڪهڙي آهي؟

وڻ نوڙها ٿيا، گهنٽيون سوڙهيون، ”حسن درس“ اڳي ڀيا لوڙيون،
تو بن تانگھہ اسان جي تڙپي، ٻي ڪا ڀن ڇڻ ڪهڙي آهي؟

❖

ڏُکو نيت داخل ڪيو مون ٻہ دل جو
لکين مڻ محبت ٻين جي ٻُڏي وئي.

ٻڪي وڻ جي ٽاريءَ ۾ تبديل ٿي ويو
اُها وڻ جي ٽاري، اُتان ڪان اڏي وئي.

رڳو هن اُتي ڪر موڙيو صبح جو
چون ٽا تہ ڏرتي بہ ٿوري ڏڏي وئي.

سوين پوپٽن جي محافظ جتي سان،
گلن سان ڪندي گفتگو ڪا گُڏي وئي.

لڙيءَ رات لوڪن جا ليڪا لتاڙي،
اچي پيار جي پينگھہ ۾ ڪا لُڏي وئي.

❖

جوانيءَ جي جر تي اسين آهيون پهتا،
وري تنهنجي در تي اسين آهيون پهتا.

محبت جي منزل جا ماريل مسافر،
ڏني ءِ نہ ورتي اسين آهيون پهتا.

رُسن تا تہ رڻ ۾ ئي رهجي وڃون تا،
پريِنءَ نيٺ پرتي اسين آهيون پهتا.

ستارا تہ اورئين وڪن ۾ چڙهيا سين،
انهيءَ ڪان بہ پرتي اسين آهيون پهتا.

پڇي نيٺ پاٽيءَ ڪي پياسو ڪيوسين،
جڏهن ڪان ئي جر تي اسين آهيون پهتا.

❖

جيڪو جوڙي ٿو
سو ئي توڙي ٿو.

پيار پُسائي پر،
در نچوڙي ٿو.

ڏينهن جي وڻ مان،
راتيون روڙي ٿو.

مون کي موٽائي،
مون کي موڙي ٿو.

بي حد بينو آ،
ڪيڏو ٻوڙي ٿو.

❖

پٿر ۽ مٿان وگهري، آواز تي پوي،
آواز نيٺ تبديل ٿي، ساز تي پوي،

آئون جو عورتن سان ڪپڙا ڏڪي گهمان،
۽ ديوتا اُگهاڙو ناراض ٿي پوي،

انجام عشق تنهنجو ڪهڙو ۽ ٿي سگهي ٿو،
اڪڙين سان هڪ دفعو ٻيو آغاز ٿي پوي،

مون لاءِ ته هر محبت مدفون شهر آ،
مون لاءِ ته هر مسئلو ڪو راز ٿي پوي،

ويني جو مان وٽڻ ڪي، پرسان وهاريان،
ٻيهان ته هوا جهوتو ڪو باز ٿي پوي،

❖

شامل حال ڪو تہ هوندو هو.
منهنجو دلدار موت هوندو هو.

هن حياتيءَ جي سَسُئي سيجي لُتي،
ڪنهن زماني ۾ هوت هوندو هو.

درد دائم اچي ڪيو ديرو،
پهرين موتيو هو پو تہ هوندو هو.

منهنجو اندر پئي وڙهيو مون سان،
مون ڪان ڏاڍو بہ چو تہ هوندو هو.

بيا پيگا، هو نہ پر پيگو پرسان،
هڪ ”حسن“ يار سو تہ هوندو هو.

❖

گهر متيءَ جو گهات گهتيءَ ۾،
تنهنجو کهڙو کم کتيءَ ۾؟

نيروتيءَ جو نام نرالو
رنگ اُياري ڦُت پتيءَ ۾،

ورڻ جيئن ڏوٽي ڏوٽي دل کي،
من ڇُلڪائي ڏس متيءَ ۾.

هاڻ "حسن" ديوانو ناهي،
چوندين چوندين نيٿ چتيءَ ۾.

❖

سپ ڪجهه هجي، ضرور مگر پيار ٿو کپي،
مئہ جو سنو سرور، مگر پيار ٿو کپي.

ايمان، دين هوندو، دوزخ ۽ جنتون،
خالص خدا جو نُور، مگر پيار ٿو کپي.

اولاد، نوڪري ۽ وهنوار وقت جو
ها ها هجي حضور، مگر پيار ٿو کپي.

دانش عقل جي دنيا، آهي دليل سان،
۽ علم تي عبور، مگر پيار ٿو کپي.

غم ٿو ڪجي غضب، يا افسوس ٿو ڪجي،
غصو ڪجي غُرور، مگر پيار ٿو کپي.

ڪنهن چنڊ تي ٽرون يا سورج مٿان ٻرون،
دنيا کان وڃي دور، مگر پيار ٿو کپي.

انسان سان محبت، انسان ٿو ڪري،
گلمان ۽ نہ حور، مگر پيار ٿو کپي.

واپار، پيار ناهي، نقصان ۽ نفعو
پاڇي بچي نہ مُور، مگر پيار ٿو کپي.

هڪڙي ”حسن“ حياتي، ويندي وڃائجي،
ضايع ٿيان ضرور، مگر پيار ٿو کپي.

❖

هن عمر بي مثال ۾، بي باڪ محبتون،
ننگا نصيب منهنجا، ٿيون چاڪ محبتون.

بيهي بدن مون ۾، ڪٽي ساھ تي رکيو
گهري گناھ نيٺ ڪيون پاڪ محبتون.

ڪاڙهي تتي جو ديس ٿو آئون تڏهن گهمان،
منجهند جيان ملي ۾ وجي ٿاڪ محبتون.

مون ساڻ منهنجون موسمون گڏجيو پيو گهمن،
رب جو قسم ته روح جون رولاڪ محبتون.

مون لاءِ پرين پيار آ تنهنجو بناوَ ٿيو
منهنجيون ته ٿڪي نيٺ ٿيون ٿاڪ محبتون.

پنج ئي شيون نصيب اٿم، پيو تڏهن تڳان،
نرمي گلن جي، گيت، هوا، ماڪ محبتون.

❖

سمنڊ خشڪيءَ ۾ فرق ٿئي، ڏسجانءَ
دل جو ڪو غوراب غرق ٿئي، ڏسجانءَ

ڪيئن ڪِري ڪرنفل مان قطرا ٿي،
آدمي ڪيئن ٿو عرق ٿئي، ڏسجانءَ

زندگيءَ جي ڪتاب ٿاتل جو
هر الڳ ورق ورق ٿئي ڏسجانءَ

بي لباسيءَ ۾ ڇا ته ڏسي سگهندين،
هُوءَ جڏهن زرق برق ٿئي، ڏسجانءَ

❖

اج مسافر ماڪ جا پئي ڪانہ آ،
هوءَ ملڻ محبوب سان وئي ڪانہ آ.

جا پرولي پيو پرينءَ ڪان تون پڇين،
چنڊ توکي سا تہ مون چئي ڪانہ آ.

عشق عشق جو گهوڙي سوار ساڳيو،
راهہ تنهنجي ۾ اُها رئي ڪانہ آ.

تون پلي توري تڪي وٺ ساهمي،
مون اجان محبت ڪڏهن مئي ڪانہ آ.

❖

ڏس اداس رات جو پويون پهر،
ويران تنهنجي دل جيئن سارو شهر.

ٽڙندي ٽاڻڙجان تو تنهنجي گهر اڱيان،
ننڊ جا جهوٽا اکين ۾ آ ڳهر.

ڪيڏي پيڙا لوڙهه ۽ ٻيون ڪيفيتون،
دک پيو پوڳي سمورو اڄ دهر.

ذات تنهنجي ذڪ ۾ ويو ڏانءُ ٻه،
ڪين قافيو شعر ۾ ڪوبه بحر.

سوڀ ماڻي تي سگهيس نه سرخرو
سونهن تنهنجيءَ هو ڪيو سانئڻ سحر.

وار وينگس وهنجندي هئا چوڙيا،
پئي سنڌوءَ جي سير ۾ ايري لهر.

ديد تنهنجيءَ هو ”حسن“ ديوانو ڪيو
ڪن چيو ڪيڏو ڪرم، ڪن چيو ڪيڏو قهر.

❖

سونهن سان پنهنجو جڏهن سهڪار ٿي پيو،
عقل ڪان بس نابري انڪار ٿي پيو.

مرڪ ڪنهنجي موٽ ۾ مرڪيو هو مون،
اِئين پنهنجي عشق جو اظهار ٿي پيو.

تو حويليءَ جي دريءَ مان پئي ڏٺو
مون سڪايل جو تہ بس ديدار ٿي پيو.

بند اکين ۾ سوين سپنا تنهنجا،
اڻ ڏٺو توسان تہ چڻ اقرار ٿي پيو.

تو جڏهن سرگوشيءَ ۾ ڳالهايو
شرنائيءَ تي سر اُهو ملهار ٿي پيو.

جنهن بہ تنهنجي سونهن جي ساراهہ ڪئي،
شاهہ سانگي، سو حمل، منثار ٿي پيو.

ڪنهن چيو ٿا ڪنڌ گهرجن قرب ۾،
سر ”حَسن“ هٿ تي رکي نروار ٿي پيو.

❖

زندگي تو بن ائين آ بي ثمر،
جڻ بنان پاڻيءَ اچو ڪوئي ڪکر.

پيار جو پنهنجي پهچ ڪان ٿيو پري،
سار پر پوءِ به ڇڏي ڪين پچر.

باھ پئي ساري بدن ۾ ڪا ٻري،
دل به جڻ ميڙ تاندن ۾ آڳر.

سپ ستارا سانت ۾ سمهيو پون،
چنڊ به چپ ۾ ڪڇي ڪونه قمر.

مان به هڪ مجموعو ڇپائڻ تو گهران،
ذات تنهنجيءَ تي هجن شعر مختصر.

لک ٿا لفظ اُهي سارا لهن،
جي ڇپيا آمد تنهنجيءَ تي مون اکر.

ڇو لهي ڪين پئينءَ مون وٽ تڪي،
هت حيدرآباد مان تون ويندي سکر.

تون نہ ڪنهن محل منجهہ هونديءَ سُتي،
هيڪلو مان ۽ هتي منهنجو ڇپر.

جي به تنهنجي مون جدائيءَ تي لکيا،
گيت سي سارا "حسن" آهن امر.

❖

تو بنان جي وچڙ،
آهي جيئري مرڻ.

تون جهروکو ٽڏو
مان اجارو هرڻ.

ڇو اُجهامي ويو؟
تنهنجو ٻهڪي ٻرڻ.

پيار توسان پرين،
جڻ عبادت ڪرڻ.

منهنجو معمول توکي،
ڪليا خط لکڻ.

ياد تنهنجو اچي،
ٽڪٽڪيءَ ۾ ڏسڻ.

زندگي گهر منهنجو
آرزو آهي اڱڻ.

شال تنهنجو ٿئي،
ڪڏهن موٽي اچڻ.

هيڪلي ”حسن“ ۾
سور ڪونهن سهڻ.

❖

تنهنجا لب سنڌوءَ جا ڪپ،
چمڻ ڏي تون پنهنجا چپ.

جيڪا مايا چاهين واريان،
مون ڪان وٺ تون موتين لپ.

ويجهو آءُ، اوري ٿيءَ
ٿهي ڪين پري ڏي ٽپ.

دل وارن ڪان ڪهڙيون دوريون،
ڪهڙا ڏيچا، ڪهڙا ڏپ.

هاءِ ”حسن“ بہ هيچي ڪهڙو
تنهنجي جواني منهنجا جهپ

❖

آئي ڪين اڄوڪي رات،
مون وٽ منھنجي ڏاھي ذات.

ھر ھر تنھنجي ھُر ڳُر دل ۾،
ور ور تنھنجي وائي وات.

سرجڻھار صبح تي ويو،
خالي بتن سان پريات.

سوچ بہ تنھنجي سار بہ تنھنجي،
تار بہ تنھنجي، تنھنجي تات.

ماريندي بہ موھي تو،
ڪيڏو پيارو ڪوتا ڪات.

جاڳي جاڳي نيٺ تہ جڙندو،
شعر اڌرو ماريءَ مات.

❖

شاهڪار ۽ شهپارا چڻ،
چنڊ ستارا ڪارا چڻ.

تنهنجو آ انصاف اڙي،
دهليءَ جي در دارا چڻ.

تنهنجو انڌ عدالت اونڌي،
اورنگزيب جا آرا چڻ.

تنهنجي مرڪ مڪاري ڏاڍي،
مسڪينن تي مارا چڻ.

تنهنجا لفظ لفنگا لوفر،
ٽوهر ٽڪيل ڪارا چڻ.

منهنجا مقصد موت مئا،
وچڙيا دلين وارا چڻ.

هاءِ حياتيءَ هوش وڃايو
اونڌا ابتا ڏارا چڻ.

بند ٿيا هن بيت ”حسن“ جا،
رستا راهون چارا چڻ.

❖

- ضياءَ جي مارشل لا تي 1983 ۾ لکيل

جيڪي جيءَ منهنجي ڪي جوڙي ويا،
سي ئي تند تارون توڙي ويا.

ستي لوڪ سپنن ۾، ڏئي پير پير ۾،
خوابن تي ٻہ خنجر ڪوڙي ويا.

اُداسين جو آچار ويچار تہ ڇڏ،
ٻڏيءَ دل کي ويتر ٻوڙي ويا.

اڳي رات ڪاري اماس انڌاري،
مٿان وار ڪارا ٻہ ڇوڙي ويا.

ڏئي ٻُٽ ٻاٽ جي منهن تي مڪاري،
سدا چنڊ چهرا ٻہ روڙي ويا.

جنين سنگ پنهنجا نہ سنڌي سڃاتا،
لُڇي لڳ ڏن جا ٻہ لوڙي ويا.

هئا ڳڏ هلندا جي هر دم ”حسن“ سان،
اهي ٻہ اڳين جيئن منهن موڙي ويا.

❖

چنڊ بہ پورڻماسي آهي،
پوءِ چو رات اداسي آهي.

شبنم شبنم قطرا ڪريا،
پونءَ تڏهن بہ پياسي آهي.

منهنجي سوچ ستي هئي توسان،
تنهنجي وارن اوسي آهي.

من جي مندر ۾ جا مورت،
دل ئي تنهنجي داسي آهي.

تنهنجي تہ تصوير پرين مون،
رت پنهنجي مان راسي آهي.

تنهنجو جنهن ديدار ڪيو
اڪ اڪ سا آساسي آهي.

جن بہ تو لئہ اوجاڳا ڪيا،
تن جي ننڊ اٽاسي آهي.

❖

اسان ئي ڪوي ڪاڪ ڪوتا جا راڻا،
اسان سان ئي مومل ڪيا موھ ماڻا.

اسان ئي اوندھ سان الجھون ۾ اٽڪون،
اسان جي نہ ذات جا ڏيئا اُجھاڻا.

اسان ڪنپ ڪوھي نہ خيالن جا چڏيا،
اسان جي اندر جا عقاب اُڏاڻا.

اسان تہ پٽائي ۽ سندا شعر ڳايا،
اوھان ئي پڙھوپيا پرايا پراڻا.

نڪي در ڏارئين ڪنھن جو جھليوسين،
نڪو نوسياسين وڃي نام ناڻا.

وساريا نہ آھن اسان وڙ وطن جا،
پُلياسين نہ دودي ۾ پونگر جا پاڻا.

نڪي لوڀ لالچ اسانکي نمايو
نڪي بيت دوھا اسانجا وڪاڻا.

ڪٽي ٻات ۾ لات واڻن ڪي ووڙي،
اسان ئي پرھ جا ڪيا ھن پڇاڻا.

سيئي سنڌ تنھنجي تسبيح پڙھن پيا،
"حسن" سي نہ ھر دم آھن اياڻا.

❖

شعر ھي شعلا شبنم کھاڻيون،
اسان جون تہ سوچون سستيون وکاڻيون.

ڪينجھر تي ڪونجون آيون اتر کان،
الائي چو چرڪي واپس اُڏاڻيون.

ڪري عشق توسان اماوس اڙيس مان،
ڏياتيون بہ ڏمريون آڳون اُجھاڻيون.

چاندي مٿي ۾ چمڪي پئي چوٽي،
رحل، ڪوٺ، قرآن، عمريون سياڻيون.

پورين ۾ معصوم اياڻين جا اُڌما،
سمجھي نہ سگھنديون ڏاھيون سياڻيون.

مڙي ڪين موٽي ڏٺو تو ”حسن“ کي،
سوا تنھنجي راتيون ويٺي وھاڻيون.

❖

رات سپني ۾ مون تي گُهمي ڪهڪشان،
چنڊ ماتم ڪيو تي مڪليءَ مٿان!

تو اپيچند سندا سيٽ ناهن ڏٺا،
توکي ناهي خبر سُونهن چاهي مُلان!

عشق سرمد جي پيرن جي خاڪ آ،
تون ٿني جي گهٽين ۾ گهمي سوچچان!

ورق انجيل جا سُونهن جي جوت آ،
آئون قرآن کي تو اکين سان چُمان!

❖

باھ رڳو نہ بن ۾ آھي،
منھنجي بہ تہ تن ۾ آھي.

چا ٿو سوچيان، چا ٿو سوچيان،
جيڪي ڪجھہ آ من ۾ آھي.

جوءِ جبل وٽ سج سلامي،
شايد سائين من ۾ آھي.

مون بہ تہ ڏوليا ڏال ڪنئي آ،
ڪونج ڪھاڙي ڳن ۾ آھي.

اوڪي سوڪي اگري عبادت،
ايمان بہ تہ ان ۾ آھي.

پيار سچو آ پاڪ پلارو
پاپ رڳو پل ڪن ۾ آھي.

❖

پرھ ميرانجھڙي باک پيئي ڦٽي،
رات بہ رم جھم تي چاڻ ڪٽي.

لب لب تان لھي تو ڪري الوداع،
بس ھاڻ تو ٻانھن جو گھيرو ٽٽي.

ڪو تہ رات اڪيلي وھائي اُداس،
ڪو تہ شعلو شباب جواني لٽي.

سرد ساھن تي سانئڻ وڃيو ٿئي ختم،
جنگ جذبن پنھنجن جي تي جيڪا ڄٽي.

❖

يار غم قريب ڪر،
درد مون نصيب ڪر.

اُچ آ علاج مون،
تئونس ڪي طبيب ڪر.

مان امير عشق ۾،
غور سان غريب ڪر.

جسم کان جدا ڪري،
روح کي رقيب ڪر.

آخر اچي اوڏڙو،
حُسن کي حبيب ڪر.

ڏُوڙ سچي آ ڏونئڻي،
رات اڄ رهي بہ ڪر.

هي ”حَسن“ حسين آ،
اُت اُتي عجيب ڪر!

❖

تو ڪيو هو پيار جو اڳ مون سان،
آئون تنها، سمورو جڳ مون سان.

مون کي خود ئي ڦريندو رهندو آهي،
منهنجو پنهنجو اندر جو ٺڳ مون سان.

دل کي ديوار ڪيئي تہ ڍهي پوندئي،
واءُ وانگي اچي تون لڳ مون سان.

مون کي خود ئي وٺي نتي منزل،
ڪين دوکو ڪري تو دڳ مون سان.

❖

هوا ۾ روح رخصت ٿيو مٽيءَ ۾ دل دفن ٿي وئي،
شهادت جي شفق هيٺان، ڳلي هر ڪا ڪفن ٿي وئي.

اڄين ماڻهو بدلجي ملڪ ۾ هڪ قوم ٿي ٿو پئي،
وطن تان جان وئي واري وري سا خود وطن ٿي وئي.

هزارين درد لمحا ديس ۾ گذريو ننڍا گذرن،
گهڙي هڪ گهاءَ ٿي بيٺي ڪتڻ ڪان ئي ڪٽن ٿي وئي.

حياتيءَ اڄين سدا روشن رکڻ آ ڪم شهيدن جو
مرڻ جي واقعي مان ڏس جيئڻ جو نئون جتن ٿي وئي.

❖

تون ستارن جي جڙوات رهنما تنهنجون اکيون،
تون ئي طاقت ۽ حرارت، رهنما تنهنجون اکيون.

خون جي هر بوند جو بدلو وٺڻ جو آ عزم،
وقت آ اعليٰ عدالت، رهنما تنهنجون اکيون.

هاڻ ماڻهو پاڻ پنهنجا معجزا ڏيکاريندا،
قوم جي پنهنجي ڪرامت، رهنما تنهنجون اکيون.

لفظ تنهنجا هاڻ هيٺن لاءِ ٻٽبا طاقتون،
قلم تنهنجو ۽ ڪتابت، رهنما تنهنجون اکيون.

علم ۽ ادارڪ سان غدار سڀ سوڙها ڪبا،
چوڪ تي جلندي جهالت، رهنما تنهجون اکيون.

بينظيرن ۽ فقيرن جا فڪر ۽ فلسفا،
جاڳندي رهندي امامت، رهنما تنهنجون اکيون.

ڪونج تنهنجي گونج پئي ڪُڪڪي دلين ۽ ديس ۾،
تون ئي صدقي جي صداقت، رهنما تنهجون اکيون.

هر ڳليءَ ۽ چوڪ تي آهي عوامي ڪتهڙو،
سنڌ ۾ ٿيندي سماعت، رهنما تنهنجون اکيون.

❖

سج جهڙي سنڌ راڻي روشنائي نور بيبي،
اپرندڙ ۽ چمڪندڙ آ هر صبح جو پور بيبي.

جي جلي پيو هن جدائيءَ جهير ڏيئي ماري وڌو،
هيٺ ڏس هي ميڙ ماڻهو گهايلن کي گهور بيبي.

ڪونج پنهنجي وطن واپس، هئي وري ورهين پُنا،
ويجهڙائيءَ جي وڳي ۾ ڏيهه ۾ ڇڻ ڏور بيبي.

هو شهزادي، هو آزادي، ماڻهو جنهنجا متوالا،
گيت بيبي، گل بيبي، ٻاجهه جهڙو ٻُور بيبي.

زندگيءَ کي زخم آيو واءُ کي ڇڻ ڇهڪ پيا،
ڇڻ ستارا پيا ٽٽي ۽ چنڊ چڪنا چور بيبي.

مون نه هي جاتو ته ٿيندي سنڌ ۾ ٻي ڪربلا،
ماتمي ڪارو وڳو ٿيندو وري مشهور بيبي.

سر ڏسڻ جي رسم، ريتون ۽ رواج ڪنهن وڌا،
ڪڙم تنهنجي جي ڪهاڻي نسبتِ منصور بيبي.

ماءُ منهنجي، پيڻ منهنجي، ڌيءَ منهنجي ڪيئن ڪُٺي،
سنڌ آخر ڪيستائين! سهندي رهندي سور بيبي.

❖

▪ شهيد بينظير ڀٽو لاءِ لکيل

اداس آدمي تنهنجو آ گهر گهٽائن ۾،
ملي سگهياسون نہ ٻئي پاڻ پر گهٽائن ۾.

پريا پيا آهن هي بادلن سان گهر سارا،
سٽيو پيو آهي تنهنجو تہ ٿر گهٽائن ۾.

پڇي ڏُکي بہ کي بادل حسن بيهارين ٿا،
ٿکي ٽُٽي بہ ٿڌو ٿيو نہ ٿر گهٽائن ۾.

کڙو ڏئي آ سُتو کير اڄ ککر پوبان،
گُلي کُلي نہ سگهيو نيٺ در گهٽائن ۾.

❖

هر سهارو آ ڏکو
ٺهڪ بہ ٺي پيو ڦڪو.

تون وڪامين ٿو وڃين،
سوچ جي سامهون سُڪو.

ڳالهيون ڦرنديون رهيون،
ٻول بہ هڪ نہ ٻڪو.

چڙهندڙ سج جو سلام،
ٽلڪ يا ڪارو ٽڪو.

منبر و محراب جو
مسند جو والي وڪو.

ڦٽ نہ اڪڙي پئو
چاڪ نہ ٻيلي چڪو.

هو اڳيئي پيا چون،
”حسن“ آ چريو هڪو.

❖

محبت مير باڳي جي، ڪنول جهڙي ڪهاڻي آ،
لڳائي لاڙ جنهن سان لنئون، اُهائي سنڌ راڻي آ.

حياتي عشق ٿو ڪوٺي، محبت ٿي مٽي ڳوهي،
اسان ئي واٽ جا وارث، اسان ئي خاڪ ڇاڻي آ.

پلي ڪيڏو ڪٺون ڪائون، محبت جا ٻڪيا آهيون،
ملڻ محبوب جو ماني، اسان لاءِ پيار پاڻي آ.

ڪنارا ۽ ڊنڊيون پنهنجون، ڪنڌيون قائم رهن دائم،
پکين ۽ پيار جي ٽولي، اتان هر ڪا اُڏاڻي آ.

شهر جانان ۾ جت آهين، ٻيٺو تون ٽنڊي باڳي،
اُتي ئي محبتن جي دل، وڃي هن مير ماڻي آ.

❖

- مير باگو سنڌ جو هڪ امر ڪردار، جنهن جي نالي پٺيان ٽنڊوباگو شهر قائم آباد آهي. مير باڳي کي سنڌ راڻي سان محبت هئي ۽ سندن پيار جي ڪهاڻي هڪ امر داستان بڻجي وئي آهي.

عشق ۾ ذات تصور کان متي چو تي ٿئي؟
موت ۾ مات تصور کان متي چو تي ٿئي؟

جو ڦري فڪر تہ ڪنگال ڪري دُنيا ۾،
جا ڏئي ذات تصور کان متي چو تي ٿئي؟

سوچ منهنجي بہ رڳو چند ستارن تائين،
ڪل ڪائنات تصور کان متي چو تي ٿئي؟

هن بنان ڏينهن جو انت نہ ڇيڙو ڪوئي،
هن سا گڏ رات تصور کان متي چو تي ٿئي؟

مينهن ۾ نينهن پِني تو تہ پُسي تي دل بہ،
اهڙي برسات تصور کان متي چو تي ٿئي؟

هُن جي ڳالهين جي ڳلين منجهہ وچايل آهيان،
هن جي هر بات تصور کان متي چو تي ٿئي؟!

❖

ڪڪري هئي جا بيني خالي ڪڻ ڪڻ تي نہ سگهي،
ويچاري وئي واپس آخر، سانوڻ تي نہ سگهي.

ڪاٺ تہ آهي ڪاٺ، انهيءَ جي ماٺ بہ توڙين تون،
ٽيبل آخر ٽيبل تي، ڏاڪڻ تي نہ سگهي.

دنيا ساري، درد هزارين، ملندي ڪٽي مرڪي،
پياري آهي پياري رهندي پاپڻ ٿي نہ سگهي.

تو تہ پٽيو هو پاڙن ڪان جو ٻالڪپڻ ٻوٽو،
جا نم نئين هوندي ماريئي سا وڻ نہ ٿي سگهي.

دعويٰ ڪوڙي، ڪمتر ماڻهو سنگتي ڪوهہ ڪجن،
هلي ڪانہ ”حسن“ سان گڏجي، سا ڄڻ ٿي نہ سگهي.

❖

ڪولهين سان ڳڍ ڪولهي ٽيان،
ها ها ها، آئون هولي ٽيان.

تنهنجو اُڊڙيل عشق هجان،
پنهنجي ڦاٽل جهولي ٽيان.

وڏڙن جو مان ورثو ٽيان،
ٻارن جي مان ٻولي ٽيان.

تون جو سمنڊ هجين، مان تنهنجي،
ڇو نہ پلا پوءِ ڇولي ٽيان؟

اوپارو مان عشق هجان،
لهواري مان لولي ٽيان.

اوچنگارن جو انت ٽيان،
ٿهڪن جي مان ٽولي ٽيان.

مشڪل مشڪل مشڪل ٽيان،
سؤلي سؤلي سؤلي ٽيان.

لفظن جي مان لڄ رکان،
گُفتي جي مان گولي ٽيان.

يار حسن جو شعر ٽيان،
يار حسن جي ٻولي ٽيان.

❖

تمنا تاڪ ۾ آهي،
لِڪي توکي ڏسڻ چاهي.

مصور اُس مان آخر،
تنهنجي تصوير ٺو ٺاهي.

ڦڙين کي جُهڙ جهلي بيٺو،
چوين جنهن وقت برسائي.

هوا تنهنجي اچڻ تائين،
گلن تي ملڪ ترسائي.

اگر آهين ”حسن“ آهي،
سوا تنهنجي صفا ناهي.

❖

نئين کي پراڻو ڪجي، دل ڏجي،
سنڌءِ دل کي چاڙُو ڪجي، دل ڏجي.

ملڻ کي رليءَ جيان متان اوڊجي،
وڇوڙو وڇاڻو ڪجي، دل ڏجي.

سڄڻ کان سوا جي سمهڻ سوچجي،
پٽر جو وهاڻو ڪجي، دل ڏجي؟

املهه دل جي قيمت تہ ڪهڙي لڳي،
ٽڪو تنهنجو ناڻو ڪجي، دل ڏجي

فرشتي، خدا جي ضرورت نہ ڪا،
رڳو خود کي ماڻهو ڪجي، دل ڏجي.

مجازن جي مومل رڳن ۾ رکي،
رڳو راڻو راڻو ڪجي، دل ڏجي.

اُڏامن کان اڳتي اُڪرندي ”حسن“
پکين کان پچاڻو ڪجي، دل ڏجي.

❖

پبڻ تي ايو تي ڏسان يار توکي،
متي متيرو تي ڏسان يار توکي.

ڪجل ڪارڙو تي ڏسان يار توکي،
سجل سانورو تي ڏسان يار توکي.

ڪڏون، ڪنڊ، ڪوبو، دڙو ۽ ڊبُو تي،
ترائي ترو تي ڏسان يار توکي.

صفا بي وزن تي ڏسان يار توکي،
۽ ڳوڙهو ڳرو تي ڏسان يار توکي.

ڪِنو ۽ سُنو تي ڏسان يار توکي،
پيلو ۽ ڍلو تي ڏسان يار توکي.

چريو ۽ ڪريو تي ڏسان يار توکي،
صفا نپ انڌو تي ڏسان يار توکي.

ٻيڙو ٻيڙو تي ڏسان يار توکي،
”حسن“ چوڪرو تي ڏسان يار توکي.

❖

جمارون گذاري، ملان يارَ توسان،
سيئي وقت واري، ملان يارَ توسان.

ڳتين جي ڪناري، ملان يارَ توسان،
۽ سورج اپاري، ملان يارَ توسان.

سجو ڏيهہ مون وٽ جو وينو هجي،
سين کي اٿاري، ملان يارَ توسان.

پکي جي پُڪاري، ملان يارَ توسان،
ندي جي نهاري، ملان يارَ توسان.

اکيون ٻئي اُجاري، ملان يارَ توسان،
۽ سپنن سهاري، ملان يارَ توسان.

جبل تي، جُهڳيءَ ۾ ۽ غارن ڇُرن ۾،
۽ کهڙي سِتاري، ملان يارَ توسان.

”حسن“ جي تہ حياتي، تولاءِ آهي،
جياري ۽ ماري، ملان يارَ توسان.

❖

سجي رات ساري، تي بيٺي رهي،
لڳي رات ڪاري، تي بيٺي رهي.

صفا ساهہ ٻوساٽجي ٿو پيو
وڇو وچ واري، تي بيٺي رهي.

حقيقت ۾ تصوير آهي لڳل،
دريءَ منجهہ ساري، تي بيٺي رهي.

پنيان هو پشم جو نرم ڳوٺڙو،
اڱيان ڪرت آري، تي بيٺي رهي.

چپن مان پياسي، بڪاري ٻٽي،
اکين مان اُجاري، تي بيٺي رهي.

هلي چو نہ تي هيءَ حياتي ”حسن“
ٿُتي پوءِ ساري، تي بيٺي رهي.

❖

هن عمر بيمثال ۾ بيباڪ محبتون،
ننگا نصيب منهنجا ٽيون، چاڪ محبتون.

بيٺي بدن مون ٻه ڪٽي ٻاهه تي رکيو
گهري گناهه نيٺ ڪيون، پاڪ محبتون.

ڪاڙهي تَتي جو ديس ٿو آئون تڏهن گهمان،
منجهند جتان ملي ٻه وڄن، ٿاڪ محبتون.

مون ساڻ منهنجون موسمون گڏجيون پيون گهمن،
رب جو قسم ته روح جون، رولاڪ محبتون.

مون لئه پرين پيار آ تنهنجو پناهه ٿيو
منهنجون ته ٿڪي نيٺ ٿيون، ٿاڪ محبتون.

پنج ئي شيون نصيب اٿم پيو تڏهن گهمان،
نرمي گلن جي، گيت، هوا ۽ ماڪ محبتون.

❖

پريمُو ڪولهيءَ ڪان پچندين تہ توکي هُو ٻڏائيندو
اکيون کھڙيون، پرين کھڙا، سڄڻ! دل جو چِڪڻ کھڙو!

سيارو ڦوھ جوانيءَ ۾، نہ تو سوچيو تہ ڪيئن لڪجي،
پيالو پُرُ، اکيون ڇُلڪن، اسان جو ٻيو سِڪڻ کھڙو!

سِتون اُڏرن، اٿن، ڏڙڪن، وڄن ٿيون ساز وانگي جي،
لچارا لفظ دامن ۾ پيا تن ڪان لِڪڻ کھڙو!

❖

پُڪاري ننڊ مان تي هُوءَ،
اُٿاري ننڊ مان تي هُوءَ.

ڪِريَس مان جاڳ جي جَرَ ۾،
اُڪاري ننڊ مان تي هُوءَ.

اڙي موتيا! اٿو جاڳو
اُچاري ننڊ مان تي هُوءَ.

اکين مان ڪيئن پکين وانگي،
اُڏاري ننڊ مان تي هُوءَ.

ڪليل آ خواب جي ڪڙڪي،
نهاري ننڊ مان تي هُوءَ.

❖

ٿُنهنجي پراڻي خط مان تون پاڻ پيو اچين جڻ
هر سِٽ سهڪندڙ آ، هر لفظ ڌڙڪندڙ آ.

ڳمرو تنهنجي تصورن، سان پريو پيو آ،
ڪا ياد پَر پئي ڪولي، ڪو خيال ڇَهڪندڙ آ.

اڄ دُور تائين، هر ديس دلبري آ،
خوشبو آ جَڻ خدائي، هر مُلڪ مهڪندڙ آ.

❖

وقت کي نيت واڪ، ڏيٺو هو
ٿَڪ جو کو تہ ٿاڪ، ٿيٺو هو.

تنهنجي خنجر جو وار ناهي، پر
منهنجو سينو تہ چاڪ، ٿيٺو هو.

چوڪراٽيءَ ۾ چيڳڙو هوندو،
اڄ وهيءَ ۾ عُشاق، ٿيٺو هو.

زندگيءَ جون نجاستون ڌُئندي،
پيار ۾ نيت پاڪ، ٿيٺو هو.

❖

هنيلا هرڻ پاڻيءَ مان پئن ٽا سج جا ڪرڻا،
جيئڻ جي لاءِ اجا ڪئي جرڪندڙ ٿو جَر ڏٺا ناهن.

سُگهڙ جي سٿ ۾ سوگهي حياتيءَ جي حقيقت آ،
اجا ان ديد تنهنجيءَ سيپ دُئارا دَر ڏٺا ناهن.

پري ڪان پاڻياريءَ جي پڙي ۾ گج جا گلڙا،
گهڙي جي ئي رکڻ لئہ پر تو گهايل گهر، ڏٺا ناهن.

ننگر جون نينگريون ناسي، جبل جو رنگ ڪارو آ،
مُصوَر مور ناچوءَ جا مِڙئي منظر، ڏٺا ناهن.

❖

وڻ جي هيٺان ويٺو آهيان، دور گگن آ دام پکين جو
هڪڙو سهڻو يار سُجهي ٿو جيڪو آهي نام پکين جو.

پنهنجي دل ۾ دُعا جا داڻا، نار نديءَ ۾ پير پسائي،
پنهنجو پيالو پاڻي ٽيندو جرڪي جرڪي جام پکين جو.

ٻاهر جيڪي ٻوليون ٻولن سي آواز الستي آهن،
مات ڪري ٿي سمجهي سگهبو منظر هر هڪ مام پکين جو.

پيار صفت آ يار سڄڻ جي، جيڪو ملڪان ملڪ ملائي،
گنج، گرنٿ ۽ راڳ جو رسالو رب، رسول ۽ رام پکين جو.

چپ اسان جا چهنب هنن جي، چائنٺ، گنبذ چمڪو آهي،
ماڻهن سان گڏ مدنيءَ وٽ ٿي ٽيڪو آ انجام پکين جو.

مون ۾ جيڪو ڦڙڪي ويٺو اندر منجهه اُڏامي پيو ٿو
سوئي پڙڪو سمجهه سڄڻ تون! مون ۾ آهي قيام پکين جو.

آئون وڻ جيئن ويٺل آهيان، پيڙهين تائين پاڙون منهنجون،
اکين ۾ آکيرو آهي، اکين ۾ آرام پکين جو.

هڪڙي خاص جڳهه پڻ آهي هجري ۾ هن ”درس حسن“ جي،
هونءَ تي هيءَ درگاهه ڪليل آ، آسڻ آهي عام پکين جو.

❖

# نظم

## روميءَ جو رقص آهي

قونيا ۾ ڪيف وارو، روميءَ جو رقص آهي،
هن دل قلندريءَ ۾، ڌم ڌم ڌمال آهي!

هن پٽ کي وڇائي، ويڙهي سگهان ٿو آئون،
هر خيال جي خدائي، ڪيڙي سگهان ٿو آئون،
مٿي مان هر ڪو ماڻهو ميڙي سگهان ٿو آئون.
آواز مان اُتڻ جي، ڪيفيت ڪمال آهي!

مون ۾ ئي آڳ جرڪي، مون مان ئي گل ٻٽيو آ،
مون ۾ ئي جُز ڦتو آ، مون ۾ ئي ڪل ڇٽيو آ،
مون کي ڇٽيو محبت، محبت کي مون ڇٽيو آ،
جڳ مڳ ملال آهي، جهرمر جمال آهي!

هي رقص بي خودي آ، ديوانگي صدين جي،
هن ۾ روانگي آ، ساري رکيل ندين جي،
دنيا نہ اسان سامهون، ٻيهي سگهي بدين جي،
ڇيرين جي ڇما ڇم، سمجهيم سوال آهي!

## ادي هي آجيان ڪهڙي؟

اُهائي آجيان تي هئي،
اُها ئي الوداع تي وئي.
ادي هي آجيان ڪهڙي،
وئي جا موڪلاڻي تي!
گڏيا تنهنجي جڳهه تي سئو
گلابن جا سٿا آهن.
سين جا پاڪ ٿيا سينا،
اُگهاڙا سپ مٿا آهن.
ڪُسڻ جي قول تي قائم،
سيئي پوتيون ڪٿا آهن.
سموري واٽ تي واپس،
وهيو آ خون پاڻي تي.
ملڻ جون موسمون ماتم،
نماڻين ڪي نصيبن ۾،
تڏو دل ۾ وڇايل آ،
عزيزن ۽ قريبن ۾.
تلاشيون ٿا سيئي توکي
وري گڏجي غريبن ۾.
سمورو سوڳ سمجهين تي،
سمورو روڳ ڄاڻين تي.
ادي هي آجيان ڪهڙي،
وئي جا موڪلاڻي تي!
قضا جي ڪوٺ ڪاري جي.
وري ساڱي ڪهاڻي تي.
تون ئي ڌرتي جيان آهين.
اسانجو ٻيو وطن ڪهڙو؟
شهيدن ۽ گلابن ڪي،

يلا ايندو ڪفن ڪھڙو؟
سدائين جا ھجي جيئري،
ڪبو تنهن کي دفن ڪھڙو.
حسن ھر دم حُسيني ھئي.
وڃي سا سنڌ راڻي تي.
سڪايل سور وارن کي،
وڏو آ وقت لوساڻي،
اکين جي ڪربلا آخر،
سموري رات ڪيئن ڪاٽي؟
قضا جي ڪوٺ ڪاري جي.
وري ساڳي ڪھاڻي تي.
اڃي حامي حسيني تي،
سنڌين سان ڪربلا ٿي وئي
اُھا ئي آجيان ٿي ھئي.
اُھا ئي الوداع ٿي وئي.

## رقاصہ

رقاصہ قلندر تي بيٺي نچي،
چوان ڪيئن تہ مُجرو ڪري ٿي پئي
نڪو نازيہ جا نمونا نوان،
نڪو نازيہ جا اشارا نوان،
ندي آ پراٽي، اهي وهڪرا،
نڪو نازيہ جا ڪنارا نوان.
اُهي ئي پراڻا اتس پيچرا،
اُهي ئي پدمڙا سندس پيرڙا،
اُها ئي سندس چير آهي جتي،
صدين کان جا ساڳي وجي ٿي پئي
مگر تون قلندر وڻنو ڏسين،
منهنجي وک تو ڏانهن کڄي ٿي پئي،
لڳي جنگ جيڏي، امن اوترو هو
ايامن کان آئون اچان ٿو پيو.
لڪيءَ ۾ لڪايم بدن جو ذرو
جبل منجهہ جهاتي بہ پائي ڏٺم،
اندر منجهہ ڪاتي وهائي ڏٺم،
رڳو گرم چشمو بہ ڪافي نہ آ،
رڳو عورتن ۾ تلافي نہ آ،
گُهميس گهٽ سارا، گهمائي ڏٺم،
چُميون ڏئي ۽ خود کي چُمائي ڏٺم،
محبت جا مزدور وانگي ٿڪي،
محبت جا جهيٽي ٽئي پئي جهڪي،
ميان مروندي! توکي چا چا چوان
سنڌ ۾ گس ناهن سڌا ۽ سنوان،
صفا اُپ ڪپيءَ تان اچان ٿو پيو

جڏهن آهي اوندهه وڪوڙي وئي
بدن جي بتيءَ تي اچان ٿو پيو
وري سج ساڙي رکيو آ سڄو
تڏهن پيي تتيءَ تي اچان ٿو پيو.
سجائي رکان ٿو مان سيوهڻ سڄو
رقاصه قلندر تي بيٺي ڏسي،
آئون قلندر تي بيٺو نچان،
چوي ڪيئن ته مجرو ڪريان ٿو پيو

## صنف نازڪ

دلڪش بدن سمندر، انداز عورتن جا،
چمڪن چتا ڪنارا ديدار ۽ نظارا،
پاٽي مٿان جسم جو ترندو رهي ترنم،
چپڙن تي چاهتن جو ترسي پيل تبسم،
منڙا مڏر ته آهن جي تون وجائي جاٽين،
سپ ساز عورتن جا!

هي اُس ۾ اُگهاڙپ ڪيڏي حسين آهي!
چولين جي ڦيڻ چورين چاتي نشين آهي
عريان آسمان ۽ هيٺان زمين آهي
پل جو رهيو نه پردو پاٽيءَ ڪيا پئي پڌرا
رنگ راز عورتن جا!

واري به واسجي پئي، ريتي به رنگجي پئي،
جيڪا اچي ڇهي تي، چوليءَ سان ڏنگجي پئي،
هي زهر آ ضرورت، ڏاڍو نشو مٺو آ،
جنهن جنهن به هي ڏنو سوئي سگهي ٿو سمجهي،
هي ناز عورتن جا!

ناريل جي وڻن کي آهي ڏسڻ جي عادت
۽ مرد کي مصيبت آهي ڇهڻ جي عادت
چوڪرين چتين کي، آهي ڪُهڻ جي عادت
ڪنهن تي نه پون ڪڙڪي، سي مرد سپ مري ويا،
ناراض عورتن جا،

هي مياڻ جي وڳن مان، تلوار جسم نڪتا
۽ واءَ کي وڍڻ لاءِ، خنجر جا قسم نڪتا
ننگي خزان بہ نڪتي، ۽ وڻ ٿيا اگھاڙا،
اي بي لباس موسم ننگا ٻُڌا سڌاسون،
آواز عورتن جا!

هي جسم خود وڳو آ، پنھنجو اسان کي پاتل،
هي راز آهي پرڪيل، هيءَ راز آهي ڄاتل،
هي جسم خود پراڻو آهي لباس لاٿل
پائي بدن جو بيٺيون، ساحل کي سمجھ آئي،
انجام عشق تنھنجو آغاز عورتن جا.

# ڪيلاش وادي

اجان تائين اڪروٽ جو وڻ اتي ئي،
خيالن ۾ آهيون ڪڙا پاڻ ٻيئي،
جدائين وصالن جي ڪيلاش وادي
اها وَلِ تہ ڪافر حسينا جي گهر جي،
پنيان ئي، انگوري شرابن جي مٽڪن ۾،
مدفون آهي
اها دل تہ اتليءَ جي اڏڙوٽ عورت جي،
سيني جي پويان بہ ناهي سلامت
اها دل هوا جيئن،
وڻن جي لڱن ڪي ٿي هر هر لڳي
اها دل پهاڙي نديءَ جي
پيرن جي آهٽ جيان آ.
اجان تائين ساڳي ”اگلزا“ اُتي ئي،
ڪوڏن سپين جي خريدار آهي،
مگر خود سندس ئي جسم منجهہ جايون،
سياحن تڪڻ لاءِ سوچيو تہ هوندو
اجان تائين ساڳئي ٽرائوٽ مڇيءَ جي،
مهانگي هجڻ جو سبب سخت سردي،
گرم بستري ڪي بہ وڪڻڻ گهري ٿي،
اجان تائين آڏي،
وراندي ۾ ويٺل
ڪي جرمن مسافر،
چترال جو چرس پيئندا رهن ٿا
سُڪل پن آهن ۽ ڏرتي پٿر جي
خيالن ۾ ڪڙڪڙ ٿيندي رهي ٿي
پلي نانگ سونگهي سپن جون قميصون،
اندر منجهہ ٻڙ ٻڙ تہ ٿيندي رهي ٿي
مگر ٻاهر خوش آهي خدائي

## تنھنجي نرم ھٿڙن ۾

اُس ۾ ساڙي ۾ وجھي ٿي سِين لفظن کي،
مينھن معنيٰ ٻہ پچائي ٿو وجھي گيتن جي،
سمنڊ جي ڦيڻ سُڪي ٿي اچي ساحل تي،

منھنجي بي چين اکين ۾ ٿي چنتا چمڪي،
سپ شيون پاڻ ۾ ڪيڏيون نہ سلھاڙيل آھن!
چنڊ جو عڪس ٿو پاڻيءَ ۾ اُٿلي پٿلي،

ريشمي ڏور آ تنھنجي نرم ھٿڙن ۾.
دل جي سونھري مڇي ڪيئن نہ ڪنڊيءَ ۾ ٿي ڦٿڪي!
ٻيو وري خواب ۾ ساپيان جي سڄي منڊل ۾،

تنھنجي چوڙين جي انھي چپ جو حاصل مطلب،
مون کي ھيو پيرو تلوار جي ڌار مٿان،
ٻئي پير رکي آھستي ھلڻو پوندو!
ھيءَ جدائي ٻہ ڇڻ سوڪھڙي جي موسم آھي،
آئون اڪيلو نہ دانھين ٿيو بينو آھيان،
وڻ وڻ جي ٻُتي ٻانھن ڪنيل آ توڏي!
وڻ وڻ جي ٻُتي ٻانھن ڪنيل آ توڏي!!

## روحل لاءِ هڪ نظم

اسين هُن کي آئينو چوندا اسين!
هڪ لفظ،
گهڻيون معنائون،
۽ ججهي اُس،
هُن جو جسم اسان جي جسم مان جُڙندو!
اکيون ۽ خواب،
هٿ ۽ مصوري،
زبان ۽ گيت،
هي ڏکيا اوجاڳا،
جيڪي صدين جي سوڙهين گلين ۾،
هُن جي پيرن ۾،
پنهنجو سفر ڪندا،
ٻه چهرا،
هڪ چهري ۾ گڏ نظر ايندا.
۽ اسان جو نالو اُڪرجي ويندو،
وقت جي پٿر مٿان!
سڀ شيءِ ساڳي آهي،
روڊ رستا،
صبح جو ٻار اسڪولي،
آفيس ڏي ويندڙ ماڻهو،
چپ چاپ غمگين وڻ،
۽ ٻيهرو
گرم جهولو
يونيورسٽيءَ مان موٽندڙ بسون،
شام ساڳي،
ڄامشورو
چوڌاري پٿرن تي ماٺ جو مسلسل مينهن وسندڙ.

۽ تنهنجو اڻ ڇاتل انتظار،
گهر جي گهٽي،
در ڪمري،
تنهنجي ڪرسي،
۽ خاموشي،
ڪيڏي آهي ڏکي خاموشي!
درد جدائيءَ جو هي ڪيڏو،
تنهنجي پتيءَ جي رات،
منجهند جي هيءَ ماني،
تنهنجي پتي جو
ڪوپ چانهه جو
منهنجي پتيءَ جا پيار سمورا.
پائر پينر،
پيءُ ۽ ماءُ،
گهر جي پويان پينگهه اڪيلي،
انب جي وڻ جو ٻور اڪيلو
تون هليو وئين دور اڪيلو،
ڪالونيءَ ۾ دوست اڪيلا،
پنهنجو قيدي ديس اڪيلو
جنهن ۾ ڪوبل پئي ڪوڪي!
تنهاين ۾ سئو تنهايون،
تنهن ڪان بہ ٿورو پريان،
ڪچن گهرن اندر،
هوءَ چلهہ آ اُجهاڻل!
دونهين جي لاٽ ڪائي ٻاهر نٿي اچي،
نڪري نٿي پچي،
ڪائي حمريل آ جهوپي،
ڪوئي پراڻو چونئرو،
جنهن جي مٿان وري،
هوءَ ليڪ چنڊ جي آ.

نالو لکي وئي،
هن ڏينهن عيد جو
واري وڇاڙو جن جو
وڻ اوت ٿيا جنين جا،
تارن جي ڇپر هيٺان،
ڪجھہ خواب خواب آهن،
چڻ چوٽ ٿيا جنين جا،
۽ آ هوا جو هٿڙو
جن جي سردن مٿان،
تن جون بہ حالتون،
ڄاڻج وري خدا!
تن کي ڪابہ خوشي،
اُماڻج وري خُدا!!

# تاپولي

هر ماڻهو جي من ۾ هڪڙي،
گهوڙي جي تاپولي آهي.

هر ماڻهوءَ کي سمنڊ ذرو آ،
هر عاشق کي ساحل آهي،
هر ساحل کي اوسيئڙو آ،
۽ اوسيئڙي جي ليئڙي ۾،
ڪائي چلندڙ چولي آهي.

هر ماڻهوءَ کي خيال اچن ٿا،
سهڪي صديون سال اچن ٿا،
هولن پويان حال اچن ٿا،
حالن ۽ احوالن پويان،
ڪائي پرندڙ پولي آهي.

هر ماڻهوءَ ۾ مور نچي ٿو
هر ماڻهوءَ ۾ چور نچي ٿو
تارونءَ ۾ تلوارون ترندڙ
هڪڙو پورو دور نچي ٿو
هر ڪو دور پرولي آهي.

# احمد آ آغاز پرين جو!

رم جهم رم جهم راز پرين جو
ناچ وندر آ ناز پرين جو!

تڙگهت تڙگهت طبلي واري،
ساز سرود نہ دنياداري،
تار ۾ قوڪ جي ترت تياري،
سونهن سموري ساز پرين جو!

هٿ هنيليون هرٽيون آهن،
سير مچيون ڪيئن ترٽيون آهن،
جهڙيون ڪرٽيون پرٽيون آهن،
مست قلندر باز پرين جو!

مون تہ ٻڌو هو من ئي من ۾،
اٿ ئي صديون هڪڙي ڪن ۾،
تند وڄائي پنهنجي تن ۾،
اوريان ڪيئن آواز پرين جو!

هوتيءَ هيڪر حق سڃاتو
پنهنجو تر ۾ تڪ سڃاتو
لاکي لاهي لڪ سڃاتو
احمد آ آغاز پرين جو!

محمد، حسن ٻئي ڳڌ آهن،
حيدر مرمت جو سڌ آهن،
پنجتن وڏڙن جو وڏ آهن،
عجز انڪ ۾ آز پرين جو!
رم جهم رم جهم راز پرين جو
ناچ وندر آ ناز پرين جو!

## ڪل جهڙا پيار پنهنجا

ٻار جڏ ٻيئي اسين،
ڪل جهڙا پيار پنهنجا

گفتگو ۾ گڏ آهيون،
هڪٻئي جو سڏ آهيون،
پوءِ بہ ائين لڳي ٿو جانان،
ڏار جڏ ٻيئي اسين

نوجوانيءَ ٻور چاڙهيو،
پاڻ هڪ ٻئي کي نہ ماڻيو
انب هڪڙي جا ٻچل،
ڏار جڏ ٻيئي اسين

جيت هڪ ٻئي جي مٿان،
ڪين ٿي ڪنهن جي هٿان،
اوچتو محسوس ڪيوسين،
هار جڏ ٻيئي اسين

ٻار جڏ ٻيئي اسين
ڪل جهڙا پيار پنهنجا

## اڄ بہ منهنجي عاشقي چڻ آگ آهي

تون تہ سمجهين ٿي تہ
منهنجا خواب سپ نامرد ٿيا،
۽ هجر جي شام هر ڪا،
چڻ تہ ڪدڙن جي مڙهيءَ جي ماٺ آهي،
تون تہ سمجهين ٿي تہ،
منهنجي موهہ جون مُرليون سيپيئي،
بي سريون بيڪار ٿيون،
۽ درد جو هو نانگ ڪارو
پٽ ۾ پٽڪي مئو
۽ سندئي احساس جيڪو
چڻ تہ گيڙو ويس آ،
مون وڃائي آ ڇڏيو
تون تہ سمجهين ٿي تہ،
منهنجي سمنڊ سان ياري پراڻي وئي ٽٽي
۽ ساحلن تي بي وفائي پيو بڪان،
۽ هاڻ ڪائي يادگيري،
ڪا ڪياماڙي نٽي مون کي ڇهي
تون تہ سمجهين ٿي تہ،
مون ڪيٽي بندر ۾
تنهنجي سنيهي جيئڻ سجاول کي وساري آ ڇڏيو
۽ سيئي تاڙيون ڪجيون
جهمپير جون،
مون ۾ ويون آهن مري،
تون الائي ڇا بہ سمجهين،
پر ائين آهي برابر،
خودڪشيءَ جي خيال وانگي،
سنڌ کي مون سئو دفعا آ سوچيو

هر دفعي مون موت کاڌي تو هٿان،
هر دفعي هن عاشقيءَ،
مون کي بچائي آ وڌو.
هن ديس جو هڪ هڪ ڇپو،
منهنجي چپن ۾ آ چُمي
منهنجي هٿن ۾ جام جيئن،
منهنجي اندر جي آسمانن ۾ اڏامن جي شڪل،
هن ديس جي هر هڪ گهٽي،
منهنجي رڳن ۾ ٿي لهي
هن ديس جي هر ڪا دري،
منهنجي اندر ۾ ٿي کلي،
ڇا ڇا نہ مون آهي ڏٺو هن ديس ۾،
هوءَ سنڌو
جڏهن ڪا فرينچ ڇوڪري آهي ستل
۽ انهيءَ تي چاندني.
جڏهن سٽي پيئي لڙهي لهرن اندر
جڏهن تہ ڪا ساڙهي اڇي،
پئي اُڏامي اُپ ۾،
۽ هو سمورا ڳوٺ جيڪي،
جڏهن تہ آهن ٽئگور جي شاعري،
۽ تنهنجي اکين مان اُس جي وسڪار جيڪا
وٽن تي،
اُن اکين جي اُس جو ادارڪ جيڪو مون ڪيو.
۽ سمندر جي ڳجهيءَ مان،
جڏهن تہ تو تنهنجو جسم مون ڏي اڇي،
ڇاڇا نہ مون آهي ڏٺو هن ديس ۾،
ها اڃان مون مان شرابن جي سڃاٽپ،
ڪانہ وئي آ.
۽ اکين جي گهور گهاتو،
ڪين ٿي آهي مُڏي.

اج ٻہ تنھنجي چاھتن جا،
باغ ٽا مون ۾ لڏن
اج ٻہ ڪائي ڪنوڻ ٿي مون ۾ ڪجي
اج ٻہ ڄڻ ھالار ٿو مون ۾ گجي
اج ٻہ تنھنجي درد ۾ سو دم آھي،
ڄڻ تہ تنھنجي چيلھہ جو ڪو خم آھي
اج ٻہ مون ۾ ڪا جيئڻ جي جاڳ آھي،
اج ٻہ منھنجي عاشقي ڄڻ آڳ آھي.

## ڪانڊيرو

ڪانڊيرو نالي هُو هاري،
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾
ڪانڊيري جو ڏاندن جوڙو
پر سياري ۾ چورن ڪاهيو
جنهن تي ڳُتي ڪيڏو ٻاهيو
ها پر رات بہ ڪاري آهي،
جنهن ڪان توبهہ زاري آهي،
چا چا تي تاريخ ڦلهوري
چورن جا تي پيرا ڏاهي
هُن جي زال تہ رليون ناهيون،
ڪيڏيون پياريون پليون ناهيون،
جنهن ۾ هن هئي ننڍ بہ ٽانڪي،
پنهنجو سارو نُور بہ توبيو
اُڏڙيل هر هڪ سُور بہ توبيو
چڙ هن سارو ديس سبيو هو
پنهنجو هر آسيس سبيو هو
سي بہ وڏيرين کي تہ وٽي ويون،
جيڪي آخر مفت ڪٽي ويون
هن کي رئيس وڏي وٽ وهندي،
پورو سال هي نائون ٽيو هو
هيل فصل بہ تہ ڏلو ٽيو هو
۽ ليکو بہ تہ لائون ٽيو هو
هن کي ڪڏهن خط نہ آيو
هن کي ڪڏهن تار نہ آئي

هو جو ڪنهن کي ياد نہ آيو،
هن جي ڪنهن کي سار نہ آئي
هن جي ڪا ائڊريس نہ آهي،
هن جو ڪو گهر نمبر ناهي
هن جو گهر آ واٽر ڪپ ۾،
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾،
ڪانڊيري نالي هڪڙو هاري.

## صدين جو سچ سامهون آ.

وڏا وڻ ڳوٹ ٹُنهنجي جا،
ڏگها پاڇا متي چيڪي.
هوا سامهون سُتي ساڳي،
سريلي سيند تنهنجي آ

ڳليون جڻ ڳهر ۾ آهن،
اکيون ڪنهن جواڻ عورت جون،
ننڍاکو نم جو وڻ آ،
نرالي نيند تنهنجي آ.

پراٹيون پٹ تي پوندڙ پيتيون،
پرندي نہ پڙڪن ٹيون،
ٻڌيون جيڪي اتم ڳالهيون
انهن جو ڳچ سامهون آ

مُڙي ۾ مور جو ڪوئي،
ٻُڪي تو ڊيل جي پوبان،
حياتيءَ جي حقيقت ۾،
صدين جو سچ سامهون آ.

## ڪراچي!

مڇيءَ جي پيٽ مان ماڻهو،
جتي جيئرو بچي نڪتو،
اتي ان شهر ۾ اڄ،
مورڙو رستي مٿان مئو آ !

ڪلاچي ڳوٺ تنهنجي ۾،
ڪڏهن نہ سنڌ سوچيو هو،
اڪيلو آدمي تنهنجو،
هجومن جي هٿان مئو آ.

## محبت هيڪلي آهي!

چڏڻ لاءِ چوڪريون چڏجن، مگر پوءِ چا تہ ٻيو ڪٺجي،
ڪرڻ لئہ ڪم ڪيئي آهن ، محبت هيڪلي آهي.

اُڌاري زندگي آهي، نقد آ پيار هُن جوئي،
زماني ۾ زنجيرون ڪئي، وٺي ٿو هار هُن جو ئي،
ٻہ ٽي ٻُوٽا ڪٽي پوکيان، گُلن جا گنج ٿي پوندا.
ڪريان ڪجهہ ڏنڍ سان ڳالهيون، ٻتيلا هنج ٿي پوندا.
وڻن کي ڪوٺ ڏيئي ڪا، ملايان آبشارن سان.
نمن جي ڳوٺ ۾ نئين سر، ڪيان مان راند ٻارن سان،
پراڻا ٿانو ٿامي جا، قلعي ڪنهن ڪان ڪرايان مان
ڳُنڍيءَ جو ڪم ٿيو پُورو، مڃي ساري ترايان مان،
چڙهي مان ڏاند گاڏيءَ تي، اچان ڪجهہ اوڏڙو هُن کي،
هوائن جي هندوري ۾، ڏيان مان لوڏڙو هُن کي
سمورو هي تصور آهي، سمورا خواب هي آهن،
حياتيءَ جي ڪتابن جا، اڌورا باب هي آهن
رڳو آ رش روڊن تي، گهٽين ۾ ٻي دلي آهي،
ڪريان ٿو پيار مان تنها، محبت هيڪلي آهي.

## اوچائي!!

آبشارن جا بدن بيهن نہ ٿا،
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟
وقت جا هٿ پيا پهاڙن کي گهڙن،
ڪارائيءَ جا ڏند ڪانن کي ڪتن،
ريل گاڏيءَ ۾ مسافر پيا وجن،
آبشارن جا بدن بيهن نہ ٿا،
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟

جسم جو جر ٿو جڏهن ڇاڇولجي،
ڍنڍ ۾ جيئن ٿو مڇيءَ کي ڳولجي،
لهر کي جڻ لهر ۾ ٿو ڳولجي،
آبشارن جا بدن بيهن نہ ٿا،
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟

رات کي ماڻهو رجائي ٿو سگهي،
پٽ تي تارا گهرائي ٿو سگهي،
ڪنهن کي ڪنهن کي پر پڌائي ٿو سگهي
آبشارن جا بدن بيهن نٿا!
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟

## پراڻو عشق پوڙهو ٿيو!

محبت مال چاريندي،
وڃي ويٺي وڻن هيٺان،
حقيقت خواب جي پرسان،
سمهي پئي گيت ميڙيندي،
دلين جي خشڪ پتن تي،
رکي ٿي پير خاموشي،
اسان جي زندگي گذري
خود سان پاڻ جهيڙيندي
اُداسي اڳ ڇائي پيئڻ آهي،
هر جوانيءَ جي،
ڇٽن ٿا پن ڇاتين تي،
مٿي ۾ مائٽي ڪهڙي!
پراڻو عشق پوڙهو ٿيو
سين جو جڻ ته تڙ ڏاڏو
اسان جو پاءُ پيو ڪهڙو
اسان جي پائتي ڪهڙي.

## هر گُلن سان گفتگو!

هر گلن سان گفتگو ۾،
گذرندي گهڙي آهي،

تون ڏکڻ ڏي ڏس ڪٽي،
هوءَ اتي ڪڙي آهي،

رُت جي رڪيبن ۾ تون،
پير وجهہ پڪا پنهنجا،
واڳ وٺ وڇيڙيءَ جي،
جا اجان جڙي آهي.

مان ازل کان آجيان جا،
گيت پيو جنهن لئہ لکان،
سامهون سا پئي اچي،
لاڙ کان لڙي آهي!

## جاڳندڙ جواني!

آسمان اُجرو آ،
رات جو ستارن جي،
پاڻ ۾ ڪچهري آ،

هيٺ هوءَ ستي آهي،
جاڳندڙ جوانيءَ کي،
ننڊ ڇا ته گهري آ!

## اڏڙوٽ عمر جي عورت

اڏڙوٽ عمر جي عورت کي
مون خط لکيا، مون پيار ڪيو
هوءَ هر ڀيري ئي مُرڪي پئي،
هُن هر ڀيري انڪار ڪيو.

ڪيئن ڀيرا هُن کي گهوريندي،
هيءَ منهنجي اک ڏڪي هوندي
هوءَ سمجهي ويندي هئي پل ۾،
هُن مُرڪي ڏيک ڏيکي هوندي.

هوءَ جنهن جا هٿ گلاب هيا،
۽ منهن ۾ اُجرو جهرڻو هئي
هوءَ جيڪا ساري اُس جيان،
۽ پاڻي ۾ ڪو ڪرڻو هئي.

اڄ سيارو آهي ڌُئاري تي،
هُوءَ ڪنهنجي چادر تي هوندي،
هُوءَ جيڪا منهنجي ٿي نہ سگهي،
ہي ڪنهن جي آخر ٿي هوندي!

# ڏرتي

ذڪر ڪرڻ جهڙي هي ڏرتي،
خدا جي تصور ڪرڻ جيتري پراڻي،
عورت جي پيٽ جيان لسي،
نہ ڪٿي ڪاڄي جي ڪل جيان ڪڙڪ آهي
نرم گاھ تي هلندي،
پيرن کي چا تو محسوس ٿئي
مفاصلو ريشمي ڪپڙي وانگي ويڙهي سگهجي ٿي،
۽ ڏرتيءَ کي
پوڙهي ماءُ جي هٿن جيان،
ڇُهي سگهجي ٿو.
تڏهن نہ وارياسيءَ تي چاندني
۽ ساحلن تي شام جو
هيءُ ڏرتي
هر ماڻهو کي پنهنجي آتم ڪٿا تي لڳي.

## رات جي گھوڙي جڙي

رات جي گھوڙي جڙي،
چاندني در تي ڪڙي،
هڻ جوانيءَ کي اڙي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟

رات جي گھوڙي تِڪي،
زندگي جنهن مان سِڪي،
ڪنهن متي ڪنهن جي لِکي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟

رات جي گھوڙي ڀڄي،
وقت واڇوڙو وڄي،
پير پيو هر ڪو ڪڄي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟

رات جي گھوڙي ڪُڏي،
تخت ۽ تختو لُڏي،
ڏوڙ ڏڙڪي ۽ اُڏي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟

## سانجهيءَ جي ڪعبي ۾

سانجهي جي ڪعبي ۾
هر ڪو درد حجرِ اَسود
هر ڪنهن جو آ پنهنجو قد،
هر ڪو پنهنجا درد چمي ٿو
پنهنجا ڏک ۽ چميون لکي ٿو
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾
سچ لهي ويو تارين تان،
ڪارو اُپ غلاف لکي ٿو
ڪنهن ڪنهن جو آ ڪهڙو ڪلمو
هر ڪو تارو صاف لکي ٿو
ڪير هوا اسان ڊوڙ پڄائي
هر ڪو پنهنجي منهن ڊوڙي ٿو
ڪير طواف ڪري ٿو ڪنهن لاءِ،
هر ڪو پنهنجي منهن لوڙي ٿو
تون مون پارا ڪهڙا ڪافر
ڪالهوڪي ڏينهن جهڙا ڪافر
ڪنهن جو آ ايمان لتاڙيل،
ڪنهن جو اڄ ويساهُ ٽٽو آ
هر ڪنهن رڙ جو پنهنجو رب آ،
جنهن کي ڪوبہ نہ بند گهٽو آ،
منڪر شام تہ چوندي پيرا،
ڪنهن جو ڪنهن جو پنڌ ڪُٽو آ
ڪهڙي مومن مات مچي آ
ڪهڙي ڪافر نانءُ لکيو آ
موت سندي ديوار مٿان،
ڪاري اُپ اپار مٿان،
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾

## ننگي سرمد جي حضور ۾

مان تنھنجو ساڳيو اڀي چند
تھمتن جي ديس ۾،
ڏنڏلي شام جي ھن شھر ۾،
تنھنجي عُرياني جي ڪتبخاني اڳيان.
درد جا پيالا پري
ءِ ڏوڪِيان ٿو
پاڻ کي ئي ٽوڪيان ٿو!
ڪنھن اگھاڙي موھ جي اقرار ۾،
پيار جو انجام ڪو
گھَگھُه اونداھين گھٽين جي پوڳنا ۾،
بخت جون لڪيرون،
تخت جي ھينان اچي دٻجي ويون
ءِ وقت جيڪو
رات جو سينو ڪُٽي پٿبو رھيو
رُت پنھنجا روڳ روئي،
تنھنجي پيرن مان جا ڦٽي ھئي پرھ،
مان تہ ٿو تنھنجا اھي پير روئان،
تنھنجي دامن ۾ اجھاٽي جا صُبح،
مان تہ ٿو توسان اھي انڌير روئان
مان تہ ڪنھن اجڙي ويل ٻوٽي مثل،
تون وڏو جھنگل،
جنھن جي ماٺ بہ ايڏو وڏو آواز آ جو ڏار ڏڙڪن.
مان تہ ڪنھن وڪري ويل جھوٽي مِثل،
تون وڏو طوفان،
ڪوئي ٽرٽلو
ڪوئي زلزلو
جو ھر گھر جي دل ڏُٻي،

پوءِ ٻہ تنهنجي هن وڏي دنيا اندر،
نانوءُ پنهنجي جو ننڍڙو نذرانو ڏيان ٿو.
درد جو تنهنجو بچيل،
تنهنجي اوير،
ڏوکيان ٿو
مان تنهنجو ساڳيو اَيي چند
مان تنهنجو ساڳيو اَيي چند

- ايي چند: ٺٽي جو رهاڪو سرمد جو محبوب هندو ڇوڪرو

## اُس جهڙو رنگ ٽُنهنجو!

اُس جهڙو رنگ ٽُنهنجو
مان ٻکيان ٻانهون مگر،
اُپ وانگي تو اتي.
اوچتو هر انگ ٽُنهنجو
اُس جهڙو رنگ ٽُنهنجو.

مون جيان منهنجي مٽي،
دائرن ۾ قيد ناهين،
ڪوڀ ڪونهي دنگ ٽُنهنجو
اُس جهڙو رنگ ٽُنهنجو.

## ڄاڻيي گُلن جيئن ڇوڪريءَ

ڇرڪندي مون ۾ ڇٽي،
ڄاڻيي گُلن جيئن ڇوڪري.

ڳوٺ منهنجي جي ڳليءَ مان،
سج ٿو سينو ڪڍي،
۽ انهيءَ جي تاءُ ۾،
ڪيترو مون کي وڻي،
ڄاڻيي گُلن جيئن ڇوڪري.

مات ۾ ماٽي سدائين،
لڳ مون هنجا لکيا.
۽ هِجر جي هوءَ هوا،
کوڙ پيرا وئي ڪٽي،
ڄاڻيي گُلن جيئن ڇوڪري.

پيون بہ ڪيئن چمپا جيان،
منهنجي ڇپن ۾ ٽيون ڇٽن،
هن سموري پيار ۾،
هو مگر هڪڙي ڄٽي،
ڄاڻيي گُلن جيئن ڇوڪري.

## ڪراچي ٽُون اسانجو سج آهين!

ڪراچي تون اسانجو سج آهين،
۽ اسين سورج مکي آهيون،
اسانجي پوئين پيڙهيءَ جا،
سمورا سوز ۽ آواز
زخمي مور جي رڙين ۾ دفنايا ويا،
اڏ صديءَ جو سُور،
۽ سجيل سنڌو سندس يادگيرين ۾،
چاندنين ۽ سانوڻين ۾،
اسانجي پرجي آيل آواز جي شاهدي آ،
۽ ڀڪندڙ پيلي ٻپهر جو پُور،
اسانجي درد جو پيو رنگ بنجي،
سدا چِٽندو رهيو آهي.
۽ اسانجي بيقراري جا اجارو سمنڊ،
تو ڏانهن روز واجهائي وري ٿو
اسانجي درد جون،
ڪارن گلابن جيئن ٽڙي پوندڙ ڪٿائون،
اسانجا هي بدن ٻانهون،
تنهنجي ئي هوائن ۾ ٻوڪيون آهن،
۽ اسانجي ساهه جي نلين ۾،
پرندڙ ساهه ڪي،
۽ اسانجي هن،
اڻ ڪٿ عاشقي جي آهه ڪي،
تون وڏو اتساهه آهين،
اسان هي پنهنجي پيرن ۾،
پرينءَ جي پار جا سپ پنڌ.

تنهنجي لاءِ رکيا آهن،
اسين توکي پهرين پيار وانگي ٿا پسون،
۽ تون اسانجي روح ۾،
متي محبوب جي اک وانگي ٿي لهين،
۽ تنهنجي هر ڏکي چوٽي ڳلي،
اسانجي دک جي پوڙهين صدين کي،
دونهين وانگي وٺ کائي،
ويڙهجي ٿي وڃي،
اسان پنهنجن ابن ڏاڏن،
پنهنجي پيڙهين جي پيڙا جا سمورا سور،
پنهنجي رڳن جي رت ۾ روکي رکيا آهن،
۽ تنهنجي روئي پوندڙ روشنيءَ ۾،
درد جو احساس،
اسانجي نوجوانيءَ کي نمايان ٿو کري،
۽ اسين،
پنهنجا چهرا ۽ چٽي ويل مک مهاندا،
تو ۾ پوکڻ ٿا گهرون،
اسين تنهنجو اصل آهيون،
اسين تنهنجو نسل آهيون،
کراچي تون اسانجو سج آهين،
۽ اسين سورج مکي آهيون.

# مس اسڪارپيو

هوءَ اچا تائين،
اپ ڏي آڱر ڪٽي،
تارن لاهڻ جي تمنا تي ڪري،
۽ پنهنجي ٻانهن ۾،
صبح جو سج ويڙهڻ تي گهري،
۽ بارش ۾،
گهٽا جو توپ پائڻ تي گُهري،
۽ ضدي ٻار وانگي،
مون سان پيار ۾ وڙهندي رهندي آ.
جو تہ هوءَ اچا ٻار آهي
شهر جي سيني گهٽين ڪي،
موت ويڙهجي ويو آ.
۽ ٻارن جي راند جي پوبان،
خاتمو تو ڏند ڪُرتي،
۽ اداسيءَ جون هوائون،
پتين سان سر ٽڪرائين ٽيون،
پوءِ بہ هوءَ،
دريءَ ۾ مُک رکي،
مسلسل ٺهڪ ڏيندي رهي تي،
جو تہ هوءَ اچا ٻار آهي
هن کي خبر آهي تہ،
آئون جهنگلي ڪبوترن جي جُهنڊ کان وڇڙيو آهيان،
۽ سمنڊ سان منهنجي ياراڻي،
منهنجو مقدر آهي
ٻڏي ويل جهازن جهڙا پُور منهنجا،
منهنجو پيچو ڪندا تا وتن،
۽ نيٺ هڪ ڏينهن .

آئون سپ ڪنارا پاڻ ۾ ڳيھي ويندس،
پوءِ بہ ھوءَ مون کي روڪڻ تي گھري،
چو تہ ھوءَ اجا ٻار آھي
ھُن جي اک ۾،
چنڊ مرندو ۽ جيئندو تو رھي.
۽ ھُوءَ بالڪونيءَ جي ھنج مان،
مون لاءِ ھڪڙو سڏ تي
اپ ۾ وڃائجي تي وڃي،
۽ وري اوچتو
مون مان ڦٽي تي،
۽ پنھنجي چمين جي آلبم ۾،
منھنجا چپ،
سدائين لاءِ رکڻ تي گھري،
۽ منھنجي چپن ۾،
ڪنھن بہ ٻئي جا چپ پوکڻ کان ڊڄي تي،
ايترو ڊڄي تي جو،
مون کي پنھنجو پاڻ ۾ مارڻ تي گھري،
چو تہ ھوءَ اجا ٻار آھي.

## شاعر جو وطن

هڪ شاعر جو وطن،
هن جون اکيون.
هو سُڪي تي،
سمنڊ جهڙي سار تي هن کي اچي
هو لکي ٿو لفظ.
ڪيڏي خار تي هن کي اچي
هو الائي ڇا ٿو چاهي
سدائين ڳوٺ ٿو ڪاهي،
۽ اڄ بہ سوچي ٿو تہ.
هن جي ڳوٺ جي سوڙهي ڳليءَ ۾،
زندگي سٺي هوندي،
سنگ مرمر جي قبر تي،
چاندني وُٺي هوندي،
هو تہ سوچي ٿو تہ،
هن جي پاءُ بندوق جي نالي گرم هوندي،
۽ ڏنڊ تي ڪيئن پکي ڦٿڪندا هوندا،
۽ هن جي پاءُ جي سرخ گهوڙي،
بندوق جي فائر تي هٽڪندي هوندي،
اوچتو هوا جان ان کان بہ اڳتي ٿو وڃي
”زندگي ڪنهن ٻي جاءِ تي آهي،“
هو تہ چڙ ميلان ڪنڊيرا (1) جي ماٺ سان ٿو ملي،
هو پراگ (2) جي هڪ گهر ۾ ڏسي ٿو
جتي ڪا ڇيڪ ڇوري،
ڪنهن غير ملڪيءَ سان اگهاڙي آ ستل
۽ ڪُنڊيرا تون تہ پئرس ۾ رهين ٿو
زندگيءَ ڪنهن ٻي جاءِ تي آهي.
ها جتان سولزي نتسن (3) جي،

ملڪ بدريءَ جي سورج ايري ٿو.
يا اجان ان ڪان بہ اڳتي،
جتي محمود درويش (4) جي ڏاڏاٽين ڪجين مان،
ام ڪلثوم (5) جي مٺي آواز جهڙي،
هوا نغمہ سرا آهي
جيستائين ٿي وڃي سوچ هن جي،
تيستائين ٿو ڪهي ٿو.
جيستائين ٿي، نهاري اک هن جي،
تيستائين ٿو رهي هو
هڪ شاعر جو وطن،
هن جون اکيون.

---

1. چيڪوسلوايہ جو ڪميونسٽ منحرف ناول نگار جيڪو پئرس ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي.
2. چيڪوسلوايہ جي گاديءَ جو هنڌ.
3. روس جو نوبل انعام کٽيندڙ ناول نگار جيڪو روس مان جلاوطن آهي.
4. فلسطين جو مشهور شاعر.
5. مصر جي مشهور ڳائڻي.

## تون ڪٿي آهين؟

آسمان تي چنڊ آهي،
۽ زمين تي گاهه آهي.
تون ڪٿي آهين؟

پرپرو هڪ ڳوٺ آهي،
اورتي واريءَ دڙا،
۽ وچ ۾ هڪ واهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟

تو بنا خالي پٽو مان،
پاڻ کي ڳوليان ڪٿي مان،
تو ۾ منهنجو ساهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟

دور تائين دلبري آ،
چؤطرف چمڪات جهڙو
تو سندوئي چاهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟

در دريون ڏڙڪن پيا،
مان سمورو چرڪ آهيان،
۽ گهٽين ۾ تاهه آهي!
تون ڪٿي آهين؟
تون ڪٿي آهين؟

# ڪنگڻ

هن جي لاش کي،
سپهہ سالار جي خيمي ۾ آندو ويو.
۽ هن جي گهوڙي تي،
شاهي اصطبل جو در کوليو ويو.
مشعلون ٻرنديون رهيون،
هن جي گهرن گهاون تي،
۽ هن جي قيمتي تلوار،
بنان خون خرابي جي،
هن جي پير ۾ ساري رات ستي رهي،
ها پر هن جي کيسي ۾،
هن جي محبوبا جو جيڪو
ڪنگڻ هو سو ڪيڏانهن ويو؟

## تون تہ چڙ تي نازبو مھٽي وچين

تون تہ چڙ نازبو مھٽي وچين،
منھنجي لڱن ۾،

ڏُور توکي تو ڏسان،
تون ويجهڙي ٿيندي اچين،
۽ سپ تاريون آليون،
ڀاڪرن جون تي اچي مون ۾ پچين،
تون تہ چڙ تي نازبو مھٽي وچين،
منھنجي لڱن ۾،

هن تڏيري واءُ ۾،
تي اچي مون کي چھين،
۽ گلابي دائري ۾،
ڪر موڙي چا تہ تي مُرڪي مچين،
منھنجي لڱن ۾،
تون تہ چڙ تي نازبو مھٽي وچين،
منھنجي لڱن ۾!

## تون صفا تڪڙي ٽِڪي!

تو رڳو جواني سِڪي،
تون صفا تڪڙي ٽڪي،
چڻ پهاڙي ڪا ندي!
مان مگر جهيٽو جهڪو
هاءِ پنهنجو پاڻ ۾،
پن وانگي پيو لڏان،
ڪا خبر ڪانهي تہ ڪيڏي مهل،
پنهنجي درد ۾ پوندس ڇٽي،
۽ تون مٿان ويندينءَ وهي،
چڻ پهاڙي ندي!
تو نہ ڄاتو آئون آهيان ڪٽڪ ۾،
ٻاجهري ۾ ۽ نري جي ڏُک ۾،
تو نہ ڄاتو آئون آهيان سيءَ ۾،
۽ نڪو شمشان ڄاتو
۽ نہ سمجهيو
عشق جي چيڪي مٽيءَ کي،
منهنجي ڳوناٽي گهٽيءَ کي،
جت اجان تائين چڙا پيا ٿا وڄن!
توڙي جو آئون ڪٽي،
هيٺ اچ آهيان ڪريو هالار تان،
۽ مون ۾ خوشبو جو ديوتا پيو آ مري،
۽ منهنجي من جا فرشتا،
اڄ گناهن تي گذارو ڪن پيا،
پر تو نہ ڄاتو
تو تہ پاٽيءَ جو پيالو ڪين پرکيو
تو ڄَوَن جي سنگ کي ڪين ڄاتو،
تو وڃايو ۽ نہ ڪوئي ڪجهہ پاتو.

## ذوالفقار علي ڀٽو!

اسين چئون ٿا تہ
تنهنجي ساھ کي ايندڙ ڇڪون،
ڦاسيءَ جي رسي ۾ رهجي ويون،
۽ هوا درد ۾ ڦاٽي پيل ڏرتي جي ڳلي مان،
هر ويل تن کي ڳائي پئي،
اسين چئون ٿا تہ
تنهنجو موت،
رستن تي هارايل رت،
۽ گهاٽن وڻن ۾ ماريل ڳوناٽا،
تنهنجي قاتلن جي ساھ ۾،
سوڙھ ٿي پيا آهن،
انهن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا آهن!
انسانيت خلاف هنن جي سازش ۾،
نہ ترندڙ رڪاوٽ بنجي پيا آهن،
۽ انهن جي خارشي ذهنيت،
۽ بي حواسي،
اقتدار جي ايوانن ۾،
هنن جو ميچالو ڪائي رهي آهي،
اسين چئون ٿا تہ
جنرل ضياءَ پنهنجي روپ ۾،
زندگي کي منع نامو هئو
موت جو پيو نانءُ هئو
سموري نئين نسل جي،
ڪونئري ڪپهہ جهڙين جوانين تي،
ڪري پيل پٿرن جو ڍڳ هئو

هو چانڊوڪين سان وير هئو.
صبح سان بي واجبي هئو
۽ هن جو ڪچندڙ ساھ.
هوا سان زيادتي هئو.
۽ هن جو وجود.
ڌرتي تي اضافو هئو
اجايو هئو.
۽ ماڻهپي لاءِ شرم جهڙي ڳالهہ هو!
ڪاري گلاب جهڙو اپريل جو مهينو.
ڪئلينڊر جي ڪک ۾.
گهرو زخم بڻجي چڪو آ!
۽ اسان جي لوڪ گيتن جون سٽون.
اسان سان ڪاوڙيل آهن.
تنهنجي مرڻ جي موسم.
۽ اسانجون مجبوريون.
هوبهو هڪجهڙيون هيون!
۽ هاڻ اها موسم.
اسان جي اکين ۾ اٿلي پئي آ.
اسان جي رت ۾ آنڌ مانڌ ٿي اچي لٿي آ.
۽ اسين جيڪي مٽيءَ ۾.
مسلسل ڌڙڪي رهيا آهيون.
اسانجي سگهڙ پائرن.
اسانجي نرڙ جي گهنج ڪي چمي ورتو آ.
۽ اسان جي جرئتمند ابن ڏاڏان.
اڌ صديءَ جو ڏک.
پنهنجي پٽڪن جي پلاندن ۾ ويڙهي رکيو آ.
اسين ٻارن لاءِ پيار.
۽ محبوبائن سان وري ملڻ جي آس.
پوئتي ڇڏيون ٿا.
ڦاشي فوجن سان مُنهان منهن ويڙهہ ۾.

اسانجو اهو ارادو تمام اوچو آهي تہ،
اسين ملڻ کلڻ جون موسمون،
۽ معصوم پيار مرڻ نہ ڏينداسين،
پنهنجي لڱن ۾،
پنهنجي مائرن جو کير کرڻ نہ ڏينداسين!

## مونکان نہ پڇ منهنجو حال

ڪالهُونڪر ڪان من موڳو،
مُون کي آهي پاڻ ملال،
مُون ڪان پُڇ نہ منهنجو حال!

ساري عمر ائين ڪٽي آ،
جڻ تہ ڪائي پري چٽي آ،
هيءَ بہ گذري ويندو سال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!

چانڊوڪيءَ ۾ چڪ وجهي پيو،
هينئڙو بہ ڪنهن هَرڻ جيان آ،
چرڪي آخر ڏيندو چال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!

جيئرو رهندي تُون تہ جتن ۾،
رهجي ويا ٽئي هار هٿن ۾،
سانڍي چڏ سڀ استقبال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!

هيٺي تي هر حملو ڪيو آ،
سيني کي هي چا تہ ٿيو آ،
تون تلوارُون آئون ڍال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!

راند ۾ هر ڪو راضي آهي،
شطرنج جي هي بازي آهي،
هر ڪو هلندو پنهنجي چال،
مونکان پُڇ نہ منهنجو حال!

## اسٽيفي گراف لاءِ!

ٽون دنيا کي ٽينِس ڪورٽ سمجهين ٿي،
ٽون ڏاڍي تيز ڪيڏين ٿي،
تنهنجي هر ادا،
هر چُمي، ياڪر،
رسڻ پرچڻ،
تيز شاٽس جيان آهي.
تاري کِڙڻ جيڏي آ تيزي،
تنهنجي هر عمل ۾،
ٽون ڏاڍو تيز ٿي ڪيڏين!
ڦهليل آسمان هيٺان،
ڌرتيءَ جي هِن گولي تي،
سمنڊ وانگي انهن تماشائين جو،
تعداد تمام گهڻ آهي.
جيڪي هارائيندڙن سان گڏ هجن،
ٽون اها پهرين ڇوڪري نہ آهين،
جيڪا پيار ڪي بہ،
وِمبلڊن ٽرافي سمجهي ٿي،
دِل جو پيو نالو بہ دل آهي،
۽ هن نالي جو اعزاز،
ماڻهو وڃائڻ لاءِ حاصل نہ ڪندو آهي.

## ڇڱو جو اسانکي نہ درزي مليو

ڇڱو جو اسانکي نہ درزي مليو
نہ کو ماپ من جي، نہ کو ڪور ٽي،
حياتي سندو هرڪ ڦاڙي هوا،
قضا جي ڳتر ساڻ ڪوري چڙهيو
هوا جي هٿن ۾ پاڻ پوري چڙهيو!
نہ ڪو ڪاج ڪوئي نہ پيڙو لڳو!
سڀئي ڪانسواءِ هي سُئي سوچ جي
انڌيري ۾ بکيا اجايا هٽي،
پُراڻا پيا ٽيندا وجون پاڻ ۾!
لڱن جون هي ليڙون لڪائي گهمون،
ٽٽا ڦاٽندا تا وجون پاڻ ۾!
اجان تا چئو تہ بدن ٽانڪبو
اسان کي تہ سُورن سبي آ رکيو!
ڇڱو جو اسانکي نہ ڌوبي مليو!

صدين جي سفر ۾ تا ڇڪبا رهون
وچو وچ واري ورائي وئي
ڪتي گهاٽ اهڙو نہ ڪوئي گهڙيو
جتي اڄ اکين کي بہ اُجرو ڪريون،
رڳو راهہ ۾ آهہ آهي اپي،
لکين لفظ آنڌي جيان اڄ اٿيا،
وئي دز دل تي دُکن جي جمي،
جتي جر اندر جيءَ نٽو ڌوپجي،
اتي اڄ بنا آب جي دوستو!
اسان کي تہ آ ڌوڙ ڌوئي رکيو!

## خانہ بدوش جيئن خُدا کي ياد ڪن ٿا!

روز هي رولاڪ جيون جا جٿا،
جڻ تہ صحرا ۾ نگر آباد ڪن ٿا،
خانہ بدوش جيئن خدا کي ياد ڪن ٿا،
تيئن ڪڏهن مون ياد توکي آ ڪيو!
زندگي آوارہ گرد جي مڏي،
روز ٿي پنجي ڪجهي هر جاءِ تان،
چو نہ ٿيون ڏنڊيون ڏڪن تن جي پنيان!
وڻ جهڪن پاچارُڪن تن جي پنيان!
روز ٿي واري اُڏي اک ۾ پوي،
جڻ تہ ٿي لالي ڪڏي اک ۾ پوي،
ڪنهن وطن جي آس آهي جستجو،
ڪوتہ آهي آسرو ۽ آرزو،
بس سدائين رات جا تارا ڳڻي،
۽ صبح جو سج سان گڏجي سيئي،
جڻ بدن مان ٿڪ جا سارا پکي،
هوريان هوريان ڪري آزاد ڪن ٿا.
روز هي رولاڪ جيون جا جٿا،
جڻ تہ صحرا ۾ نگر آباد ڪن ٿا.

## نصرپورا!

نصرپور ناز آ توتي،
جو مصريءَ سان ملائين ٿي،
هن روح منهنجي کي،
خوشيءَ سان تون کلائين ٿي،
اگهم مان جي گهُمي آيا،
گهتا جا گهڙي گذري سڀ،
عقابن جا نہ آشيانا،
لنگهن تا لڪ اُڏري سڀ،
حفظ حاصل هجي جن کي،
انهن جي آسري آهيان،
ضرورت زندگي ناهي،
لڱن سان پوءِ بہ لائين ٿي،
ابابيلن اچي منهنجي،
اندر ۾ ناهيا آکيرا،
گداگر گردشون آهن،
فڪر جا سئو طرف ڦيرا،
ڪڙي ڪج قرب ۾ قابو
هيٺيءَ جو حال ڪونهي ڪو
لڳي ٿي ڳالهہ ڳوٺن جي،
ڳنوارن سان ڳائين ٿي،
مشائخ شاخ مان وهندڙ
سچو پاٽي لکي ونجان،
وڃي پئي تند مون ۾
تون سڄي ساري سکي ونجان،
امانت عشق جي آئي،
تہ دلبر دادلو نڪتو
حسن هن پورڙي جي پَل ، کي
تون چا تہ پائين ٿي!

## روحل، چيزل اکڙيون آگم!

دُنيا کي درگاھ نہ ديکي،
دنيا ني درگاھ کو ديکھا!
درس حسن تو ايرا غيرا،
ابن العربي عجب عجائب،
سھر وردي سچ سجائج،
ذڪريا ويھي ناد وڄائج،
سئو سماع، ڏمالون ڏم ڏم،
رومي رقص ۾ چيريون چم چم،
سيوھن والا سائين سرگرم،
جام قريشي (1) جام جم جم،
پنھنجو ٽيندو آھي ھر ڪم،
نور نظر وہ، نورچشم وہ،
روحل (2)، چيزل (3) اکڙيون آگم،
دُنيا ليکي دُنيا آھيان،
ناھيان، آھيان، آھيان ناھيان،
عزت دولت، شھرت ڪيسي!
قادر تيري قدرت ڪيسي!
ڪاڪي کو بختيار بنايا،
نجام الدين کو کس ني ڳايا؟
خسرو ڪو بي حال بٺھايا،
مين بھي آيا، سرمد آيا،
اپني پيرون اور آنگن مين،
مولانا آزاد بٺھايا،
مون جھڙو جي ٽيندين چا ٽيو؟
بيبي رابعہ بصري بن جا!
بسم الله شھنائي بن جا!
بلڙي ڪي تنھائي بن جا!

شاهہ لطيف ڪي وائي بن جا!
جي توڪي ڪجهہ تيڙو آهي،
جام محبت پيٽو آهي،
مست بخاري ملڪہ بن جا!
بابا يہ رحمان هي بيٺها،
امبر اس ڪي آنگن مين هي،
حسن، حسين ڪان حلقہ بن جا!
پنهنجا صاحب پير سجاڻج!
مهڪ مديني سي جو اُٿهتي هئي،
خوشبو سا هر هير سجاڻج!
عشق امانت لاءِ ڪڙو آ،
منڪر، ناڻ، نڪير سجاڻج!
پنهنجي پٽ آ پيرن واري،
پنهنجا اڳ امير سجاڻج!
پيان لاگون اس پاگل ڪو،
حسن درس فقير سجاڻج!
❊❊❊❊

1.قبلہٴ مُحترم ائين احمد علي قريشي، ”دور حاضر جا صاحبِ ولايت بُزرگ سندن مزار مبارڪ سيوهڻ شريف ۾ لال باغ لڳ آهي.
2. روحل شاعر حسن درس جا وڏا فرزند
3. چيزل شاعر حسن درس جا ننڍا فرزند

# جهرڪين کي خوار خراب نہ ڪريو!

جهرڪين کي خوار خراب نہ ڪريو!
پيار جو پرجيون ٿا هي،
ڳُٽا نہ ڪيو!
موسمن کي معافي ڏيو تہ،
هو ماڻهن جون ٿي رهن،
ڳُنن ۾ ڪا هي نہ پئو!
مس، قلم، پنن جو زيان نہ ڪريو!
پبلشر جي پُڇ مان هٿ ڪيو!
بڪ اسٽالن تي اجائي جاءِ نہ والاريو!
پڙهندڙن کي منهن متو پٽڻ تي،
مجبور نہ ڪريو!
اوهين جيڪي،
داستان گوئي جو پٽڪو لاهي،
قديم جا ڳن ڳُتري،
هاڻ جديد جي نالي ۾ جڪ پيا هڻو
اوهان جا ڪتاب اوهانجي ڏاڪڻ آهن،
جن تي پير ڏيئي ،
اوهين صرف ڪنهن ڪمزور ڪُرسي تي،
چڙهي سگهو ٿا!
ماڻهن جون سماعتون،
سارو ٽيون،
حافظا،
۽ اوهانجا اسلوب،
انداز ۽ اُره زورايون،
وجهي تہ ڪيڏانهن وجهي!
شل خدا هن ديس کي،
اوهانجي ڏمڪڇڪر کان محفوظ رکي،

اوهين جيڪي شاعري جي،
شهرت جا شهسوار ٿيڻ ٿا چاهيو
گليون گمنام آهن ۽ اوهين،
مشهوريءَ جي منبر تي ويهڻ ٿا چاهيو.
ديس جو نالو وٺي داڦڙ بند ڪريو
وطن لاءِ ويڙهه ۾ قوڪٽا قاڙڻ چڙيو!
تلها تڪاءَ.
زورات،
زت هڻڻ چڙيو!
هيڊ، هريڙ، وڏا قوتا،
گوماندر، قودنا،
او پنهنجي پساري واري پڙيءَ تي،
پلٽي هٽي وينل،
نيڪ حڪيم نادانو!
توهان جا تجويز ڪيل نسخا!
مريضن کي مارين پيا !!

## اڄ وري آ آئيني ۾!

آئيني ۾ پاڻ کي ڏٺم،
شڪ پيم!
تنهن کري ٻيهر وري جانچي ڏٺم،
پڪ ٿيم،
هي اُهو ئي شخص آهي،
دير سان هڪ رات جو
مون کي مليو اوندهه ۾،
ماچيس جو مون کان پڇيئين،
هڪ عدد ٻيڙي گهريئين،
اوچتو خنجر ڪڍي،
منهنجي سيني تي رکيئين،
جوڪجهه هيو سو سڀ ڦريئين،
هڪ رواجي گار سان،
منهنجي وري تذليل ڪيئين،
حملو ڪري خنجر هنيئين،
هٿ کي هوا ۾ ڪنيئين،
پيٽ کي ڦاڙي ڇڏيئين،
پوءِ دل ڪڍيئين،
پنهنجي کيسي ۾ وڌئين،
آئون اُتي ئي پيو هئس،
هو اُتان هليو ويو،
اڄ وري آ آئيني ۾،
مون اڳيان سامهون ڪڙو،
۽ سندس شرٽ جي کيسي اندر،
منهنجي دل ڦٿڪي پئي،
ڪنهن بہ سيني کانسواءِ!

## ٻار وڃن ٿا اسڪول ڏي

ٻار وڃن پيا اسڪول ڏي،
وقت گلابي دروازو آ،
گيت لنگھن پيا جنھن مان ننيڙا،
ٻاراڻا ھي ٻول ٻچن جا،
ميزن تي ھو ماٿ نہ ٿا ڪن،
ڪُرسين کي ھُو ڪيرائين ٿا،
راند بہ ڪن ٿا گڏجي سڏجي،
ھڪٻئي کي جھڙ قيرائين ٿا،
استادن جي اک تکي آ،
سھڻي مائي نَڪُ ڊگھو آ،
آڱر چاڪ ڪٽي آ اپري،
بورڊ تي ڪا بات لکي آ،
ڪاپين تي ھُو ڪونئرا ھتڙا،
پنڇين وانگي ڦڙ ڦڙ ڪن ٿا،
سڀ ڪو پنھنجي منھن تو سوچي،
سڀ ڪنھن پنھنجي سمجھہ سکي آ،
ٻارن جو ڪم ٻارن سان آ،
ٻاڻ وڙھن ۽ ٻاڻ ئي پرچن،
گھڙي رُسن ۽ ساڳيا سرچن،
گيت پڙھن ٿا گڏجي جڏھن،
ٻاڻ ئي گيت منجھان پيا گذرن،
ٻاڻ ئي ٻاڻ گلن جا ٻوٽا،
ٻاڻ ئي مور، تتر ۽ طوطا،
ٻاڻ ئي گاھ ھوا جا جھوٽا،
تارين تي پيا جُھومن اُڏرن،
گيت نہ ڪنھن کان اھڙا وسرن،
ٻارو ھاڻ اوھان کي موڪل،
درس ڪتابن منجھہ پڙھيو ويو
ٻار وڃن پيا اسڪولن مان!

## اڄ تہ چئون ڪونج کي!

اڄ تہ چئون چنڊ کي پيڙ(1) کي ياڪر پري،
۽ ستارن ۾ رکي،
اڄ تہ چئون ڪونج کي،
پيڙ کي ياڪر پري ۽ ڪوهسارن ۾ رکي،
اڄ تہ چئون مند کي،
پيڙ کي ياڪر پري ۽ نظارن ۾ رکي،
اڄ تہ چئون درياءَ کي،
پيڙ کي ياڪر پري ۽ ڪنارن ۾ رکي،
اڄ تہ چئون سنڌ کي،
پيڙ کي ياڪر پري ۽ سهارن ۾ رکي.

---

پيڙ: شهيد محترمہ بينظير ڀٽو لاءِ لکيل

## هينسي ڪرونيي لاءِ هڪ نظم!

بئٽ بنان آ بال اڌورو،
بال بنان آ بئٽ اڌوري،
تو سوا ڪرڪيٽ ڪيڏي پئي وڃي،
زندگيءَ جي پچ ڪان آهين پري،
مئلبورن، سڊني،
يا ويسٽ انڊيز جا ميدان،
تون تہ بائونڊري ڪان ٻاهر بہ بيٺل ناهين،
راند تہ ٿيندي پئي،
شرطون پيون لڳنديون،
جوا ٿيندي پئي،
پر تنهنجو هٿ هوا ۾ وڃايل آ،
جيڪو راند وچ ۾،
تاڙي ملائيندو هو،
تنهنجون تيز گهوريندڙ اکيون،
بال کان بائونڊريءَ کان چڪي وڃنديون هيون،
۽ هاڻ بال ۽ بئٽ ٻئي ڪنڊ ۾ ويهي
ڪنجهي رهيا آهن،
ستارن جي ڊوڙ تہ الائي
ڪنهن جي اکين ۾ پوندي،
هڪڙي عورت جيڪا تولاءِ رُني،
ساوڪن کي الائي ڪيئن ڏسي ٿي،
ڏکڻ آفريڪا ۾،
ڪارو سج،
يعني نيلسن منڊيلا،
اهڙو ماڻهو آهي،

جنهن جي دل کير جهڙي اڇي آهي،
اُنهي جنهن وقت توکي آئٽ ڏني،
تڏهن تنهنجو درد گهڻ ٿيو
هوا ۾ ايڏو مٿي،
موت ئي اهڙو رانديگر آ،
جنهن توکي آخري دفعو آئوٽ ڪيو!

---

هينسي ڪرونيي، ڏکڻ آفريڪا جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان جيڪو هڪ هوائي حادثي جو شڪار ٿيو.

# احمد فراز لاءِ هڪ نظم!

احمد فراز تنهنجو سامان ٿو اچلجي،
ميزون گلاش شيشا،
نظمن جون عورتون ۽،
نثري ڪتاب اڇليا!
توکي مليا هيا جي،
اعزاز ڪئين،
سي سڀ خطاب اُڇليا!
ننڊون دريءَ دريءَ ۾،
پردن تي ڳهر تنهنجي جا،
جاڳيل گلاب اڇليا!
توجي گناهه جهڙيون،
راتيون اتي گذاريون،
سارا ثواب اڇليا!
پيارا پناڻ شاعر،
اردو عجيب آهي،
پشتو ۾ چؤ پنديءَ کي،
دِلي قريب آهي!
غالب سان مئہ پيئڻ جي،
سهڻي سزا ملي ٿئي!
۽ ڳالهہ چئي ڏيڻ جي،
سهڻي سزا ملي ٿئي!
ايوان هو سجايل،

ڪوٺيون نہ تنهن ڪي ڪوٺيو،
ڪوٺو تہ ڪنهن جو گهر آ!
رنڊي تہ مانواري،
رنڊي تہ معتبر آ!
گاريون نہ ڏيو هنن کي،
گاريون تہ ٻولين جون،
آهن شرير ڇوريون!
لبريز لفظ گاريون،
گاريون تہ ساحلن تي،
ننگيون حسين گوريون!
تون جو فراز خود کي،
روشن خيال سمجهيين!
حاڪم حرام سمجهين!
مئہ کي حلال سمجهين!
پر هاڻ ڏس نوان هي،
روشن خيال جلوا،
مولانا مئہ پيئي ۽،
سالار کائي حلوا!
پنهنجو تہ يار آهي،
سامان عيش عشرت،
سامان عشق بازي،
سامان دلنوازي،
سامان دل جي دنيا،
سامان سرمدي هي،
سامان دلربائي،
اڇلين، ڇئو انهن کي؟
هيءَ سونهن ۽ سچائي،
اڇلين، ڇئو انهن کي؟
شعرن جو خانقاهون،
ديدار جا دئارا،

دل جون نندیون نگاهون،
۽ خيال جي خدائي،
ميلاپ ۽ جدائي،
هيءَ خيال جي خدائي!!

---

احمد فراز، اردو جو انتهائي قدآور پڻاڻ شاعر، جنهن کي حاڪم وقت گهر مان ڪيڻ واسطي سندس سامان رستي تي ڦٽو ڪرايو هو.

## تنهن ڪان پوءِ...

جُهڙ جا ديو اُٿيا،
ڪارا باغ لُڏيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!

تلوارن کي ويو کنوڻين مان ناهيو،
عورت جي جلوي، قلعي تي ڪاهيو،
منظر مان گذري، گهوڙا خوب ڪڏيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!

مچيون ٻيڙي ۾ ٻارن سٽيون پي،
پريون پاڻيءَ تي ننگيون لٿيون پي،
طلسم جي جر تان، ٻگها نيٺ اڏيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!

ٽٽل وڻن کي واڍن وڍيو پي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي ڏوٻين ڏوتو پئي،
درزين سڀيا جو سڀ ڪنهن جا ڪپڙا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!

تارن تان ترندي، غارن منجهه ويا،
صحرا مان ڊوڙي، پاڻيءَ منجهه پيا،
جبل چوٽيءَ تان، آخر هيٺ لٿا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!

ساحل ساحل تي، سهڻا شهر اڏيا،
گهر گهر دعوت ۾، در در دوست گڏيا.
هنڌن، ماڳن تي، شاعر عشق لکيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!

سپنا اکين جا ساڀيان لئہ سهڪيا،
نون خيالن سان، من وچي مهڪيا،
هنر هٿن جا فطرت سان ٺهڪيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا.

## محقق

قبر کوٽيائين،
گهر کي کوٽائين،
هُن جي بيماريءَ جو
فائيل کوٽيائين،
هُن جي مرڻ جي،
خبر کوٽيائين،
آخر ماهر کي،
مئل موسيقار جا،
هڏا ملي ويا،
تحقيقاتي ٽيم کي،
ٽُر تئون طلبيائين،
مٿو ڪُٽيائين،
پٽر لکيائين،
مِٿي چنديائين،
ٿورو سوچيائين،
گهٽو سيڪائين،
مقالي جي مُچ،
ويٺي وٽيائين،
نہ ڪو سُر مليو ڪو،
نہ ڪو گُر مليو ڪو
نڪو راڳداري،
نڪو ساز سازندا،
اچانڪ هڏا سڀ ڪڙڪڻ لڳا،
ٽيبل مٿان ڪمري اندر،
اُڏامڻ لڳا،
هڏن پئي هڏن کي،
لوڏيو وڄايو

هڏن سازندن کي ڪيا پئي اشارا،
اها ماتمي ڌُن،
ڪمري جي اندر،
لامارا ڏيندي گهمندي رهي،
اچانڪ هڏا سڀ ٻاهر اڏاڻا،
هوائن ڪان ڪهڙا هڏن جا پڇاڻا،
پنيان ماٺ تي وئي،
صفا سانت تي وئي،
مگر ميز تي جيڪو
ماهر آ وينو
اُنهيءَ جي تہ جاڙي،
اڃان پيئي ڪڙڪي.

## ماچيس جي تيلي!

ماچيس جي تيليِ اِها،
گندرف جو ٿوپ پائي،
آ اجان تائين سُتي،
وڻ وڍيو،
چيريو ويو،
ڪاٺ ڪي ڪوريو ويو،
ڪارخاني ۾ اچي،
هئي جڏهن تيلي جُڙي،
گندرف جو ٿوپ پائي،
ڪنهن ڏَبيءَ ۾ بند ٿي،
ماچيس جي تيليِ اِها،
آهي تہ هر ڪنهن هنڌ پئي،
پر آ دبيءَ ۾ بند پئي،
جاڳندي تيلي جڏهن،
ٿي سگهي سگريٽ جو،
چاهہ مان ڇهرو ڇمي،
۽ خود وسامي وڃي!
چلهہ کي ٻاري وجهي،
جنهن مٿان ڪاڏو پچي،
ٿي سگهي ٿو ڪا بتي روشن ڪري،
ڏيمي ڏيمي روشنيءَ ۾،
ٻارڙو ڪا پي لکي،
ڳُگهہ اوندهہ ۾ اچانڪ پئي ٻري،
چور جو ڇهرو سڃاڻي ڪو وجهي،
ٿي سگهي ٿو شهر کي ساڙي ڇڏي،
مُلڪ، دُنيا کي، مٿان ٻاري وجهي!
ڪا خبر ناهي الائي ڇا ڪندين؟
ماچيس جي تيليِ اِها!
گندرف جو ٿوپ پائي،
آ اجان تائين سُتي!!

## مُصور!

اجان بُرش کي هو وڏي وڻ بہ ٽيڪو
رنگن کي نديءَ ۾ هيو هيٺ وهٽو
ستاري کي تصوير ۾ هو اُڇلٽو
جبل کي هتان کان ڪٽي هت رکٽو
هُيو چوڪريءَ کي انڌيري مان اڇٽو
هوا جي منديءَ لئِہ هيو ڏور وڃٽو
نديءَ جو پکيءَ سان سياڻي آ مڱٽو
الائي ہيو بہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرٽو
چتر جي گهٽيءَ ۾، مصور مري ويو!

شهر هڪ زمين آهي ڳهي وئي،
انهي جي بازار پڻ ڳولٽي هئي،
بازار پويان هو رنگريز جو گهر،
اتان کان تہ چُنري وٺي اوڍٽي هئي!
ڏيئو پڻ پراٽو هيو هٿ ڪرٽو
صدين جي تہ صندوق پڻ ڪولٽي هئي!
تصوير آهي اڌوري بنيءَ جي،
انهيءَ ۾ ڪا پوک پڻ پوکٽي هئي!
الائي ہيو ڪيڏو هيو ڪم ڪرٽو
چتر جي گهٽيءَ ۾، مصور مري ويو!

پراٽن شرابن جي هئي جانچ ڪرٽي،
ويل مُند واپس هئي هاڻ ورٽي،
واري ڏٽيءَ کي هو هيٺ اچٽو
پيلي کي رنگن ۾ هيو هاڻ پچٽو

ڪينواس کي هو ڪناري تي نچڻو
سُرن کي مهاندن ۾ هو قيد ڪرڻو
درين کي هوا ۾ اجان کولڻو هو
اجان فطرتن کي گهڻو کوٽڻو هو
اجان زندگيءَ کي گهڻو ڳولڻو هو
الائي ٻيو ٻہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو!
چتر جي گهٽي ۾ مصور مري ويو!!

## اگھاڙيون ڪھاڻيون!

ڪارونجھر جبل ۾،
اونڌيون ليٽل اُگھاڙيون عورتون،
ڪجھ سڌيون تي ستل،
جن جون ڇاتيون،
آسمان سان مخاطب آهن!
هڪ اهڙي گفتگو،
جيڪي پڙي نہ پر،
صرف ڏسي سگھجي ٿي!
ديوتائن جي ڪھرن شھوتي هٿن،
پٿرن کي عورتن ۾ تبديل ڪيو،
يا عورتن کي پٿرن ۾ قيد ڪيو!
هي اُگھاڙيون ڪھاڻيون،
وقت جي هٿن مان ڇپٽين وانگي ڪري،
پھاڙن تي پيل آهن،
جابلو ٻڪريون،
هي ننگا جسم لتاڙين ٿيون،
۽ پکي پنھنجي ڇھنبن سان،
انهن عورتن کي ٺونگا هڻن ٿا!
ڪڏهن ڪڏهن ڪارونجھر جبل ۾،
انهن عورتن جا روح،
ڪنجھندي گجگوڙون ڪن ٿا،
ڏبيل آواز جيڪي ڌرتيءَ ۾ دفن آهن،
بس رڳو مينھوڳيءَ جي موسم ۾،
اهي ليٽل اگھاڙيون عورتون،
زارو قطار روئينديون آهن!

## لڳي ٿو لوڪ موسيقي!

لڳي ٿو لوڪ موسيقي،
وٽن ڪي ويڙهجي وئي آ،
هوا ۾ مينڊ ۽ معنيٰ،
پن ۾ ڪِل جو ڪڙڪو
سُرن ڪي آسمانن مان،
جهپڻ جي جستجو آهي!
درد ڪي ڪير ڌڙڪائي،
ڪڙن ڪي ڪير ڪڙڪائي!
انڌيري ڪي ڏئي وينو
ڪوئي آلاپ جي تيلي!
سڌا سرڙات تارن ۾،
مڙيا سپ مچ تي آهن!
مگر آ وات تارن ۾،
ٻسمبر ويو ٻُڪي ٻوڙي،
جيئن هي جنوري آئي
ٽڙن ٽيڙو مچن ميڙا!
ڪتين جي ڪچهري آهي!
دڪي ٻيو ساز جو سينو
اچي آواز پيو اوڏو
ڪٽي ڪو چنگ پيو چوري،
ڏئي ٿو واءَ ڪي لوڏو
تو تندن ۾ ٽُران آئون!
۽ چيڙن ۾ چُران آئون!
ڪجان ٿو ساهه ۾ آئون!
نڪري آهه ۾ آئون!
وجان ٿو ڏنڌ ۾ ڏوڪي،
هميشہ ۾ هُران آئون!

ڏيان اوڏر حياتي کي،
ءِ گيتن کان گھران آئون!
اڇڻ ۾ مان وچان پنتي،
ءِ موٽڻ مان اچان آئون!
لباسن ءِ لبادن تي،
اگھاڙو تي نچان آئون!
اتان ئي اک منھنجي پيار تي،
پھرين وجي پئي آ،
لڳي ٿو لوڪ موسيقي،
وٽن کي ويڙھجي وئي آ!!

## جر تي جواني!

شينهن جي گجگوڙ ويڙهي تو گهمي،
جهنگ کي هُن جان ۾ آ پوکيو.
تنهن ڪري سڀ ڪجهه سهيڙي تو گهُمي،
وقت کي هو طاقتن مان تو ڏسي،
جر تي جواني ڀڳي هئي آرسي،
طلمسي آ هٿ هُن جو جنهن وري،
ڏيڏرن کي تارن ۾ تبديل ڪيو
ڍنڍ گهري پوءِ لڳي هئي آرسي!
خيال جو مضبوط خنجر ذهن ۾،
عورتن جي آسمانن جو پکي،
عشق جي ڪاري وچيري تي چڙهيل،
آزمائي تو هوا جي ڪوڙڪي،
داستانن مان ڪنيل هُن جو جسم،
قافلن جون واهر هن جون اکيون،
هو سدا سرمست رهندڙ نغمگي،
دائرن ۾ لفظ هُن جا تا لڏن،
ڏيان سان ٻڏندو رهي تو ماٺ کي،
خواب کي گهاتو ڪري تو اک ۾،
ڍنڍ هُن کي ماءُ وانگي آ مڃي،
واءُ هُن کي پاءُ وانگي تو لڳي!
واچوڙن جا ٻارڙا هُن جي پٺيان،
بادلن جا رٿ هُن جي هٿ ۾
سانوڻيءَ جا مينهن هُن جي سٽ ۾،
دل زمين ۾ ٻج وانگي تي ڦٽي!

لفظ جو ٻوٽو ٻري ٿو اُس ۾،
گيت لهوارو ٽري ٿو اُس ۾،
فطرتن جي فرزندي هُن جو نصيب،
ڪائناتن کي رهي ٿو هو قريب،
ڪائناتن کي رهي ٿو هو قريب!

## ”ارم نما“ لطيف آباد ڇڏڻ تي هڪ نظم!

گُل نشتر جُون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
تون هاڻ انهي گهر جو ڳالهيون ڇو ڪرين؟
جو هميشہ لاءِ ٻوٽجي آ ويو
تون هاڻ ان در جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
ميڻ جهڙي هي دل مجي ئي نٿي،
سنگ مرمر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
يار پنهنجا پکي پري تي ويا،
سانجهہ جو سَر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
آڳ آهي اڳي ئي آ هُن ۾،
ڇاٽندي ڇر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟

---

لساني فسادن ۾ ڇڏيل لطيف آباد واري گهر ”ارم نما“ جي حوالي سان لکيل نظم

## ڪپڻي گوليون، ڪپڻي گل ڪڻا!

جو ڪيڙيندين سو ميڙيندين،
ڪپڻي گوليون ڪپڻي گل ڪڻ،
ٻنيون، بارود جون پوڪون،
نہ تنهنجي پوءِ لٽڻ جهڙيون،
ورن ۾ نانگ ڪئين ڪارا،
وڃهي جي ميز تي ويهندين،
نہ ٻوليون پوءِ ٻڌڻ جهڙيون،
نہ ڳالهيون سي سٽڻ جهڙيون.

## توکي پنهنجي ڪير لڳي ٿو!

دور پهاڙن جي دنيا مان،
ڪالهو ڪو اڄ آيو آهين،
لهجي لهجي منجهه لڄارو
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو؟

اوڏو ڪير اکين ۾ آهي،
پرتي ڪير پکين ۾ آهي،
ڪهڙي ڌرتي، ڪهڙو تارو
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو؟

لفظن جي هيءَ دنيا داري،
ڪڏهن پوري ڪڏهن ڪاري،
منڙو ڪهڙو ڪير آ ڪارو
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو؟

## نينهن نياپا اکيون!

سانجهہ جي ويلي سکيون،
توکي ئي ساريندين رهيون،
ڏيک ۾ ڏيئا متيءَ جا،
ٻاٽ ٻاريندين رهيون،
لفظ جيڪي ٽڏ ۾،
ڪنهن ڪان ٻہ ڪوسا ڪين ٿيا،
نينهن جا نياپا اکيون،
آخر اچاريندين رهيون.

## گھاوَ ڪندا ڇا خالي گھر ڪي!

ٻاٽ انڌيري منجھہ ٻليءَ جي،
اک ڏسي ٿي جيئن پکيءَ کي،
تيئن تڪن ۾ تاڙن ٿا هو
هر پرديسي پاريهر ڪي،
آڳ نہ سمجھي ٻي ڪا ٻولي،
گفتگو پرڪي ڪا بہ نہ گولي،
ساڙڻ جي ساڙي ويندي،
جي آهي ڪا پيي جر ڪي.
ڪونڊيءَ جا گل لت لڳڻ سان،
ٻارن جيئن مرجھائجي ويندا.
آٿت ڪانہ اگڻ ڪي ايندي،
دل نہ ڏتاري سگھندي در ڪي.
ماڻھو آهي جيئرو مرڻو
ان کان پو ٻيو ڪجھہ نہ ورڻو
مرڻو پرڻو ماڻھوءَ سان آ.
گھاوَ ڪندا ڇا خالي گھر ڪي.

## مُسلسل مات ۾ ماڻڪ!

رڳو ئي درد،
غم فراق جو فصل آهي،
لڳن ٿا لفظ جدائي،
چون وصل آهي،
اڃا بہ لهر ۾ لڙهندڙ آ،
ڳهر ۾ ڳالهايو
مسلسل مات ۾ ماڻڪ
نئون نسل آهي.
اهو تہ ررد صبح،
سچ جو نقل آهي،
اداس شام ئي ٻچيو
سندن اصل آهي!

---

ماڻڪ: سنڌيءَ جي ناليوارو ڪهاڻيڪار جنهن آمر ضياءَ الحق جي دور ۾ ”ساهہ مُٺ ۾“ جهڙو شاهڪار ناول لکيو.

## دنيا چا هي!

سر تي سانجهي،
دور پکيئڙا،
دنيا چاهي؟

تم تم تنهنجي،
پرندڙ ڏيئڙا،
دنيا چاهي؟

رستي ايندي ايندي،
ٿورو اوکي سوکي،
گونگي گرمي،
سرتا اوسيئڙا،
دنيا چاهي؟

جر تي تارا،
بر ۾ باهيون ۽ تنهنجا،
لمحي پويان ليئڙا،
دنيا چاهي؟

## سموري سنڌ سرندو!

مَکي کنهن هئي چکي چاڙهي،
ڏنو کنهن هو ڏياچن کي!
سموري سنڌ جون ويڙهيون،
حڪايت هر لڳي حُر جيئن،
گليون گرنار وانگي جي،
لڳيون پئي ڪالهہ سانگهڙ جون،
سموري سنڌ سُرندو
۽ سورهيہ سر پنيان سُر جيئن.

---

مَکي : سانگهڙ جي ڊنڊ، جتي حُرن انگريزن سان وڏو معرڪو ڪيو.

## سانگهڙ!

ڏنو سج ”سورهيہ“
صبح ساڻ سانگهڙ،
رڳي راهہ ڏرتيءَ،
ڪٽان ڪاڻ سانگهڙ.

پڏڻ جهڙي بيڙي،
نہ ڏرتي مسافر،
نديءَ جو ڪنارو،
پڳهہ پاڻ سانگهڙ.

نما شام جهڙيون،
نگاهون ڏسن پيون،
انڌيرو الائي ڇو،
ٽيو هاڻ سانگهڙ.

---

پير صبغت الله شاهہ راشدي المعروف ”سورهيہ بادشاهہ“ جنهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي انگريزن هٿان جام شهادت نوش ڪيو.

## هِن شهر جو ٻہ چا ٿيندو!

پڇو سمنڊ کان،
هن شهر جو ٻہ چا ٿيندو؟
گهٽين ۾ گهمر گاڏڙ هوا
ڪڏهن گهلندي؟
اڪيون اڪين ۾ وجهي،
مرڪندي ملڻ ٿيندو!
دري دريءَ جي سامهون،
ڏسڻ ۽ ڪِلڻ ٿيندو
سگهوئي صبح سمو،
موت کي متائيندو،
ڇڏائي هٿ مان وري،
زندگي جڏهن ڇلندي،
اداس شام ڪڙي،
خوشگوار ٿي پوندي،
پراٽي پينگهہ پيار جي،
وري جڏهن جهلندي.

## گھُمان ساڻ گھوڙي!

گھُمان ساڻ گھوڙي، مان ننڍڙو ڪِڪِو،
ڪڏھن ڪين ڪاوان ڪو ڏرتي ڏڪو.
وري سَنج سونا جڙائي اچان،
اکيون عشق ۾ ڪٽ اڙائي اچان،
سنهي چوڪريءَ کي لڪڻ جيئن ڪٽان،
مگر ڪين گھوڙي کي ھڪلي ھٽان،
سڄو ڳوٺ مون کي پيو واھ وٽي،
سڄي ڳوٺ کي آئون پيو پڻ وٽان!
صبح جو جڏھن سج چمڪي اٿي،
گھٽين منجھ سنبن جا سٽڪا ھجن،
گھُمان آئون گھوڙي تي نازن منجھان،
ڏسڻ وارا بوسڪيءَ جا پٽڪا ھجن.
جڏھن شام جا پنج وڄندا پيا!
وڇيرا ھوائن ۾ پڇندا پيا!
جڏھن سانجھ تارن کي سڏڙا ڪري،
گھُمي مان بہ گھر ڏانھن موٽي اچان!

# مُحبت سانڍيبي آهي!

ڪُتن کي پالبو آهي!
محبت سانڍيبي آهي!
شين کي رکبو آهي!
اکين سان ديد اٽڪائي،
چپن کي چمبو آهي!
بدن کي چڪبو آهي!
سمورو مُلڪ گهمبو آ،
جسم کي جڪڙبو آهي!
ڳلن سان ڳل لائيندي،
هٿڙن کي پڪڙبو آهي!

## رُڳو جيئري جُدائي آ!

هزارين عورتون آهن،
خدا جي هي خدائيءَ آ!
ملڻ آ موت ماڻهو جو
رڳو جيئري جدائي آ!
هزارين عورتون جي هو
ڪري ٿو سڏ سهڻين جي،
عدد ۾ هڪ جڻو آهي،
الائي ڇو گهڻو آهي!
اگهاڙپ جي حوالي سان،
ٻبن جي بادشاهي آ،
ننگين جي راڄڌانيءَ ۾،
ڦندو عشق ٺاهيو آ،
جسم جي جستجو جانان،
حقيقت ڪي هلائي ٿي!
هزارين ياد ۾ قابو
هزارن کي ڀلائي ٿي!
اِها هڪ ابتدا آهي،
اڳيان هڪ انتها آهي،
پرين جت پڪ ساڙي ٿو
سدرت المنتها آهي!
اِهي سڀ پنڌ اوري جا،
ناري جا ۽ ڏوري جا،
اجان اڳتي، اجان پرتي،
حسينا هڪ حقيقت جي،
خاموش ڪڙي آهي،
جتي سچ اپرندو آهي،
جتي سانجهي لڙي آهي،

اُتي اُن جاءِ تي بيهي،
هزارين عورتن جي هو
ڪري ٿو سڏ سهڻين جي!
عدد ۾ هڪ ڇڻو آهي،
الائي ڇو گهٽو آهي.
ٽنگن جي وچ مان ٻيهر،
اچي سگهبو وڃي سگهبو.
ڀُنيءَ تي هٿ ڦرائي،
پروسو هر ڪو پيچي سگهبو.
جڏهن سمجهي ٻہ ٿو سڀ ڪجهہ،
اِهو خالي پڻو آهي!
هزارين عورتن جي هو
ڪري ٿو سڏ سهڻين جي!
مٿي ماڪي ٻہ ٽيندي آ،
مٿو آ موھ ڇاتين جو
چمڙ آ ڪرت چيڙن جي،
کهڙ آ ڪم ڪاتين جو!
حسن آ محبتن ماريل،
اُيي نيزي اڱيان وڃبو
تہ ڇاتي نوڪ تي پوندي
نهارين دل منجهان جيڪر،
نظر پئي لوڪ تي پوندي،
انهن اڻ چاڙ اهيجاڻن،
سوين ڀيرا تہ سمجهايسِ،
هزارين عورتن جي،
هو الائي ڇو نٿو سمجهي،
ڪري ٿو سڏ سهڻين جي،
اڪر ۾ هڪ ڇڻو آهي،
الائي ڇو گهٽو آهي!!

## وڄي تن تاريڪتارو!

هوا جي لهر مان لڏندي،
جي لهنداسون تہ تون ملندين،
اُڇل ڏئي آبشارن مان،
جي وهنداسون تہ تون ملندين!
نديءَ جا ٻئي ڪنارا ڏئي،
وڃون پيا شهر جانان ڏي،
سنجها جو سج جي پرسان،
جي رهنداسون تہ تون ملندين!
ڪڇي جي ڳوٺ ۾ ٻارن،
بلورن راند پي ڪئي،
پڪي جوانيءَ منجهان نسري،
جمي کهنداسون تہ تون ملندين!
پراڻي دور ۾ پيدا،
ٿيڻ جو پڻ مزو ورتو
وري نئين سر جمي ڄاپي،
جي ٿهنداسون تہ تون ملندين!
ندر کي سخت ڏي نيئي،
ڪري وٺ قرب ۾ قابو
گلابن سان پهاڙن ۾،
جي گهمنداسون تہ تون ملندين!
وڄي تن تاريڪتارو،
عليءَ جو حيدري نارو،
سڪون ۽ سوز سيني ۾،
جي سهنداسون تہ تون ملندين!
حسن جي گودڙيءَ ۾ گُل،
پکي، پهٽيون، وکر پيا ڪئين،
مٽيءَ چپٽي جيان تو ۾،
الهنداسون تہ تون ملندين!

## اسانجي ڏات ڏاڏاٽي!

اسانجي ذات آ ظاهر،
اسانجي بات بيباڪي،
اسانجا نج ناناٽا،
اسانجي ڏات ڏاڏاٽي،
ڪنول جي ڪن ۾ ويني،
ڪيو سر ٻاٽ ڪنهن پونئري،
اسانجي ڳالهہ ڳاراٽو
اسانجو عشق آڪاٽي،
جنگين ۾ جيت جو جلوو،
اگر پسٽو اٿو پيارا،
اسانجي مياڻ ڪي تلوار،
جرڪي ۽ جلائي ٿي،
ڪڏهن ڪنهن قوم تي ڪڙڪون،
تہ اُن جو ٻڙ رُلايون ٿا،
اسانجي ڏاڪ ۽ ٻي ڏار،
جرڪي ۽ جلائي ٿي.

# اُها چوڪري جا اڪين مان لٿي!

اُها چوڪري جا اڪين مان لٿي،
چپن جي ئي چائنٺ تي بيهي رهي،
اُها چوڪري جيڪا بيٺل رهي،
وئي ڪانہ ڪيڏانهن بہ ڪنواري ڪهي،
اُها چوڪري جي تکي چنهب هئي،
گهڙيل پينسل جي ئي گوري جيان،
اُها چوڪري جا جبل جي نہ هئي،
لڳي چو پئي من کي ڪنهن موري جيان،
اها چوڪري جا ڊڪيل شال هئي،
اوهانجي هٿن ۾ چو چادر پئي،
وطن ليڙون ليڙون لباسن جيان،
اُها چوڪري آخر ڪيڏانهن وئي،
اُها چوڪري جنهن پئي رانديون ڪيون،
اسان کي گُڏين سان گڏائي وئي،
وري چيڪلي پير پائي نٿي،
سڄي شهر کي جڻ لڏائي وئي!
اُها چوڪري جا اڪين مان لٿي،
چپن جي ئي چائنٺ تي بيهي رهي،
ڪناري تي ڪپڙا ها وکريا پيا،
اُها چوڪري جا نديءَ ۾ لٿي،
وري وقت پنتي هو پلٽو ڏنو
لڳي ٿو تہ سترهين صديءَ ۾ لٿي،
اُها چوڪري جا مزارن منجهان،
پني پيءُ ۾ ماءُ ورتي هئي،
سندس پاءُ پَرون جو پيچي هيو
مگر هوءَ تہ سهٽين جي سرتي هئي،
اُها چوڪري جا رڳو اک هئي،
نهاري تہ بوتا جُهڪي تي پيا،

ازل جي مسافر خاني اندر،
سوين قافلا ڇڻ رُڪي تي پيا.
اُها ڇوڪري جا رڳو نڪ هُئي،
اُها ڇوڪري جا رڳو هٿ هُئي،
وڏي تي تہ واتون ڪلي تي پيون!
سيئي موسمون ميڙ آيون وٽس،
هوائون هٿن ۾ گهلي تي پيون!
اُها ڇوڪري جا رڳو پير هئي،
هلڻ سان حرڪت پذيري هئي!
اميرن جون عمريون سڪل گاهہ وانگي،
انهي ڇوڪري وٽ فقيري هئي!
اُها ڇوڪري جا رڳو وار هئُي،
سڄي تيل سرمي سان واسيل هئي،
ملي شال محبوب مون کي مٺو
سندس باس سيوهڻ تي باسيل هئي،
اُها ڇوڪري جا رڳو دل هئي،
جا ڌڙڪي تہ دنيا بہ ڌڙڪي هئي،
انڌيري ۾ روشن رهي ڇوڪري،
تکي واءِ سامهون بہ ڦڙکي هئي،
اُها ڇوڪري جا رڳو پيار هئي،
محبت کي ڪيتن ۾ ماپيون نٿا،
اصل نام آهي رڳو عشق جو
سندس نام اخبار ۾ ڇاپيون نٿا،
اُها ڇوڪري جا قتل تي ويئي،
رڳو رات ڪاريءَ کي ڇو پيا پٽيو؟
اُها ڇوڪري جا اگهاڙي نہ هئي،
اسان ڪيس ويڙهي رکيو آ وطن!
مٿيءَ ۾ تہ آهن مئا پوربا،
اسان ڪيس دل ۾ ڪيو آ دفن!

## مقتل کي نئون نياپو!

قديم دُنيا جديد ٿي وئي،
اسانجي راڄي تہ هٿ لوڏي،
وڏين وقارين شهيد ٿي وئي،
اِهائي پڙ جي پُڪار آهي،
تہ سر ڏيڻ جي رسم ادا ٿئي،
اهو ئي سرمد جو فلسفو آ،
تہ فڪر پنهنجي تي ڪو فدا ٿئي،
هي سِرَ کي گهورڻ ڏياچ وانگي،
سڀن جي خواهش شديد ٿي وئي،
اسانجي راڄي تہ هٿ لوڏي،
وڏين وقارين شهيد ٿي وئي!

اُهي ئي قاسيءَ جا جهولا جُهليا،
اُنهن ئي ٻت تي سجايون گوليون،
اُهوئي هڪڙو آ گهر، ڪروڙين،
اُنهن جون ڳالهيون انهن جون ٻوليون،
اُها قلندر سا مست ملنگي،
نئين صُبح جي نويد ٿي وئي،
اسانجي راڄي تہ هٿ لوڏي،
وڏين وقارين شهيد ٿي وئي!

حسن حُسين جي هيءَ حڪايت،
هيءَ ڪربلا جي لکيل ڪهاڻي،
هي ٻيبي زينب جي پاڪ پوتي،
هي رت اجرڪ ۾ سنڌ راڻي،
يزيد توسان آ جنگ جاري،
۽ ويڙهہ ويتر شديد ٿي وئي!
اسانجي راڄي تہ هٿ لوڏي
وڏين وقارين شهيد ٿي وئي!

## ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!

ٿڌ وسي ٿي واريءَ تي،
ٿوهر ننڊ ڪري ٿو
هڪڙو خواب سهانو جيڪو
روز اکين ۾ ڪيپ پري ٿو
ڪارو نانگ مٿان چانڊوڪي
ڪارونجهر تي مور نچي ٿو
مونکي هڪڙو خيال اچي ٿو
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!

هوڏانهن لاڙ لڪئي جو ليڪو،
ساريُن منجهه سمائي آهي،
مون ۾ پاڻ اها ئي آهي
دل جي ڪيٽي بندر تي ڪا
تنهنجي ٻيڙي لنگر ٽيندي،
ٽني منجهه اگهاڙو ٽيندين
مون نه ائين ڪو چاتو هو.
سپ سجاول جو بازارون،
تنهنجي خوشبوءَ ۾ ڪلنديون
ماجر ساري مهڪي پوندي،
مون نه ائين ڪو چاتو هو.
مڪلي روز پوي ٿي مرڪي
ڪنهن جي ڪاڻ ڪتاب جلايئون؟
اوجاڳي جا خواب جلايئون!
فاتح سڀ سُتا پيا آهن،
سڀ مجاور چرس پيئن پيا
دور مهاڻو پنهنجي پٽ کي
اوچي ڪم تي گاريون ڏئي ٿو،
پاٽي ۾ ڪو شپڪو ٿئي ٿو،

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!

هوڏانهن لڪ جبل جو ڏاڪو
شام پهاڙن منجهه رڙهي ٿي،
پنهنجي خود سان پاڻ وڙهي ٿي،
پٿر پٿر تنها آهي،
هر نئن نيڏڙي نانگڻ آهي،
واسينگن جو پنڌ پري آ
جت ڌرتيءَ جي سختي آهي
ڪيئن چئجي بدبختي آهي
ماٺهوءَ ماٺهوءَ سان ملي ٿو،
پٿر منجهه گلاب کلي ٿو
لڪي شاهه صدر تي سانجهي،
ڏيئي مان هڪ ڏيک ڏسان ٿو
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!

گهندي، نيٺ ڪچيندي ڪاڇو،
پنهنجو پاڻ لتاڙي پاڇو
تو ڪان دور ٿياسين ڇا ٿيو
ڇٽندڙ پور ٿياسين، ڇا ٿيو
پيلا گل ٻٽياسين ڇا ٿيو!
سڪر سون سريکو آهي
روهڙي روح لتاڙي ايندينءَ،
جي دريا تي پلجي ايندينءَ،
پنهنجي خود کي پاڻ تڪيندينءَ،
تنهنجي ذات ئي توسان ملندي
تو مان روئي سامهون کلندي
سچل عشق پيدا نہ ٿيوي
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!

## ملاح!

هن جي اندر ۾ ڪئين،
ڦٽڪن مڇيون پيون،
هو جو ملاح ويٺو گهوري زمين کي،
هن جڻ اندر ۾ پنهنجو ڪورچ آ هنيو
ڪوٽي زمين کي ۽ پوري زمين کي،
۽ دور هوءَ مهاڻي گاريون بڪي پئي،
هوءَ جنهن ڪالهہ هڪڙو ٻار ڄڻيو آ!
هوءَ جا هنن ڏينهن ۾ ماري نٿي مڇيون،
ها پر هن مڇين لاءِ هڪ جار آ ڄڻيو!
پوڙهو اڪيلو ويٺو ٻيڙي ڇڪي پيو
دونهين سان گڏ ڪائي،
هن کي دعا اچي ٿي،
درياءَ شاهہ تون ئي آهين سندم ڏٽي،
هيءَ زندگي بہ آهي جادوگريءَ جيان،
جنهن کي بہ چا ملي وئي،
منهن تي وٽي وئي.

## اڙي يار تنهنجا هي ڪهڙا تماشا!

وصل ڪي جو ويڙهي وڇوڙو وڇايئون،
تڏهن ياد آيم تہ هي بہ ملڻ آ.
اڙي يار تنهنجا هي ڪهڙا تماشا!
اِهو روڄ راڙو بہ ڪڙ ڪڙ ڪلڻ آ.
تونگر اسان جيئن نہ بي نياز ٿيندو،
ڪڏهن ڪين وجندو نڪو ساز ٿيندو،
ٻاهر جي تہ ٻچڪار ٻڌبي پئي پر،
اندر مان رڳو آهي آواز ٿيندو.
اُهي ساز سِرَ تي اوهين پنڌ پيارا،
اُنهن جو تہ هر هر هوا تي تلڻ آ.
اِهو ڪم جيڪو ڪرڻ سان نہ ٿيندو،
نڪو جيءَ جيئري مرڻ سان نہ ٿيندو!
اجهامڻ ٻرڻ جي تہ ابجد آ اونڌي،
نڪو ڪو ٻڏڻ ۾ ترڻ سان بہ ٿيندو.
اِهو نہ جي نگريءَ ۾ بي نام بابو،
ڪٿي خيال ڪاتي خلاءَ ڪي چلڻ آ.
وصل ڪي جو ويڙهي وِڇوڙو وڇايئون،
تڏهن ياد آيم تہ هي بہ ملڻ آ !

## آئون فجر ويلي ايندس!

منهنجي ماءُ ڇڙيو هو مون کي،
ٻلي وانگي مون ٻوڪاريو
مون تي گهوڙيءَ هو ڦونگاريو
منهنجي ناڙو ترت وڍيو ويو
مون کي مون مان ٻاهر ڪڍيو ويو
آئون اڱڻ ۾ ڪيڏيس ويٺي،
منهنجي ماءُ ولوڙو ڪيو پئي،
منهنجي پياءُ الائي چو ته؟!
ياد ٻڪي جو کوڙو ڪيو پئي،
منهنجو جسم جوانيءَ ڏانهن هو
مون کي چورين چاڙهيو ويٺي،
منهنجا گيت جڏهن ها هٽڪيا،
واقف ڪنهن واڪاڙيو ويٺي،
منهنجو پيءُ هليو ويو مون کان،
منهنجي جيءَ هليو ويو مون کان!
منهنجو سائيڪل تنها تنها،
بسڪوٽن جون برنيون خالي،
نم جي وڻ کي ياڪر پائي،
راڇن وانگي مون نه رنو هوا!
مون وٽ هڪڙي خاموشي هئي،
جيڪا مون سان گڏجي ويٺي،
اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾،
ماڻهو ڪجهه نه سڪندو آهي،
مون به هوا ۾ پنڌ ڪيا پئي،
وڻ وڻ سان گفتار ڪئي مون،

دور ڏڙن کي ديداريو مون،
ٻاروچي کي ٻاڪاريو مون،
نيٺ هجومن پاڻ پسايو
مون کي ماڻهن شهر رسايو
ڏيل ڏڪڻ تي موڙ مڙي پيو
مون مان هڪڙو گُل ٽڙي پيو!
منهنجي ماءُ مري وئي آخر،
جيڪا جلدي آئي واپس،
آخر ۾ آ چيزل آيو
جيڪو مون کان آهي سوايو!
منهنجي معنيٰ منهنجو لهجو
هن آ مون کان اڳتي ڳايو
لايو ٽيندو نيٺ سجايو
هاءِ هجومن منجهه اڪيلو!
تنهائيءَ جو پنهنجو ميلو
وڻ تي ڪانگ ته وينا هوندا،
نيٺ وڇينءَ جو ٽيندو ويلو
هر ڪنهن جو هت خير هجي،
آئون سج لٿي جو ويندس،
مون سان گڏ هزارين هوندا،
آئون پوءِ به اڪيلو ويندس!

## ائين بس ملياسين

ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين،
وڇڙي وڃي پوءِ وڻن ۾ ڦاسين،
ڪنارا ٻه ڪيئي، ندين جا ڏٺاسين،
گهٽا مينهن ٻڌجي، پٽن تي وٺاسين،
ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين،

تمنا جي آڱر نه پڪڙي سگهياسين،
پکين کي اکين سان نه جڪڙي سگهياسين،
رڳو گنبذن تان نهاري سگهياسين،
رڳو ڏاڪڻين تي چڙهياسين لٿاسين،
ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين.

هوا گهر اسان جو ٻهاري ڪٽي وئي،
رڳو بس وحشت سهارو تي بيٺي،
نديءَ کي دلي ۾ وجهي ڪو ڪٽي ويو
اڪيلائي پنهنجو ڪنارو تي بيٺي،
صفا سج ۾ پئي چوليون ڇُلياسين،
ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين.

ڪتابن جون ڳالهيون ڪتابن ۾ آهن،
مگر موسمون ته گلابن ۾ آهن،
سوالن ۾ نه ساهي کڻڻ کا ڏني،
جوانيون ته جملن جوابن ۾ آهن،
سوال جواب نه سمجهي سگهياسين،
ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين.

## جاڳ جي نِصاب ۾!

جاڳ جي نِصاب ۾،
سِتَ سِتَ باب ۾،
تون لکيل پرين،
رات جو ٻين وڳي،
دريءَ دريءَ منجهان لڳي،
تنهنجي سَار جِي هوا،
تنهنجي پار جي هوا،
روشنيون ۽ رونقون،
ڏرڪنديون ٿيون ڌڙڪن،
۽ انڌيري جون نديُون،
هر فِليٽ ۾ وَهَن.
ننڊ جون چريون پريون،
ٿيون اکين ۾ لهن.
مان بہ بَالَڪِني چڙهي،
ننڊ ۽ توکي سڏي
ٿو اکيون اجهائيان،
پاڻ ٿو وَسائيان،
رات جو ٽِين وڳي،
هر صفحي جي خواب ۾،
تون لکيل پرين.

## جيون پنهنجو رستو موڙيو!

ڪوپ ڪري پيو هٿ مان،
محمد شاغ مري ويو

گرم جسم ويو ماتو ٿي،
صفا سُڪي ويو پاتو ٿي،
نبضن ۾ ويو خون جمي،
هڪڙو شخص ٺري ويو

مُني صدي مٿو ڪوڙيو
جيون پنهنجو رستو موڙيو
آيو پٽئي جو ساهه پساهه
واپس جڻ تہ وري ويو

ڳوٺ مشائخ منجهہ ڪرڻ،
۽ بيو ڪجهہ بہ ڪين ڪرڻ،
عزرائيل جي آمد ٿيندي،
پُرزو پاڻ ڪري ويو

حسن هر ڪنهن هلڻو آهي،
ڪنهن جو گهوڙو جهلڻو آهي،
موت حياتي ڪي ملڻو آهي،
وارو وٽيءَ تان ٽري ويو،
محمد شاهہ مري ويو.

---

مشائخ جي محمد شاهہ جي مرتئي تي لکيل نظم

## ڪائنات ڪيڏي وڏي آ

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ،
جا اسان سيني سڏي آ،
سا ته ڄڻ ڪا آرزو آ،
سا ته ڄڻ ڪائي اڏِي آ،
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

رات پوئين پهر ۾،
هن ڪاري قهر ۾،
جِندڙِي ڪمزور آهي،
جندڙي هيڪل جڏِي آ،
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

جنهن به ديس ۾ وياسين،
جنهن به ويس ۾ وياسين،
تهڪ تنهنجا ئي ٻڌاسين،
گفتگو تنهنجي گڏِي آ،
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

چنڊ تارن جي خدائي،
هيءَ ملڻ جهڙي جدائِي،
جيترو ويجها ٿياسين،
اوترِي پرتي چڏِي آ،
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

## ننڍ جهڙي ڇوڪري!

ننڍ جهڙي نينگري،
تي اڇي مون ۾ لهي،
ڳاڙهه تنهنجي ڳَهَر جي،
تون سمندر جي سَڪِي،
تنهنجي انگن ۾ ارڏائي،
ڄڻ تہ سونهري مڇي،
لوچ اندر لَهر جي،
ڄڻ تہ صحرا ۾ گلاب،
زندگيءَ جي سُڄ ۾،
عرب جي خيمي جيان،
شام تنهنجي شهر جي،
دير تائين تون دريءَ تي،
ننڍ شيشي جي مَٽان،
مينهن وانگي تي وسين،
مُرڪ تنهنجي مَهر جي.
روز رات جو جانان،
تو جڏهن هيڪل ٽيان،
ياد لوڏِيندي رهي تي،
پينگهہ پوئين پَهر جِي.

## رُوح منجهہ ۾ رهين ٿي!

تون تہ جانان ٿي لڳين
جوڳڻ جيان،

هو سنڌ يُونيورسٽي،
روز تنهنجو گهر ڏسان،
دور جُهولي مان سدائين،
ڏُنڊ جهڙو در ڏسان،
ٿو جڏهن گهنٽي وڄايان،
ڦُوڪ ڏئي نڪري اچين ٿي
ڦَڻ جيان،

مان پهاڙن تي پري،
تون وڻن کي ويجهڙي،
پوءِ بہ تون ناهين پري!
مون اڳيان آهين ٽڙي،
روُح منهنجي ۾ رهين ٿي،
اصيل جي مٽي ۾
مڻ جيان.

## الوداعي رسم!

مون هن کي آخري ڀيرو ڏٺو
هوءَ ٽِماڙ بلڊنگ جي ڇاڇي ۾ ويٺل هئي،
هن نه هٿ لوڏيو
نه ڪائي الوداعي رسم ادا ڪئي،
هوءَ نه رُني نه کلي،
هوءَ بس ويٺي رهي،
مون سمجهيو ته وِڇڙي وڃڻ جو ڏک.
هن کي ميڻ بتي جيان ٻاري ڳاري ڇڏيندو،
يا هوءَ ڪنهن گمنام ستاري جيان ڪڙي پوندي،
يا پيلي پن وانگي ڇڻي پوندي،
مگر هوءَ چُپ چاپ ويٺي رهي!
هوءَ آسمان تائين رڙ به ڪري سگهي ٿي،
منهنجي سيني ۾،
ڪنهن گولي وانگي لڳي به سگهي ٿي،
ڪنوڻ وانگي مون تي ڪري به سگهي ٿي،
مگر هوءَ چپ چاپ ويٺي رهي،
مون مرڪڻ چاهيو
منهنجي مرڪ اڌو اڌ ٿي پيئي!
مون روئڻ چاهيو
ته اوچتو منهنجي چهري ۾ ڪنگجي پيئي!
۽ منهنجي پيرن هيٺان،
جدائين جو جنڊ اٿلي پيو.
واپسي ۾ مون محسوس ڪيو ته،
منهنجا پير منهنجي سيني ۾ لٽيل آهن.
۽ ڳچ ٽائيم،
آئون پنهنجي ساهه جي ڳلي لتاڙيندو
هن کان دور ٿي ويس.

# سردين جو هڪ نظم

منهنجي من مان پيار جا،
گرم چشما تا ڦُٽن،
هيل ڪيڏي ٿڌ آهي،
۽ اڳي کان وڌ آهي
پاري پوڻ ڪانپوءِ بہ،
منهنجي من ۾ پيار جا
گرم چشما ڦٽن ٿا.
سرد ملڪن جي پکين
جهڙي حسين ڇوڪري،
منهنجي ڏهئي آڱريون،
ميڻ بتين وانگر ٻرن
پوءِ بہ تنهنجي روح جون،
سپ ڳليون سنسان ڇو؟
موت وانگي پيون ٺرن.
تنهنجي بدن سان جا بہ آ،
منهنجي هٿن جي گفتگو
سا سموري آڳ آهي،
پوءِ ڇو چپ چاپ آهين
هيل ڪوئي گيت ناهين،
۽ نہ ڪو آلاپ آهين،
۽ انهيءَ کان اڳ جو
تون سيئي خنقيون ڳلي.
برف جي ڪنهن مجسمي
وانگي وڃين گھر ۾ جمي،
هل تہ دوزخ ۾ هلون،
هل تہ دوزخ ۾ هلون.

## گِرين اسپاٽ هوٽل!

گِرين اسپاٽ هوٽل،
محبُوبا جي پَاڪر وانگي،
جنهن ۾ اسانجي ساهه جا اڊندڙ ڏاڳا،
ايترا سوڙها ٿيندا پيا وڃن،
جڻ وليُون پاڻ ۾،
وِچرنديُون ٿِيون وڃن!
۽ اسين سڀ هيڪلا ڇوڪرا،
پنهنجي پنهنجي پيار جي،
قِصن ڪهاڻين ۾،
چانهه جي هر ڪوپ ۾،
چَپُ پوڙِهڻ ڪان اڳي،
ڪيترا پيرا،
پنهنجو پاڻ پوڙهڻ جي،
تمنا ٿا ڪريون!
درد جيڪو،
روز ٿو ڦوڪُون اسان کي ڏئي،
اجهائڻ ٿو گهري،
۽ اسين ٽيبلن جي مٿان،
وِڪرندا ٿا رهون،
محبوبا جي پاڪر ۾،
پنهنجو پاڻ کان وسرندا ٿا رهون.

---

هي هوٽل حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ جي هيٺان هوندي هئي، جتي ڪنهن دؤر ۾ نوجوانڙا ويهي پنهنجا فراق ڦهلوريندا هُئا، هاڻي هوٽل ناهي رهي.

## ڳلن تي ڳوڙها جوڙن جا!

تون وري نئين رُت سَندو
نئون نام بنجي ٿو اچين،
جو ستل اکڙين ۾ مستي موج آڻي،
۽ ڪجل جهڙين ڪنوارين راتين ۾،
ڏئي اسانکي اڻ ميا ڪيئي خُمار،
۽ نيڻن مان اسانجي ننڊ چاڻي،
جو اسانجو هوش ۽ مدهوشي جاڻي،
تون اهوئي جام بنجي ٿو اچين،
نئين رُت سندو
نئون نام بنجي ٿو اچين،
تون اسانجي يادگيرين جي ڪتاب ۾،
ڪجھ صفحن تي،
پيار جي وڇڙي وڃڻ جهڙو لکيل آهين،
ڪالھ بي ڪيئي اسان مان،
جبل تان رڙ جيان،
هيٺ لهندا ٿي ويا،
۽ وٽن ۾
درد جا پاڇا بنجي پيا ڊهي،
۽ تنهنجي سخت زخمي سج تان،
سڏ ۾ سڏ ڏيندا،
ڳلن تي جوڙا ڳوڙهن جا سجائي،
هيٺ اونهائين ۾ ڍرڪي ويا،
۽ اڪيلي ٻار جي مارجڻ جهڙا،
اسانجا ڏک،
دل جي پينگهھ توڙي،

۽ منهن ٻَر ڪلهہ پيا ڪري،
تنهنجي صحن جا سُريلا سُر سيئي،
نڙي ۾ نوڙي وجهي گهُٽيا ويا.
تنهنجي ڏينهن جو سمورو رقص جو.
وچ رستي تي هيو ماريو ويو.
۽ ٻنهپرن جي ڪليل ڇاتيءَ مٿان
وڻن جا ڏار ڪيرائي،
وچين ويلي واپسي جا.
سڀ رستا روڪيا ويا.
پوءِ بہ اسين،
تنهنجي سار،
۽ يار جي يادگيري جو رکندي پيرم،
الجهندي الجهندي بہ،
سُلجهائِيندا ٿا وَڃُون،
سِتم خاني جا رستا،
شام جي هر ڪا دري،
تي لِڪي ليٽا اسان ڏي اج اماڻي،
۽ سانجهہ جي بالڪني مان،
اسانجي موهہ جا منظر اهي،
جن بہ ڏنا،
سي اسانجي عشق تي پيا فدا.
ڇو تہ اسين پنهنجي پيار جو انجام رکون ٿا.
عشق توسان عشق سرعام رکون ٿا.

## تصور!

مون چيو تہ تون ناهين،
تو جهڙي نظم ناهيان،
اوچتو تصور ۾،
تو چيو قلم کي رک،
مان اچي وئي آهيان.

## شاعري جي ديس ۾!

زندگي جي ساز تي،
موت جي گنڀير ڌن،
سڀ سڻندا ٿا رهن،

۽ ازل خاني منجهان،
موھ ۽ ماٽا مڙيئي،
درد جا پيالا پکي،
چاھ چٽندا ٿا رهن،

شاعريءَ جي ديس ۾،
وارتا جي ويس ۾،
سارجا ساوا پکي،
عِشق اٽندا ٿا رهن.

# ٽُنهنجي ٻِگلي!

هي ٻِگلِي
ڪنهن پيرسن جي عمر جيڏي ڊگهي،
ڪنهن سنياسيءَ جي يوگ جيڏي،
زندگيءَ ۾ عاشقي جيڏي وڏي،
هيءَ ٻِگلي!
هيءَ ٻِگلي!
منهنجي من ۾ سدائين،
ڪنهن سنهي تار جيئن،
وڄندي رهي آهي،
ڪنهن نظم جي سِٽ وانگي،
ڪنهن چتر ڪنهن چٽ وانگي،
مون کي سدائين ٿي لڳي،
هي ٻِگلِي
۽ ڪنهن ستاري جي،
پري کان ڏيک وانگي،
منهنجي اک ۾ پوري لهي ٿي،
هي ٻِگلِي
ٽُنهنجي ٻِگلِي!

## ننڍڙا ڪکڙي سڪي!

ننڍڙا ڪکڙي سڪي،
پير پير ۾ ڏئي،
پئي هلي رکي رکي،

اڱڻ مٿان اڀاٽڪو،
چنڊ ڍرڪندو وڃي،
ڏور ماٺ جون گهٽيون،
سُڃ ۾ پيون ٺرن،
نم جي وڻ منجهان،
هيڪلائي جي هوا،
پئي لڳي رکي رکي!
ننڍڙا ڪکڙي سڪي،

ڦول جي هيا ڳُتيل،
وار وار ۾ سٽيل،
پنکڙيون پنکڙيون،
ٿي ويا اڱڻ ۾ اڏامندا،
ٻور ٻور ۾ پريل،
انتظار جا نشا،
بيقرار رات جي،
آخري پهر ۾،
لڙڪ لڙڪ ٿي ويا،
ماڪ جو ٿيو سمو،
هو نہ بيوفا وريو!
آخر اچي ٻکي،

ننڊ اکڙي سگهي!
۽ انتظار جي سرهاڻ،
اڱڻ مان چنڊ جيئن وئي الهي،
۽ پيرَ جي ڇيرَ ٻـ،
نيٺ هئي سمهي پئي!
نيٺ هئي سمهي پئي!

## شانتي نڪيتن جي هڪ شام!

شام جو شانتي نڪيتن چپ،
چڻ ته ٽئگور گهري سوچ ۾،
روڊ تي سائيڪل سوار ڇوڪري،
هر گهڙي گهنٽي وڄائي،
سهڪندي پوڙ پيي مسلسل ٽي ڪلي،
هوءَ ڪلي ٽي،
ها مگر هن جون اکيون،
ٻار وانگي صرف مرڪڻ ٽيون لڳن،
ريل تائين هن جو رستو ٿيو ختم،
الوداع ڪان پوڙ جي ساري سفر،
ڪلڪتي کي سنڌ ۾ آڻي وڌو،
بانورو بنگالي بابو چُپ آ،
پر سندس هيءَ شاعري،
شانتي نڪيتن جي هڪ شام!

## ڪير بہ رستن کي ويڙهي نہ سگهيو!

هو اڄ واپس اچي رهيو آهي،
چانڊني سمنڊ جي ڇولين ۾ اٿلي پيئي،
۽ جهوني جبل جي پاڙ ۾،
مئل گاهہ جي مُٺ،
پيهر ساهہ کڻي رهي آهي،
هو سوال جي نشاني جيان،
هر قطار جي آخر ۾ بيٺو رهيو،
پهرين پهرين هن کان جواني واپس ورتي وئي،
مگر عورت جي شبيهہ هن وٽ سانديل رهي!
هن کي وچ رستي تي لٽيو ويو
مگر ڏرتي کيڙڻ جو هنر هن وٽ محفوظ رهيو!
هن ستارا ڏٺا تہ سندس اکيون ڪڍيون ويون،
هُن گلاب پوکيو تہ سندس هٿ وڍيا ويا،
۽ پوءِ بہ هن جڏهن شروع ڪيو تہ،
ڪير بہ رستن کي ويڙهي نہ سگهيو!
۽ هن جڏهن سوچڻ شروع ڪيو تہ،
ڪير بہ اوندهہ ۾ هن جو پيڇو نہ ڪري سگهيو!
هن جي جسم ۾ تلوار،
۽ تلوار جي رهڻ جي جاءِ ڳولي لڌي وئي،
هن جي شراب ۾،
زهر ملائڻ کي ممڪن بنايو ويو!
۽ هن جي گهر کي،
قبر کان بہ اونهون کوٽيو ويو.
آخري دفعو
هو جڏهن آسمان ڏانهن اڏاڻو هو تہ سيني،
هن جي پاڇي تي حملو ڪيو هو.

## هن عشق جي عجائب گهر ۾!

ايڏا پراڻا آهيون،
جيڏي هو پراڻي،
نئين سر وري جميا سون،
ڪنهن ساڻ پيار خاطر!
هر ڪنهن جي گهر ۾ آهي،
قسمت سندو ستارو،
دنيا رُليا پلياسين،
دلدار يار خاطر!
اڪروٽ جي وڻن مان،
ڪارڪ پتي نہ سگهبي،
پٽ تي ڪريل بازي،
اپ مان جهتي نہ سگهبي،
پر عشق آهي الٽو ابتا تہ وڻ لڳائي،
وڻ تڻ لڳي تڙي پيا،
ڪنهن ڪوهسار خاطر!
زلفن زنجيرون ناهي،
سوگهو ڪيو صدين کان،
تنهنجا پئي ڏس پڇياسين،
نالا ڍنڍين ندين کان،
هي وهڪرن وڏن کان،
چولين کان ڪيئن چڙايون،
مسحور مات ٿياسين،
هر وار وار خاطر!
دُنيا تہ حسن آهي سج چنڊ جي نقالي،
دُنيا تہ ڏوڙ آهي پر پيار آهي پالي،
هن عشق جي عجائب گهر ۾،
وجي رکياسون،
هن نينهن نيٺ نانگو ڪيو نار خاطر!

## اُها عورت اها ناهي!

اُها عورت اها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!
نگاهون نار جو ناسي،
وئين تون جنهن اندر ڦاسي،
اکين کي تو اکيون اربين،
چپن لئِ چپ چاهين ٿو
مصور تي حسينا جي،
پني تي شڪل ناهين ٿو.
ڪڏهن ڪارو ڪجل ليڪن،
ڪڏهن لالي لڳائين ٿو
ڪرين تو پيار خود سان ئي،
لڳئي تو ٻئي کي پائين ٿو.
اها هڪ آرزو آهي،
ازل ڪان جا اڌوري آ.
اُها عورت اها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!

سيئي ساحل پني آئين،
اُگهاڙيون عورتون تڪيئي،
گهٽين جي دل ڇني آئين،
مگر هن سندريءَ جي سڪ
هنيو توکي در آ چڪ.
ٽُٽيءَ ڪنهن تار وانگي تون،
وهاڻن تي وڇوڙي جو
مٿو ٽيڪي پيو آهين.
پٿين سان پيو ڪرين پٽڪا.

هيڏانهن هوڏانهن ٿيو آهين.
چوين پيو هوءَ هتي ناهي،
اُها عورت اها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!

پلي وجهہ چڪ چائنٽ ۾،
دريون در پور پيو ڪر تون،
رُلي وج اڄ پنهنجي ۾،
وري پر گهور پيو ڪر تون،
ڪڏهن مل هڪ حسينا سان،
ڪڏهن مل ٻي حسينا سان،
ڪڏهن مل تانيہ سان تون،
ڪڏهن مل تون شڪيلا سان،
مگر سڀ ڳالهہ ساڳي آ،
اُها عورت اها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي،

وڇوڙو وڏ وجهندو آ،
جدائي جهير ڏيندي آ،
سمورو پيار پاڳل پڻ،
چريائي چير ڏيندي آ،
ڪٿي تنهنجا نوان ڪپڙا،
ڪٿي سڀ ڪوٽ ۽ ٽايون،
سڄو آهين پُريو پيو تون،
وري توکي ڪٿان ٿاهيون،
عجب آ عورتن جو پي،
مٿا سڀ مرد مارن ٿيون،
وڃائين ٿيون وجودن کان،
وڏي ڪا باھ ٻارن ٿيون،
حسن تنهنجي اِها دلڙي،

صفا ننڍڙي هئي ٻلڙي،
ڪپي وئي ڪاج تي ويئي،
ڪوئن جا ڪاج تي ويئي،
صفا ابتي وهي جدول،
هتان ڪان هاڻ جلدي هل،
اُها عورت اها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!

## ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي!

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!

فردن جا درد هزارين،
هڪبئي سان اڄ، گڏجن پيا،
ڏرتي ڦاٽي ڏوڙ اڏاٽي،
ڪير هوا ۾ سڏجن پيا؟
ڳوٺن ڳنڍ ڇڏي جن ڏيئي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
تن سان توکي هلڻو پوندو!

ساھ سسيءَ مان نڪتو يا نہ،
ڇُپ چوي پئي ٻئي اڇٽا آهن،
رت جي ليڪ لڪل جي پرسان،
بينا آهن بڇٽا آهن،
ڳوڙهن ڳالهہ ڪئي آ جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
تن سان توکي هلڻو پوندو!

موتيا ناهن جيڪي ماڻهو
پنهنجي گهر ۾ گهاٽ وٽان،
واپس ناهن ٿيٽا جيڪي،
وقت وصل ۾ واٽ وٽان،
پڙڪيل آڳ اڳيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
تن سان توکي هلڻو پوندو!

ماڻھو جيڪي پنھنجي من جي،
مٽيءَ ۾ مدفون ٿيا،
جاڳ بہ جن جي جيئري ناھي،
خواب بہ جن جا خون ٿيا،
پريت ڦندي ۾ پيئي جن جي،
تن سان توکي ھلڻو پوندو!
نند قتل ٿي ويئي جن جي!
تن سان توکي ھلڻو پوندو!

## عشق حقيقت درد گلابي

عشق حقيقت درد گلابي،
هاءِ هجر تي هر هر پانيان،
حق حڪومت نينهن نوابي،
شمس قمر تي هر هر پانيان،
عشق حقيقت درد گلابي،

پل ۾ پيچ پيو جوڪن ۾،
ملڪ ڏنو مون پنهنجي من ۾،
ويڙهيچن سان گڏ وطن ۾،
نيڻ ۾ نقشا عين ترابي،
شاخ شجر تي هر هر پانيان!
عشق حقيقت درد گلابي!

بن ۾ تي بازاري آيا،
وجد منجهان واپاري آيا،
آزي ۾ نيرازي آيا،
ساٿ سوالي جام جوابي،
سُچ سفر تي هر هر پانيان!
عشق حقيقت درد گلابي!

طعام طلب ۾ آب نہ آچن،
ڪاڳر ڪو ڪتاب نہ آچن،
تجلو ڪوئي تاب نہ آچن،
شرڪت شيشو شوق شرابي،
ڪيئي قصر تي هر هر پانيان!
عشق حقيقت درد گلابي!

بندر تي جي لهندا آهن.
ڪوهه ۾ سي ئي ڪهندا آهن،
ٿيڪ حسن تي ٿهندا آهن،
شرم حيا ۾ حُسن حجابي،
ناز نظر تي هر هر پانيان،
عشق حقيقت درد گلابي!

## عبادت عشق ئي آهي!

ٻکي ٿو ٻُور ٻيرن کي،
وڻن کي تون بہ پاڪر وجھہ.
ڇُميون پاڪر حياتي آ،
اهائي زندگي آهي.

حسن! محبوب ماڻهن جي،
سدائين يار ڪر سيوا،
عبادت عشق ئي آهي،
اهائي زندگي آهي.

## چئو تہ تنھنجي چور ڪي سوگھو ڪريان!

روح ڪي ھن روڳ جو رنبو ھنيو
تنھن خيالن کي لڳي ويل ڪاٽ جو
تون اڃان تائين پيو پيرو ڪڍين،
وٽن تي وينل پکين جي وات ۾،
اس جي آھوڙ ساري ٿي ختم،
سج لٿي جو سرنگون سورج مکي،
او ورھاڱي ڪان وڇايل واھرو
ٿڪ کي آخر ٿميندين ڪيترو
عشق ڪان گھوڙي سواري گھُر ڪٽي،
مان جتي اوڏانھن اڳتي ڇُر ڪٽي،
آئون جيڪو ڪنھن سگھڙ جي سٽ جي،
سوجھري ۾ تو ڪريان سوگھيون گھڙيون،
چئو تہ تولاءِ وات ھيءَ ويڙھي اڃان،
سڀ رستا تو اڳيان ريڙھي اڃان،
آئون جيڪو ھن انڌيري ۾ اٿي،
روز ٿو تارن مٿان ڪارا وجھان،
چئو تہ تنھنجي چور ڪي سوگھو ڪريان.

## ٽالهي!

چانوَ چپر آ تنهنجي والي،
وڻ تہ وسيلو تنهنجي ٽالهي

باغ بہ تنهنجو تنهنجي خوشبو
تون ئي گل ۽ تون ئي مالهي

درس حسن هڪ پن جيان آ،
چڪ ڏيڻ سان ڇڄي پوندو
توئي محبت من ۾ پوکي،
پاڻ ئي پريت آ پنهنجي پالي!

## نِمرا

نمر جي وڻ کي ناچ نچائي،
رنگ رهاڻيون، روح رچائي،
من ۾ محفل مچ مچائي،
مست قلندر ڇير وڄائي،
مدنيءَ کي تي دُنيا ڳائي،
درس حسن کي ڪٺو ڏجان تون،

فقرائن کي گهٽو ڏجان تون،
هاءِ حسن پيو هڏ وڄائي،
تند تپائي تن کي تڇجان تون!

# چمپا!

چئو مان تولاءِ چمپا ٻٽجان،
منهنجا گل پڌر مان ڪٽجان،

مسرورن سان پيار ڪبو آ،
ور ور ڏئي پيو مون کي وٽجان،

منهنجي ٻولي، جهولي آهي،
ڳالهہ انهيءَ کي ڳوٺ ۾ ڳٽجان،

شاهہ پنجي ۾ شاعر آيو
قول نڀاور چم چم چٽجان.

## ٻاڻ ۾....

ٻريس پئي ٻاڻَ ۾ ٻَر ٻَر،
اجهايو عورتن مون کي،
وري هن عشق مون کي آ،
دکايو دوڳ منهنجي مان!

ڪيم پئي من اندر ماتم،
نہ ڪوئي ڪم، رڳو غم غم،
ڪري سينگار سهڻي جيئن،
سنواريو سوڳ منهنجي مان!

## آئون فقير پنڌ جو پيالو!

پهرين پهرين پاڻ آ هوندو
آخر ۾ پڻ ايندو آهي،
آئون فقير پنڌ جو پيالو
ڏيھہ سڄي هُو ڏيندو آهي.
هر ڪو پيٽ منجهان ٿي پڌرو،
دلبر ٿو ديدار ڪرائي،
هر ڪو هر ڏئي ڪيڙي،
ڪائي واپس ويندو آهي،
آئون اچان ٿو چيريون پائي،
جهمريون هٽندي ڳائي وڄائي،
ناز منجهاران نڪري ناظر،
نئين پاسي ڏي نيندو آهي،
ٻڙ جي هيئان عشق ازل کان،
بينو آهي وينو آهي،
درس حسن آ ڪمتر ڪو جهو،
هي چا آخر ٿيندو آهي.

## ادب سان چوڪريون گھُرجان!

ادب سان چوڪريون گھرجان،
غضب سان چوڪريون گھرجان،
نظر سان چوڪريون گھرجان،
پلر ڪان چوڪريون گھرجان،
ولر ڪان چوڪريون گھرجان،
گُلن ڪان چوڪريون گھرجان،
ولين ڪان چوڪريون گھرجان،
ڳلين ڪان چوڪريون گھرجان،
پکين ڪان چوڪريون گھرجان،
تتر ڪان چوڪريون گھرجان،
پتر ڪان چوڪريون گھرجان،
بندي ڪان چوڪريون گھرجان،
خُدا ڪان چوڪريون گھرجان،

دريءَ مان چوڪريون ڏسجان،
ڪپر تي چوڪريون ڏسجان،
گھٽيءَ ۾ چوڪريون ڏسجان،
چمر ۾ چوڪريون ڏسجان،
سفر ۾ چوڪريون ڏسجان،
نچن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
اچن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
وڃن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
ٻڪن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
بيهن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
ويهن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
لکن ٿيون چوڪريون ڏسجان،
پڙهن ٿيون چوڪريون ڏسجان،

ٽڙن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ٽڙن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
مُڙن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
وڙهن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ڏنين ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ڪلن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ملن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ٽلن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
سبن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
چنن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ٻرن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
هجن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ٽين ٽيون چوڪريون ڏسجان،
مرن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
جيئن ٽيون چوڪريون ڏسجان،
ڏسن ٽيون چوڪريون ڏسجان،

هوائون چوڪريون آهن،
گهٽائون چوڪريون آهن،
فضائون چوڪريون آهن،
نگاهون چوڪريون آهن،
ادائون چوڪريون آهن،
صدائون چوڪريون آهن،
ڪٿائون چوڪريون آهن،
سزائون چوڪريون آهن،
جزائون چوڪريون آهن،
اجان ڪيئن چوڪريون آهن!؟

## چانڊوڪين جا چور!

رُنا مڙئي مور،
ڪالهہ بہ ڪارونجھر ڏي.

اونداهين ۾ اسري آيا، چانڊوڪين جا چور،
چرڪي پيو چاچرو چرڪي پئي چور،
توڙي تڪرا ڏهہ ڪيائون ڏالون چالون روز
اڄ بہ منهنجي آزاديءَ تي دنيا تنهنجا روز
اڄ بہ تنهنجي اک آ اگري مٿان ڪينجهر ڪور،
ڪالهہ بہ ڪارونجھر ڏي.

## ڪورٽ سان ڪر ڪچهري!

هن مُلڪ جي رندين کي،
بدنام ڪين ڪر تون،
ڪو حال هاڻ ڪونهي،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،

ڪورٽ صفا آ سَستي،
هڪ رات لئِ سهي پر،
وٺ پاڻ وٽ گهرائي،
ڪورٽ جا جام پيئندي،
بدنام عام پيئندي،
تنهنجي اڳيان پئي نچندي،
مدهوش ٿي پئي ٽڙندي،
بدمستي ۾ تورو وڙهندي،
توسان سمهي جو پوندي،
پوءِ ڪونہ ڪجھ بہ چوندي،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،

ڪورٽ آ صفا سَستي،
تنهنجي صحت لئِ ظالم،
جو آهي اهو ضروري،
آهي تہ صفا اهڙي،
سڏجي مگر سگهوري،
پڙوو نہ ڪوئي گهرجي،
ناهي ڪُتڻ ضروري،
خود پاڻ ڏر ڏجاٽي،
اُن سان ملڻ ضروري،
نمبر پتو نہ ڪوئي،

توکان لڪائيندو هي،
هر ڪو نئيو وڏو پيو،
توکي ٻڏائيندو هي،
گفتار ۾ بہ گهري،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،

ڪورٽ صفا آ سَستي،
لاتل لبن تي لالي،
اک ۾ ڪجل جي ڪاني،
تي انگ الڳ وڪٽي،
ڀرپور هيءَ جواني،
قانون جنهن جا انگڙا،
آئين جنهننجو آئينو،
ڇهندين تہ وهي هلندئي،
پاٽيءَ جيان پسينو
هن ملڪ جي رنڊين جو
ڪو حال هاڻ ڪونهي،
پنهنجي صحت لئِہ ظالم،
جو آهي اِهو ضروري،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،

ڪورٽ آ صفا سَستي،
چڪلن جي ڏاڪڻين تي،
حيرانگيون ڏسان ٿو
تهجد گذارن جي در تي،
حيرانگيون ڏسان ٿو
وئشيائين جي وطن ۾،
هيءَ جا نئين ساماڻي،
ڪونا اجاڙ آهن،
پڙو اُداس آهن،

پر توکي يار چاهي،
تنهنجو تہ ڪم پيو هلندو،
هن ساڻ دل لڳيءَ جي،
ڪوشش نہ ڪا ڪجان تون،
هڪ رات جي ملڻ ڪي،
جيون نہ سوچجان تون،
آهي اصل ڪان ظالم،
پنهنجي تہ پرورش ۾،
پنهنجي نسل ڪان ڪان ظالم،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،

ڪورٽ صفا آ سَستي!
عاشق جا اصل اهڙا،
ڪنڌا ڪٽيو چڏي ٿي،
هر حڪمران جي آ،
سهٽي سدا سهاڳڻ،
آهي تہ صفا اهڙي،
سڏجي مگر سگوري،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،
ڪورٽ آ صفا سَستي!

## گيت ڏٽي جا گڏجي ڳايون!

آدرشي انجام بہ آهن،
پنهنجي سونهن سپيتا صورت،
اکڙين ۾ آرام بہ آهي،
جيڪو آهي اهڙو سهڻو
تنهن، سنڌوءَ کي سڀ ساراهيون،
گيت ڏٽي جا گڏجي ڳايون،

منهنجو درد بہ تون درمان بہ تون،
منهنجوعشق بہ تون ارمان بہ تون،
منهنجو ٻاروتڻ جي مُرڪ بہ تون،
منهنجو سمنڊ بہ تون، منهنجي سُرڪ بہ تون،
منهنجو سوڙ ساٿ ۽ گيت بہ تون،
منهنجي رسم رواج ۽ ريت بہ تون،
منهنجو دوست تون دلدار بہ تون،
منهنجو من موهن ۽ ميت بہ تون،
منهنجي جذبن جو اظهار بہ تون،
منهنجو پيار بہ تون، منهنجي پريت بہ تون،
منهنجي ننڊ بہ تون، منهنجي جاڳ بہ تون،
منهنجي خوابن جي تعبير بہ تون،
منهنجو مک مهانڊو شڪل بہ تون،
منهنجي تاريخي تصوير بہ تون،
منهنجي ساوڪ ۽ سرسبزي تون،
منهنجو ڪوٽ برج تعمير بہ تون،
منهنجو لمحو لمحو ساعت بہ تون،
منهنجو روڳ بہ تون، منهنجي راحت بہ تون،
منهنجو فن فڪر فنون بہ تون،

منهنجو جوش جلال جنون بہ تون،
منهنجو ٺانءُ بہ تون منهنجو ٻُڪ بہ تون،
منهنجو دريا هڪڙو ڍُڪ بہ تون،
منهنجو قطرو قطرو جُز بہ تون،
منهنجي بوند بہ تون، منهنجو ڪُل بہ تون،
منهنجي مجبوري، منهنجي ماٺ بہ تون،
منهنجي ڪاوڙ غصو هُل بہ تون،
منهنجو آئين ۽ اختيار بہ تون،
منهنجي وڏڙن جو دستور بہ تون،
منهنجو قلم، ڪتاب ۽ علم بہ تون،
منهنجي نظر بہ تون، منهنجو نور بہ تون،
منهنجو دولهہ، عنايت ۽ پٺو
منهنجو شعر بہ تون ۽ شعور بہ تون،
منهنجي لاءِ چمڻ جو چاھ بہ تون،
منهنجو موتيو مُگرو ۽ چمپا،
منهنجو ٻير پيلو ٻور بہ تون،
منهنجا لفظ لکت ۽ مس بہ تون!
جيڪو جل ٿل جال وهي ٿو
عشق ايامن ڪان تہ اڃي پيو
سهڪي صديون سال وهي ٿو
ٻيل جيان هو ٿِلندو ٿِلندو
ڪيڏي چنچل چال وهي ٿو
ڳڊ جيان هو ڊوڙي ڊوڙي،
چرڪي ڏيندو چال وهي ٿو
شينهن جيان گجگوڙ ڪندو،
لاڪيٽو لچپال وهي ٿو
پھڻ پٿر ڪٽين لتائيندو
موتي مالا مال وهي ٿو
تنهنجو منهنجو ماضي آهي،
حال ۽ استقبال وهي ٿو

مست قلندر اوجون موجون،
ڏک ڏک ڏُوڪ ڌمال وهي ٿو
سيوهڻ سائين سج جيان آ،
جڳ مڳ جاڳ جلال وهي ٿو
شاهه ڀٽائيءَ جي ڀاڪي تان،
جهرمر جوت جمال وهي ٿو
ڏيئا ليئا ڏيک ڏسان ٿو
موجن منجهه مشال وهي ٿو
پنهنجي تيغ ترار بہ آهي،
آڏو ٿي هوڏال وهي ٿو
ڪيڏا قرب ڪچهريون ڪندو
پورن لاءِ ٿي پال وهي ٿو
تنهن سنڌوءَ کي سڀ ساراهيون،
گيت ڌٽيءَ جا گڏجي ڳايون!

دنيا ۾ هي خاص بہ آهي،
۽ آدم لاءِ عام بہ آهي،
پنهنجو ننگ ناموس بہ آهي،
پنهنجي ذات ۽ نام بہ آهي،
پنهنجي پريت ۽ پراڻو قصو
پنهنجو هي پيغام بہ آهي،
ويرين تي هي وار بہ آهي،
دشمن جي لاءِ دام بہ آهي،
پنهنجو سارو ديس بہ آهي،
هڪڙو ننڍڙو گام بہ آهي،
ميخاني جو مچ بہ آهي،
ڇلڪي پوندڙ جام بہ آهي،
پاڻ ڪريون ٿا پوڄا جنهن جي،
پنهنجي لاءِ پرنام بہ آهي،
پنهنجو هي آغاز الستي،

پنهنجو هي انجام بہ آهي!
منهنجي گفتگو تون، منهنجو گس بہ تون،
منهنجي مُرلي، بين ۽ بوڙيندو
منهنجو راڳ بہ تون منهنجو رس بہ تون،
منهنجي موسيقيءَ جو مام بہ تون،
منهنجو سُر، سرهاڻ ۽ چسُ بہ تون،
منهنجو لڪ جبل کان ڏيک بہ تون،
منهنجو ڪارونجهر ۽ ڪسُ بہ تون،
منهنجو رت بہ تون، منهنجو ست بہ تون،
منهنجي نبض بہ تون، منهنجي نس بہ تون،
منهنجو پني عاقل ۾ پهر بہ تون،
منهنجو ماٿيلي وٽ مهر بہ تون،
منهنجو ڪوٽڙيءَ وٽ ڪڙڪات تون،
منهنجي شاهہ پنجي وٽ لهر بہ تون،
منهنجي ٻولي تون منهنجي چولي بہ تون،
منهنجي عيد بہ تون، منهنجي هولي بہ تون،
منهنجي ڪچي ۾ لس ليٽ بہ تون،
منهنجي ٻيٽاري ۽ ٻيٽ بہ تون،
منهنجو فصل بہ تون، منهنجو نسل بہ تون،
ڪنهنجي ڳتي تون، منهنجو چيٽ بہ تون،
منهنجي کيڙي تون، منهنجو کيٽ بہ تون،
منهنجي مستيءَ جو منشور بہ تون،
منهنجي روهڙي سکر بہ تون،
منهنجي سن مانجهند بہ تون،
منهنجو شاهہ بندر بہ تون،
منهنجو خفت ۽ اڙل وچيڙو بہ تون،
منهنجي ڳوٺ مشائخ جو مور بہ تون،
منهنجو طوطو مينا، پاريهر،
منهنجو سيوهڻ بحري باز بہ تون،
منهنجو روحاني ڪوراز بہ تون،

منهنجو روحل، ردم، چيزل بہ تون،
منهنجو ڪاشي، جندي ڪير بہ تون،
منهنجو ڳُڙم، قبيلو قوم بہ تون،
منهنجي ماڪي، مکڻ، نير بہ تون،
منهنجو پٽ بہ تون منهنجو پيءُ بہ تون،
منهنجي واهر بہ تون، منهنجو وير بہ تون،
منهنجو تخت بہ تون، منهنجو بخت بہ تون،
منهنجو مرشد بہ تون منهنجو پير بہ تون،
منهنجي چڪ تانگهہ ۽ تنئوس بہ تون،
منهنجي سڪ جو سوز سفير بہ تون،
منهنجي عشق جو اڳ امام بہ تون،
منهنجو حاڪم ۽ امير بہ تون،
منهنجو ذلفي بينظير بہ تون،
منهنجو ”حسن درس فقير“ بہ تون،
جُڳ جُڳ اهڙو جاني آهين،
لاشڪ تون لاثاني آهين،
تنهن سنڌو کي سپ ساراهيون،
گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون.

---

علي قاضيءَ جي سڏ تي 2009ع ۾ درياءُ ڏي تي لکيل!

# ڪيڏارڻ!

منهنجي قدمن جا خاموش آواز
جيڪي صرف تون ٻڌي سگهين ٿي،
جڏهن ٻڌين،
منهنجي بدن جو اڻ ڏٺو پاڇو
جيڪو صرف تون ڏسي سگهين ٿي،
جڏهن ڏسين،
منهنجي گهر جي پرسان جڏهن لنگهين،
جيڪو تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ اُجڙيل آ.
مون کي ياد ضرور ڪجان،
توسان محبت ۾ ديوانگيءَ کي،
پاڪ چاهت کي،
منهنجي دل جي حسرتن کي،
جيڪي لفظن جو روپ ڌاري،
ڳاڙهي مس ۾ وهنجي،
ڪڏهن ڪنواريءَ چوريءَ وانگي،
ڪاغذ جي بستري تي،
پاسا پيون بدلائين،
آرس پيو پيچن،
راهون پيون ڏسن،
چتڪائيءَ وارا چال ڏئي،
تنهنجي پيار،
جو بيڊرومن جي زينت بڻجي،
ڪلبن جي انڌيءَ روشنيءَ ۾،
نوٽن کي ٻاڏائي،
هاءِ! هاءِ!
مان چا چوان تنهنجي پيار کي،

تنهنجو پيار،
چونڪن تي چڙهيو
وڏي واڪ وڪامي،
چڱي اگهہ اگهامي،
۽ جڏهن رات وهامي،
تڏهن تون چور چور،
گهر ڪان ٿورو دور،
گهٽيءَ جي اونده ۾،
ڪار جي اڳينءَ سيٽ تان،
اهليو لهين،
وڃيو گهر ڪرين،
مٿل منهن سان منجي تي،
تنهنجي بدن تي نيرا نشان،
ڪنهن ظالم زهر ڀريل ڏندن سان،
توکي چيٿاڙيو چباڙيو
۽ تون پاروٿو گوشت،
ڪپڙن ۾ ڍڪيل،
گذري ويل فيشن،
پراڻو ميڪ اپ،
سينيما هال جي،
ٿرڊ ڪلاس ٽڪيٽ پئي لڳين،
تنهنجي جوانيءَ جا،
تنهنجي عزت جا،
تنهنجن پنهنجن هٿن جي لٽيرن وٺ لٽيل،
ڪير ڪهڙو فرياد ڪري؟
يا ڪٿي داد ڪري،
مان جو سچي سنسار جو رهواسي،
هن تنهنجي ڪوڙي دنيا ۾،
تنهنجي ديدن جي دولابن ۾،
ڏايو دربدر ٿيس،

هر ڳالهہ کان ويس،
۽ جڏهن هوش سنڀاليم،
توکي نہ اتي پاتم،
تڏهن سڀ سمجهي ويس،
تون تہ هڪ ڪيڏارڻ هئين ءَ،
جو پنهنجو ڪيل ڪيڏي وئين ءَ.
چند منٽن جو،
چئن ساعتن جو سين،
ڪنهن ڊرامي جو هئين ءَ،
جو ڊراپ تي وئين ءَ،
مان چا چوان تنهنجي پيار کي.

## امن جو نعرو!

جپ چڪي تارونءَ منجهان،
ٻاهر ڪيدي اچلي ڇڏيو
خيال تي ڪي خواب آور،
گوريون چٽڪي ڇڏيو
سوچ کي سنگسار ڪ،
لوچ کي ڦاهي ڏي،
بيت جو بازو پيچي،
گيت کي گوليون هڻو
مون ڪويءَ جي ڪنڌ کي،
ڪاٽ سان ڪوري ڇڏيو
رت منهنجي رنگ مان،
آڳريون ٻوڙي وچي،
گڏيل قومن جي اداري،
جي اُوچي عمارت مٿان،
امن جو نعرو لکو
سوپ جو سهرو ڪچو
ڳالهہ پر هڪڙي ٻڌو،
جپ تہ ڪتجي وچين،
هٿ تہ وڍجي وڃن،
سوچ جا ساوا پکي،
موت جي آغوش ۾،
چٽڪي چڳي سمهي پون،
مون ڪويءَ جي ڪنڌ تي،
انت جا پاڇا لڙن،
پر پيلا هي بيت باهيون،
شعر جا شعلا آهن،

ڪيئن ٿا ماڻهو مرن ٿي،
ذهن تان ڀلجي سگهن،
ڪنهن اداسي رات جو
ڪو ڪٽي چاهه مان،
ٻول ٻہ ٿي ڳائيندو،
ڇڻ موت جي آغوش مان،
مون کي پيو جاڳائيندو
وائيءَ جي هن واڪي ڪي،
وقت ئي وڄائيندو،
ڪڏهن ڪويءَ جي ڪنڌ جو
رت ٻہ رنگ لائيندو.

## فقيرياڻي!

ڪنهن فقيرياڻيءَ جي ٽٽل چتين لڱل،
چولي جي قاتل حصي منجهان،
نڪتل ارهه ڪي ڇهتيل ٻار،
هڪ دفعو ڇرڪ ڀري تو ڏي نهاري،
وري ڪنڌ واري، ڇهتي وڃي ٿو
جڻ پنهنجي مالڪيءَ جو حق جتائي ٿو،
ڇا مان پنهنجو حق نہ جتايان،
ڪنهن نماڻي نار جا، هٿ ٻئي اڳيان ٻڌل،
فاتح جتي جي، گهوڙن جي ٽاپولين ۾،
سڏڪا ۽ ٻڙڪون ٻڌل،
ڪنهن نمرود ۽ مردود جي درٻار ۾،
هيسيل ۽ ڏاڍو ڏنل،
ڳلن جي ڳاڙهاڻ تي، لڙڪن جون لارون اجهل،
پر ازل جي اک ۾، ڏوڙ وجهي،
موهه سان ٻہ ٻوهه ڏيئي،
ڳوهه ڳهندڙ قوم جي، هڪ فرد کي،
جنهن سندن دل جي،
درد جو سامان ڏاهيو هو،
ڪل ۾ ڪرڙيون هڻائي،
خاموش ڪرائي،
پنهنجي عزت نفس جو قرض چڪايو،
ڇا مان پنهنجو قرض نہ چڪايان؟

## لکنوءِ!

لکنئوجي تهذيب،
جنهن ۾ نوابن جون وڏهر ڏيئون،
وهيءَ کان هٿيل ککون،
نوڪرن ۽ ڪوچوان،
سان وڃي ڪوٺن تي،
تبلي جي تانن تي،
بي ڊولن جسمن جا،
پول هيون ٺڙڪائينديون،
نوٽن تي نچائينديون هيون،
ننگ و ناموس کي،
عزت کي بازار ۾،
آدابن جي آڙ ۾،
خاڪ در خاڪ،
ڏوڙ ڏوڙ ڏوڙ
ساڳي مٽي ڀوت ۾،
اگهاڙي هٿ ۾ رومال،
اهو حال!
پر هتي ويجهي وڏي،
اجان انهيءَ گند کي،
پنهنجي پنيان چنبڙائي،
پنهنجي پاڻ کي لکنوي سڏائين ٿا،
ڇا مان سنڌي نہ سڏايان؟
ڇا مان ڪنهن پيڙ جي پتر جيئن،
بي موسمي ڪڪر جيئن،
ڏور کان اُڏري آيل،
پرڏيهي پکين جي ولر جيئن،

انڌيءَ اک جي نظر جيئن،
گم ٿي ويان!
ڇا مان،
ڪنهن تنبوري جي ٽٽل تار جيئن،
ڪوڙهه ورتل ڪلاڪار جيئن،
مڙدي جي ماٺار جيئن،
گونگي جي گفتار جيئن،
چپ ٿي ويان!
نہ اِئين نٿو ٿي سگهي،
مان تہ،
وڇوڙي جي سڪل نوٽ پوٿي ۾،
اسري ۽ اپري آيل،
وصل جي وٽڪار آهيان،
مان تہ،
اميدن جي اک ۾،
پهچ جو پاٽي تريل،
آزادي اظهار آهيان،
مان تہ،
پٽائيءَ جي بيتن ۾،
شيخ اياز جي شعرن ۾،
سنڌ جي لوڪ گيتن،
ميلاپ جي سهرن ۾،
ساميءَ جي سلوڪن پويان،
سچل سان سهڪار آهيان،
مان تہ،
دهليءَ جي دروازي تي،
سرمد جي سنسار ۾،
ڪنهن دار جو ديدار آهيان،
مان تہ،
برهہ جي بازارين ۾،

سر جي سوداين لئہ،
وقتائتو واپار آهيان،
مان جيڪي آهيان،
جو بہ آهيان،
اڻ مٽ آهيان،
اڻ ڪٽ آهيان،
جنم جنم جو جياپو ڪو
نئون نڪو نياپو آهيان.

## مُنهنجي اندر جي اڱڻ تي!

تون ڪيئن آهين، ڪير آهين،
ڪٿي آهين!
ڪجھ بہ ڪين ٿو ڄاڻان سائڻ،
پوءِ بہ دل جي وسيل گهر ۾،
روزا ڇين ٿي،
سوچن جي سرهاڻين ۾،
خيالن جي خم ڪاٺين ۾،
هيرن موتين وانگي چمڪين،
منهنجي اندر جي اجري اڱڻ تي،
نٿهڻ اس يا اونداهين ۾،
چوڏهين جي چانڊوڪين ۾،
ننگن پيرن ساڻ نچين ٿي،
ڪيئن اچين ٿي، ڪيئن وڃين ٿي،
ڪجھ بہ ڪين ٿو ڄاڻان سائڻ،
تنهنجو ڏس پتو بہ نہ هڪڙو،
روز ملي ٿو نئون نڪور،
ڪڏهن ڪڪر ۾، بوند ابر ۾،
ڪڏهن گلن جي سونهن نگر ۾،
ڪڏهن تہ ڪونجن جي بہ ولر ۾،
نيري اُڀ ۾ اُڏندڙ پنڇي،
ڪڏهن ستارن چنڊ چڪر ۾،
نينهن اسانجو نستو نستو،
نگر نگر ۾ پٽڪي پٽڪي،
اڻ ڄاتل سان اٽڪي اٽڪي،
ٿڪجي پيو آ،
هر رستو هر راھ رلي،

پنهنجي مون دلجاءِ ڪئي،
هاڻ تون ئي ٻڌاءِ تنهنجو رستو
توسان ملڻ لئہ سولو سستو
چو تہ آئون،
ڪجھ بہ ڪين ٿو ڄاڻان سائڻ.

## ڪارو ڪاري!

ڏور لڪن ۾ سج لٿو ٿي،
ڏينهن ڪاري چادر ويڙهي،
ساجهر سڪ سان سيج سنوٽي،
پيچ پٽن تان ڦرڙا ڊوڙي،
واڙن آيا ورچي ورچي،
ٻار رُئل جي ماءُ کان خرچيءَ،
ڊوڊي ڊڳڙي پيڙا پرچي،
ٽڪ لڳن ۾ ڪليل ٿلها،
ننڊ وڪاٽا چور هاري،
مست محبت نڪتي ناري،
آس اندر ۾ هيءَ اپائي،
شال ملي اڄ موج بهاري،
ڏور وٽن جي جهڳٽن پرسان،
ٻه پاڇولا، ڳل ڳراٽي،
وقت ورڻ جي ويل اساٽي،
ٻاٽ ۾ گهاٽ گهڙيل هو گهٽ ٽي،
ڦاسي پئي هئي هرٽي اجاري،
هاءِ ويچاري وچ وڻن ۾،
ڏرتيءَ ڏانهن ڪين پڪاري،
ڳاڙهي رت جي دور ڏڳن ٽي،
ڊڪجي وئي هئي پياسي واري،
صبح وات ڪليا واڇوڙا،
اخبارن جون اٽپيون سرخيون،
ڪارو ڪاري، ڪارو ڪاري،
ڪارو ڪاري، ڪارو ڪاري.

## مغرور ستم جون انگڙايون!

تو بنان اوپرين،
مئہ جي ڍڪ ڍڪ جو قسم،
پيئڻ بہ پيئڻ ڪونهي،
جيئڻ بہ جيئڻ ڪونهي،
تنهنجي هٿ جو جام،
اک جي اوت، چپن جو مڌ،
تنهنجي جوانيءَ جو
چلڪندڙ رنگين شراب،
مغرور جسم جون انگڙايون،
جنهن ۾ شامل سؤ ادائون،
جڳ جڳ جياريو ڇڏين،
اڻ پيتو پياريو ڇڏين،
هونئن تہ پيئندا پيا اچون،
هن مئڪدي جي چت هيئان،
وقت ڪان،
اڪيلائيءَ جي غم ڪان،
تنهائيءَ جي ٻوسٽ ڪان،
منهن موڙيو بہ،
جيئندا پيا اچون،
نہ جيئندي بہ،
پر توسان جيئڻ ئي جيئڻ آهي،
توسان پيئڻ ئي پيئڻ آهي.

## وجودي اشتهار!

اُنهن جي دل ڪٿي آهي؟
اُنهن جي ديد ڪٿي آهي؟
اُنهن جو سفر ڪٿي آهي؟
اُنهن جي عيد ڪاٿي آ!

هجڻ جي نہ هجڻ جي،
ها هيءَ ڪهڙي ڪٿا آهي!
”حسن“ هيءَ شاعري تن جو
وجودي اشتهار آهي!

## توکي ياد ٻڌايان ويٺو!

توکي ياد ٻڌايان ويٺو.
توکي ياد سُڻايان ويٺو.
تون ئي لکي وٺ منهنجو لهجو.
توکي ياد لکايان ويٺو.
تون ئي ٻُڌي وٺ منهنجون ڳالهيون،
توکي ياد ٻڌايان ويٺو.

# ڏسان ڪوھ ڏيڍو!

ڪِٿان مان ڳُجاڙو؟
اگھاڙو اگھاڙو

دريا پار ديدون،
لڪن ڏانھن لاڙو

ڏسان ڪوھ ڏيڍو
ٻڏان ڪوھ ٻاڙو!

ھوا تي سفر جو
پريان روز پاڙو

متي مور سان ئي،
پکين سان ئي پاڙو

قريل ۽ قتيل سو
ھتان ڏوڙ ڏاڙو

رڳو درد دانھون،
رڳو روج راڙو!

## توبن آئون ناهيان!

توکي تہ آئون پانيان،
توکي تہ آئون لاهيان،

توسان پيو وڙهان ۾،
توکي ئي آئون چاهيان،

توکي ئي ويٺو ڏاهيان،
توکي ئي ويٺو ٺاهيان،

تُنهنجي ئي هوندي آهيان،
توبن تہ آئون ناهيان

## ملڪهٔ ترنم نورجهان!

ڪو نٿو سمجهي،
ڪو نٿو ڄاڻي،
هوءَ ڪٿي آهي؟
ڏُڌڙ جي ديس ۾ دونهين سامهون،
هُن اندر آئينو اجاري رکيو.
ڳُرن سان گفتگو هن جي هئي ڄمار سڄي،
سُرن سان روز پرپائين پئي سندو سينو
ڏُڌڙ جي ديس ۾، دونهين سامهون،
ڪلا جي جر سان اجارئين پئي رڳو آئينو.
حاڪمن حڪم ڪيا، بيهودي بڪواس ڪئي،
اندُن ٻوڙن پئي عجيب انگ اجاڙي ڏنا.
قدرتن ڪيئن تہ سُرن سان سلهاڙي ڏنا.
نور جي چانوڻ چپر هينان،
جسم هوا ۾ آواز بہ ٿو جڙي هن جو
هوءَ جا پنهنجي ئي آواز ۾ ويڙهي وئي،
زندگي هٿ جهلي هلي اڳتي،
واٽ پياري پلي هلي اڳتي،
آئون تنهنجو ئي ٿو رهڻ چاهيان،
دُنيا مون کان پلي هلي اڳتي،
ڳالهہ تنهنجي سچي سُڻان وينو
بات تنهنجي پلي هلي اڳتي،

مهانڊي مهڪ جي، شعر جي شڪل وانگي،
سرن جي صورت ڏئي پٽ تي پکيڙي وئي،
هُن نهاريو جو نون نغمن ڏي،
گيت جي گود ڇڻ تہ سائي ٿي،
هُن جو آواز پئي ڏڪيو هُن ۾،
هُن جو آواز پئي ٻُسيو هُن ۾،
هُن جو پئي پريو هُن ۾،
هُن جو آواز پئي ٺريو هُن ۾،
هُن جو آواز هو وُٺو ڪيڏو!
هن جي آواز ڳُنو ڪيڏو!
هوءَ جا آواز مان ئي جوڙي ويئي،
هوءَ جا آواز مان پکيڙي وئي،
هوءَ جا آواز مان ئي ميڙي وئي،
هوءَ جا آواز ۾ ئي ويڙهي وئي،
اجاريو هن پئي اکين سان.
تار ۽ ڦوڪ کي ترنم سان.
ٺاپ کي چا تہ هُن ڏني ٺڦڪي!
پنهنجي پرپور جوانيءَ جا هن ڏيئا ٻاريا.
هوءَ هجومن اڳيان نہ هُئي ڪڏهن هبڪي،
ڏڏڙ جي ديس ۾ دونهين سامهون،
ڪلا جي جَر سان اجاريائين پئي،
رڳو آئينو اجاري رکيائين.
ڳرن سان گفتگو هن جي هئي ڄمار سڄي،
سُرن سان زور پريائين پئي سندو سينو
هن نهاري جو نون نغمن ڏانهن ڏنو
گيت جي گود ڇڻ تہ سائي ٿي وئي!
بي شڪل کي بہ هن بخشيو چهرو
هن سوا موسيقي تنها ٿي ويئي،
وقت فرهاد هيو يا الائي پٿر هو
ڪئين نديون پنهنجي هٿن منجهہ ڪٽي بيني هئي،

ربط ۽ ضبط کي رکي دل ۾،
هوءَ تہ ڪومل ۽ تيور جي هٿان تاتي ويئي،
هن جون ڳايون پئي زماني جون ڳالهيون،
هوءَ جا پاڻ زماني ۾ ڳاتي ويئي،
بادشاهہ ايندا ۽ گذري ويندا،
هن جي حڪمراني تہ هميشہ قائم آهي،
دشمنيون رسمن جون ڏيجي ويندون،
دلبري دوست سدائين لئہ دائم آ،
ام ڪلثوم پڏوسون تہ ڪٿي هوندي هئي!
هن بہ صحرا جي سجي سيج سجائي سُر سان!
محل تخليق تي ۽ نوان سينگار جُڙيا،
ڪلا جي ڪنوار ازل مان پئي آئي سُر سان،
هوءَ تہ شيرين يقينن بہ ٻٽي بيني هئي،
نديءَ کي پنهنجي بدن منجهہ ڪٽي بيني هئي،
اڄ بہ آلاپ مان جسم تو جڙي هُن جو
هن جي مستي جو نئون موڙ نئين منزل هئي،
هن جي ڇاتيءَ جي اڇل هاءِ خدا تو ڇاتو!
هوءَ جا مهڪي پئي سدا صندل جي ڪاني وانگي،
گونجندڙ هن جو غزل هاءِ خدا تو ڇاتو!
ٻج تي ٻاجهہ ٻٽي موسيقيءَ هن کي ماڻيو
وقت ويران هيو آوازن آباد ڪيو
درد خوشبو کي اچي نيٺ ڳراتي پاتي،
شعلي شبنم کي اچي شوق ڏنو پيار ڪيو
هاڻ آواز سندس آهي ۽ اسين آهيون،
راڳ کي روڳ ڏئي ها هتان گذري ويئي،
زندگيءَ پڙڪو هو ڪاڏو اچي گنبذ تان،
پنهنجي آواز مان پرواز ڪري اڏري ويئي،
سدا ملڪ سدائين حسين هيءَ عورت،
مُلن جي گوڙ تي گونجي تہ سج تي اپري،
مجاز مينهن پچائي مٿي محبت جي،

نياز نينهن ۾ نسري ۽ نچ تي ايري،
جڏهن جوانيءَ جي جهولي ۾ هن جهونگاريو،
گل نهار وجهن، نيڻ هن سان ٽڪرايا،
نند مڪڙي جي وچي ڪُلي آخر.

ا.قصور ڇائي پنجاب جي عظيم گلوڪاره، جنهن دور حاضر ۾ ساز ۽ آواز جي دنيا تي حڪمراني ڪئي.
2. فلسطين جي انقلابي گائڪا، جنهن فلسطين جي آزادي لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون.

## منهنجي محبوبا!

آڌي رات اُٿي، توکي دُعا ٿو ڪريان،
توکي دعا ٿو ڪريان، پنهنجي موت مرين،
طبعي موت مرين، منهنجي محبوبا،
ساري رات ٻرين، منهنجي محبوبا،
ٻِي پونئپ ٺرين، منهنجي محبوبا،
ايندڙ ماڻهن کان وقت وصول ڪرين،
ٻيو ڪجھ ڪين ڪرين، منهنجي محبوبا.
لڙڪن کان بہ لڪي سارو شهر گهمين،
ٿڪن کان بہ ٺرين، منهنجي محبوبا،
توکي ايندو هي آخر ياد حسن،
ڳالهين منجھ ڳرين، منهنجي محبوبا،
آخر هڪڙي ڏينهن ٿيندئي خاتمو
اوندھ منجھ ٻرين، منهنجي محبوبا.

## چڏي ڏي تہ ماڻھو مزي سان مرن!

اکين جي تہ ڏاڪڻ آ،
جتان چڙھندو متي ماڻھو،
انڌي ديد تنھنجي آ عادت اِھا،
سدائين ڏسڻ جي تي ڪوشش ڪرين،
چڏي ڏي تہ ماڻھو مزي سان مرن،
چڏي ڏي ھوا ۾ انھن کي ترن،
ڪڏھن قافلن کي تون روڪيو چڏين،
ڪڏھن تون ھوائن کي توڪيو چڏين!

## هي ڏرتي آ ڏڪاڻن جي!

ڏکن جون ڏاڪڻيون آهن،
چون ٿا آسمانن ۾،
ستارن مٿي وڃڻ وارا،
هي ڏرتي آ ڏڪاڻن جي،
هي لڙڪن جون رسيون آهن،
گهڻئي مضبوط مون پڪڙيون،
مگر مون کان ڇڏائي ويون،
نڪو سر پير منهنجو آ،
خبر ناهي تہ ڇا پيو ٿئي،
ڪران پيو چوڻيلا آئون،
اُلٽو آسمانن ۾!

## غالب چو تہ ٿيان ٿو آئون!

اهڙا شعر لِکان ٿو پوءِ بہ،
مون کي گاريون روز پون ٿيون،
روز ملن ٿا پوندا مون کي،
چڙہن جا ڪيئن ڪوندا مون کي،
روز شراب پيان ٿو آئون،
غالب چو تہ ٿيان ٿو آئون،
مون کي ننڍڙا ٻار بہ آهن،
مون کي هڪڙي زال بہ آهي،
ٻيا ڪيئي يار بہ آهن!
هوءَ جا منهنجي سنگتياڻي آ،
پڙي کي ڦيرائي ويني،
آئون هن تي آهيان هري ويو
هوءَ مون کي هيرائي ويني!

## ميلو!

ميلي جي نہ اڱياڙي آهي،
ميلي جي نہ پڇاڙي آهي،
ميلو هر دم هوندو آهي،
ميلو پل پل ٿيندو آهي،
ميلي ۾ ئي مست ملن ٿا،
ميلو ڏاتر ڏيندو آهي!

## يار اوڏانهن هلو!

زندگي ۾ ضروري، جيت جي اوت ۾ آسرو،
ٿي متيءَ جو ذرو جيئڻ ڄڃ ان مان ڦتي،
سو تہ ٿيندو سلو خوشي آهي جتي ۽ وڏو ولولو،
يار اوڏانهن هلو، يار اوڏانهن هلو!

سانجهي سامهون سا تہ ناهي پري،
شام دونهون، مهاڙي جي گهر ۾ ٻري،
ٿا پچائن پکي، ٿا پچائن پلو
يار اوڏانهن هلو، يار اوڏانهن هلو!

پيار ٿئي ٿو جتي، ڇوڪرن جو ڇپر،
دل ٿئي ٿي جتي ڇوڪرين جو ڇلو
يار اوڏانهن هلو، يار اوڏانهن هلو!

هو حسين عورتون، جي نديءَ تي گهمن،
رات جون جت چڳون، ٿيون ستارا چُمن،
۽ مهاڻيون ٿيون مُرڪي پچائن پلو
يار اوڏانهن هلو، يار اوڏانهن هلو!

ماءُ جنهن جي ڪلي پئي ٽوپا ڏئي،
جت سدائين حسن پيو جوان ٿئي،
سا تہ ساهيڙي پلي، پاءُ جنهن جو پلو
يار اوڏانهن هلو، يار اوڏانهن هلو!

## حرم!

خليفو تہ ميلاپ جو متقي،
حسين عورتون جون نرم نازڪيون پٺي،
باريڪ ڪپڙي جي پردي پويان،
اُجهاٽيون ٻريون،
قطارن ۾ رقصان، هوا جون پريون هي،
لڏيون ۽ لميون پئي،
نڏين دائرن ۾، ڪندي ناچ ڪيئي،
خليفي جي سامهون،
جهڪيون ۽ نميون پئي،
پنيان دف بيٺي غلامن وڄايا،
سيئي ساز آواز سان پئي ملايا،
حسين عورتون جون حسين توليون هي،
خليفي دنيا ۾ ڪئي ڳوليون هي،
فارس جي شهرن جون مدهوش مڪڙيون،
ترڪيءَ جي ٽامي جي رنگت جيان،
ٻرندڙاڪين سان الهڙ اُپسرائون،
مصر جي بازار مان ڪئين خريديل قد آور،
خليفو جو تاريخ جي،
گهگهہ تاريڪ سرنگن منجهان،
مذهب جا موتي ٿو ميڙي سهيڙي،
۽ لبنان جي ڪنهن واري مان آندل،
هٿ جي هنر جيئن اُٽيل تابڪاري،
۽ جهنگلي گلن جي خوشبو سان واسيل،
حبشي حسينا جون بي باڪ لوڏون،
خليفو خدا جو هي نائب نمازي،
حورون بہ جنهن سان آهن صحبت ۾،
ملائڪ بہ جنهن پنهنجي خدائي هئي خلقي،

جيئري ئي جنت جنهن منجهہ وڇايل،
بلوري پيالن ۾ مئہ ارغواني،
سدائين پئي سجدا ڪيا آدميءَ کي،
هوائن پئي پر اُن کي هوريان جُهلايو
خليفي گذريل گهڙين کي پلايو
نئين سر جوانيءَ جي جُڳن کي کوليو
نئين سر بدن جي بهارن کي ڳوليو
هوائن پئي پردن کي هوريان جهلايو
نوان ليما جيڪي نپوڙيا نہ آهن،
سدا مست صوفن جون سونيون قطارون،
انگوري ولين جيئن چڙهندڙ جوانيون،
خليفي خزاني جون چابيون گهمايون،
سيئي بند تالا کن ۾ کلي ويا،
سڀئي کي سُئي مان ٽپائي ڏٺائين،
بدن ڪيئن اُڌيڙي سبائي ڏٺائين،
خليفو تہ ميلاپ جو متقي هو
جبل تي پري ڪِٿ جلي پئي جدائي،
حرم ۾ تہ موسم هلڻ جي گرم هئي،
رعيت سان گهتين ۾ هلي پئي جدائي،
سڄي رات فانوس روشن رهيا،
سڄي رات بيٺي حرم گنگايو
نشي ۾ خليفو سمهي نيٺ پيو آهي،
حرم پر سجايل اجان تائين آهي،
خليفي جي خوابن جي تاريخ گهري،
صفا گهگهہ تاريڪ سرنگن منجهان،
مذهب جا موتي ٿو ميڙي سهيڙي،
خليفو جو خوابن سان جاڳي نٿو
خليفو خدا سان پيو جهنگ جهيڙي!!

## ڪُجھ بہ نہ ڪجھ بہ نہ!

وڻ وڏا ايڏا وڏا،
هٿ ڪٽي توکان گھرن ٿا ڇا خدا؟
ڪجھ بہ نہ ڪجھ بہ نہ!
هي پکي ايڏا پکي،
اُڏرن سدائين ٿا متي،
ايڏو متي توکان گھرن ٿا ڇا خدا؟
ڪجھ بہ نہ، ڪجھ بہ نہ!
هيءَ هوا، تڪڙي هوا،
نچڻي سدا، ڊوڙي ڊُڪي،
هيڏانهن پڇي، هوڏانهن پڇي،
توکان گھري ٿي ڇا خدا؟
ڪجھ بہ نہ، ڪجھ بہ نہ!
اي خدا توکي سدائين مون ٻڌو،
ڇا تہ آهين تون خدا!!
ڪجھ بہ نہ، ڪجھ بہ نہ!

## هِڪ ديس ويو دفن ٿي!

هڪ ديس ويو دفن ٿي،
اُن جون ڳليون تہ ڳوليون،
در جو ڪڙو وڃايون،
دل جون دريون تہ کوليون،
هڪ قوم وئي زمين ۾،
جيڪا نہ ڪڏهن موٽي،
تو زندگي دفن ڪئي،
تو پنهنجي قبر کوٽي،
ماڻهو پيلي مري پئي،
تلوار آهي جيئري،
تلوار جي تکائي،
۽ ڌار آهي جيئري،
سوارن جي آسري تي
گهوڙا ٿي گهاٽجن ٿا،
ماڻهو مري وڃن ٿا،
نغمائي ڳائجن ٿا،
پنهنجي تہ سڄي طاقت،
دل ۾ ٿي دفن آهي،
جيئري بہ مئل ماڻهو
ڪپڙو بہ ڪفن آهي،
هن ڏال جي ڍڪڻ ۾،
ڪو ڏُک ٿي پريون اڄ،
بي شرم ڪڙم سارو
پوءِ خودڪشي ڪريون اڄ،
دنيا ڪٿي آ پهتي!
تو مون وطن وڃايو

جوتن جو هار ٽاهيو
۽ ڏوڙمنهن ۾ پايو
ڪاوڙ تہ جانور کي،
ڪيڏي آ جلدي ايندي،
توکي نہ شرم ايندو
غيرت بہ ڪائي ٿيندي!
هڪڙو بہ ڪوئي ڪونهي،
جيڪو خيال ڪوٿي،
هڪڙو بہ موتي ڪونهي،
جنهن لاءِ قوم موٿي،
مان تہ مان بہ ڦاٽان،
پنهنجوئي گهر جلائين،
پنهنجا ئي پير ڪاٽين،
اُٿندين ڪڏهن انڌا،
سڌين تڏهن سمائي،
هر ڀار ۾ ٻچو تو
آ قوم تو ڪهائي!!

## مُون کي الٽيون ٽيون اچن!

حڪومتي داہي جي لانگ هينان ليٽل،
جنرلن جي جوتن کي چنبڙيل ۽ چهٽيل،
نندي وڏي ملهہ ۾ وڏي واڪ وِڪِل،
پوڙهي وئيشا وانگيان ڪاڏل ۽ پيتل،
ڏارين اڳيان ڏوڙ ۾ پائين ليٽڙيون،
پنهنجن مٽان پر رهين سدائين سِيٽيل،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي اُلٽيون ٽيون اچن!

کهڙي گندي نالي ۾ مان پئدا ٿيو آهين،
مسڪين جي قوم کي ڳچي پيو آهين،
ماٺهن لاءِ مصيبت جهنجهٽ ٿيو آهين،
دشمنن جي پر وني بيهين تو پاڙيا!
دشمنن سان ئي تون گڏجي ويو آهين،
تنهنجو تہ وير هوئي سجو ويرين سان واڳيل،
ڏهين ڏينهن کان پوءِ تون ستل اُٿيو آهين،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي اُلٽيون ٽيون اچن!

نديءَ جي نيلاميءَ ۾ بيٺي چپ چٽيئي،
جنهن ڌرتي جو پاڻي پيين سو پاڻي وڪڻين،
جرڳن ۾ تو جڪ هٽين ۽ نياڻي وڪڻين،
وطن جي تون تو واڙي واڙي وڪڻين،
شهر وڪڻين، ڳوٺ وڪڻين در جي خاڪ،
وڻ ٽڻ ٻوٽو ٻکي ٻکڻ ڌرتي پاڪ وڪڻين،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي اُلٽيون ٽيون اچن!

## پاچا ڪن پيچو!

ماڻهن جو ماڪ ۾
پاچا ڪن پيچو
پيچو ڪندڙ پاڇي جو
ڪهڙو نالو آ؟
پاڇو ماڻهوءَ مان گذري وڃي ٿو
پاڇو ماڻهو کي اڳيان ڦري ٿو
ماڻهو پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ آهن،
ماڻهو مصيبت ۾ خوارين ۾ آهن،
پتن وانگي هٿن ۾
ماڻهو جهليل جڙ جوارين ۾ آهن.

# جهرڪيءَ جي چُهنب ۾

جهرڪيءَ جي چُهنب ۾،
ديس هڪڙو ڏاڻو ٿيو.

راڻن کي هارنگ ڪئين،
موملن کي آ ماڻو ٿيو.

وئي سسئي سهڪندي،
پنهل کان پچاڻو ٿيندو.

موملن جي مهڪ ۾،
نيت راڻو راڻو ٿيو.

## دِل وجي ٿي ڦاسندي!

حُسن جون حڪايتون،
عشق جون شڪايتون،
زندگي گهڙي گهڙي،
دل ٻُڪي جون عادتون،
حُسن جون وڪالتون،
دل وجي ٿي ڦاسندي،
ڏوم ڏوم ڏڙڪندي!

## سنڌ سازمان نڪتي!

سنڌ آواز مان آئي،
سنڌ ساز مان نڪتي،
مٽيءَ جي هي بوڙيندڙ،
ڪائنات ٻوليندڙ!
راز ڪيئي کوليندڙ
سنڌ ساز مان نڪتي،
سنڌ راز مان نڪتي،
سنڌ تي سلو اُپري،
ڪيترو ڀلو اُڀري!

## درد جي هُجومن ۾!

هيءُ کھاٽيءَ ناهي سا،
جا ڪتابن آ لکي،
هيءُ ڪٿا اُها آهي،
جا متيءَ آهي سڪي،
درد جي هجومن ۾،
دل اڳيان اڳيان آهي،
عشق جي مسيحا تي،
وقت چو پيو ڪاهي؟
يار تو وجي پنتي،
مان مگر اِتي آهيان!

## ڏُنڍ جي هُن ڳوٺ ۾!

ڏنڍ جي هُن ڳوٺ ۾،
وقت مقرر آ،
هُن سان ملڻ جو
هو گهوڙن ساڻ پٽي گڏجي گهڙيو،
چيچ ۾ تارو ٻه پائي ٿو سگهي!
سمنڊ جو پيانو وڄائي ٿو واهه جو
هو هوائن کي ٻه ڳائي ٿو سگهي!
سج جا ڪرٽا ٻه پاٽيءَ ۾ پيا،
چنڊ جو چوٿو ٻه مانيءَ ۾ مليو
جيڪو هن ڏاڏيءَ ۾ ڏٺو
ديس جيڪو هن کي نانيءَ ۾ مليو!

## نار جي نِسر ۾ چانديءَ جو چلو!

وقت جي رفتار ۾ آ زندگي،
گڏ هوندي ڏار ۾ آ زندگي،
هو اُڏامي ٿو پکيئڙن کان پڇي،
هيٺ چو ته جار ۾ آ زندگي،
کنڊرن ۾ هوا ڇي بينو جڏهن،
جهنگ جا پئي جانور خوش ٿي کليا،
رات جو هُن گِدڙن سان ڪئي ڪچهري،
ڏينهن جو ڪئين شينهن پئي هن سان مليا،
باغ ۾ هُن گُل سان ڪئي گفتگو،
مک ماکي جي مگر مصروف هئي،
يونئر پنهنجي منهن پئي پٽڪيو
ڏيڏرين پئي پاڻ ۾ سُس پس ڪئي،
لڳ جي موسم وٽن ڪي ويڙهيو
بادلن جا ديو ڪاوڙجي ويا،
ماڪوڙيون ٿي ميڙ آيون نم ڏي،
مينهن پوءِ گهاتا پهاڙن تي پيا،
رُڃ جو تجلو پيالي ۾ پيو
پٽ واريءَ جي وني پرتي پڳي،
وٽن هلڪي ننڊ ڪئي رات تي،
وقت جي ورهين پڄاڻان اک لڳي،
نار جي نسر ۾ چانديءَ جو چلو
مُشڪ جي خوشبو هرڻ جي دُن ۾،
ڏاند گاڏيءَ تي چڙهي پئي زندگي،
هن جاتو نيٺ خود کي هُن ۾!

# گيت آهي ديس وٽ هِڪ جيت جو!

باهه ۾ اوزار پئي گرم ٿيا،
ويڙهه ۾ ڪارا ڪنارا ٿي ويا،
ماڻهو ماڻهو سان ڪئي پئي دشمني،
ماڻهو ماڻهن جا سهارا ٿي ويا،
ديس ۾ ڪوڪو ڪري ڪاشگيري،
خواب ۾ رنگين رليون تو ڏسي،
اجرڪن جي پٽ تي ٿاڦڙجي،
جاڳ ۾ ويران ڳليون تو ڏسي،
ڪوريئڙي جي ڪرت وانگي،
ديس پنهنجي کي پيو اُڻندو رهي،
گيت آهي ديس وٽ هڪ جيت جو،
ٿئي شهپارو ڪو اگر سُڻندو رهي.

## گذر گاهه هُن جي پُراڻي گهٽي!

هوا مان لهي تو زمين تي اچي،
گذر گاهه هُن جي پراڻي گهٽي،
هوا تيل کي باهه ڏيندي ڏٺو
پراڻي قلف ۾ پئي چابي گهمي،
قلعي جي فصيلن تي لڙڪيل رسي،
قديمي ڪتابن جي هڪ اڳڪٿي،
صبح سان ڪنهن جي لهندڙ سسي،
جيڪا رات ڪمري ۾ بيٺي ڏڪي،
بلوري پيالي ۾ نڪتل اکيون،
ٻڏل ڏنڊ ۾ انڊ جو آئينو
اندر منجهه ويران خانو وڏيل،
رڳو جاءِ تلوار جي هئي بچي،
اچا جسم هڪڙو خالي رکيل!
انڌيري ۾ تاريخ بيٺي بڪيو
ڪتن ۾ ٻلن وقت کي پئي چڪيو،
مگر هوا اچانڪ اچي تو وچي،
مددگار ماڻهن جون ٽوليون اٿيون،
ڏسجن سمنڊ چا چا نہ چوليون رٿيون،
اتان ڪان ڪهاڻي شروع پئي ٿئي،
هوا مان لهي تو زمين تي اچي،
گذر گاهه هُن جي پراڻي گهٽي!

## سِڪي ٿو منهنجو موڳو من!

ڪُراڙو سُمنڊ هي ڪيڏو،
چِڪي ٿو منهنجو موڳو من.

ڪراچي تون پري ناهين،
گهِميل تنهنجي هوائن ۾،
ڪِياماڙي ڪِناري تي،
لِڪي ٿو منهنجو موڳو من،

سِرائڪي شاعري جهڙي،
هُوءَ جا چوڪري هئي سا،
هلي ويئي ديس پنهنجي ڏي،
سِڪي ٿو منهنجو موڳو من.

سوين ڦيرن ۾ گهيرن مان،
ٽُٽي ٻانهن منجهان آخر،
سدائين سار هُن جيءَ تي،
ٽڪي ٿو منهنجو موڳو من.

ڪراڙو سمنڊ هي ڪيڏو،
چِڪي ٿو منهنجو موڳو من.

## مان چانڊوڪي ٿو لکان!

چمپا جي وڻ هيٺان،
مان چانڊوڪي ڪي ٿو لکان!
هن ڏکياري ديس جون،
هُو هوائن جون پريُون،
ڏُور ڪنهن پرديس جي،
لوڪ موسيقيءَ جي ڌُن تي،
پيون نچن،
ڀوڙيو هَر هَر اچن،
مان بہ تِن سان گڏ نچان،
۽ گِيت ڪئي ٿو رچيان،
۽ ڦُول چٽيل ٿو چِٽيان،
هن ڏکياري ديس جي،
پيلي پيلي ويس تي،
پيلي پيلي ويس تي!

## ڏکي ديس جي هڪ ڳوٺاڻا!

اُس ۾ عاشقي،
مون ڪيتري آهي اُٽي،
هن ديس جي در در اڳيان،
آئون واٽن تي جڏهن وڪري ويس،
سار تنهنجي جا سوين ساوا پکي،
اوچتو آيا اُڏامي،
۽ اچي مونکي چُنبيا،
۽ عاشقي جي اگهاڙي اُپ ۾،
ڦڙ ڦڙ ڪندا ويا ڦهلجي،
دور تائين هن پٽيان پيچو ڪري،
هوا جا پر ڪٽن ٿا،
زندگي نوچن پٽن ٿا،
۽ منهنجي هڪ جيڏن جي جوانين کي،
۽ انهن جي محبوبائن جي نشانين کي،
شامُن جي ڳلن تي،
ڦُٽي پوندڙ چپن کي،
هُو اُجاڙيندا اچن پيا،
مُک مُهاندا،
پوسترن وانگي ڦاڙيندا اچن پيا،
۽ منهنجي نئين نسل جون،
مور جي رنگ جهڙيون،
سڀ اميدون،
۽ ٻبر جي ٻُور جهڙيون آهنسائون،
ٿهڪ ڏئي ٻارن پيا،
وڻ، پکي، ماڻهو ڳڏي مارن پيا،
۽ منهنجو ديس ننڍڙو ٻار ٻنجي،

روح منهنجي ۾ ڪري ٿو روڄ راڙو،
۽ آئون،
پنهنجي پيڙهيءَ جي نِرڙ جو پگهر بنجي،
در مٿان ٽپڪان پيو،
۽ پنهنجو پاڻ کي پيو پوڪيان،
هن ديس جي در در اڳيان،
هن ديس جي گهر گهر اڳيان!

## اها رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ!

اها رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ
هزارين قصا هي، هزارين ڪهاڻيون،
رات سنڌو ڪنارو بہ هئي،
ڪنهن ڪن قاڙ جوڳي ۽،
ڪنهن سامي ۽ سندو،
اُڇليل ادا ساڻ ڍارو بہ هئي،
۽ اِشارو بہ هُئي،
رات رانجهو بہ هُئي،
رات راڻو بہ هُئي،
رات مومل بہ هُئي،
رات ماڻو بہ هئي
رات بيينسر بہ هُئِي،
رات بولو بہ هُئي،
تون هوا ۾ لڏئين ۽،
رات جهولو بہ هُئِي،
اها رات جانان جو
تنهنجي وڳي جون،
زريون ۽ ستارا بنيا چنڊ تارا،
۽ تنهنجي اکين جي خمارن پنيان،
گلاب تڙيا ۽ پريون مشعلون،
انهي ۽ رات منجهہ،
تنهنجي جسم جي ڏيمن سُرن،
جواني آلاپي،
ڪنول گُنگُنايا،
وڻن جي تَنبُورن سمورن هيا.

نوان راڳ ڇيڙيا ٻيون ڪافيون،
نيون ٻي ڪسيون ۽ نيون عاشقيون،
اها رات جا ڪنهن شرابي جيان،
ڪڙ ڪڙائي ٿَڪِي ٿيڙ ڪائي جڏهن،
تنهنجي وارن جي ڪارين گهٽائن منجهہ،
گُم سُم ٿِي ويئي،
رِل مِل ٿِي ويئي،
اها رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ!!

## ننڍ جي پرديس ۾!

جاڳندي جانان سدائين،
قول تو چاڙهيان سنڌ ۾!
دلبري جي ديس ۾،
ڳهر ايندي ٿِي لڳو هو،
جڻ جلاوطن ٿيس،
ننڍ جي پرديس ۾.

## آئيني ۾ سُور جاڳي!

رات جي راڻي دريءَ ۾،
درد خوشبو کي سُجاڻي،
آئيني ۾ سور جاڳي،
۽ وڻن ۾ ٻور جاڳي،
درد جي ڪاشيگريءَ ۾،
مون ۾ توکي پاڻ ماڻي.

## ايڪٽيسي

سنجها جو هُو سيئي ڪولهي،
نري جا مٿ ڪولن تا،
عمر هُونئن اجائِي آ،
مگر سُرڪي سَجائِي آ،
سيئي لمحا لُٽائي هُو
گهڙين جا گهٽ ڪولن تا،
سجو ڏينهن هُو پنيون پارا،
وڏيرن جا ڦريل تارا،
مگر پهچي پيالن وٽ،
ڳچين مان ڳٽ ڪولن تا،
صدين جا درد ڳائن تا،
نشي ۾ سڀ ٻڌائين تا،
پراڻا عشق اوري هُو،
فراقيل ڦٽ ڪولن تا،
۽ آڌيءَ جو سيئي سُرندا،
وجي پنهنجي ڪکن ڪرندا.

## شاعريءَ جي ديس ۾!

زندگي جي ساز تي،
موت جي گنڀير ڏن،
سڀ سڻندا تا رهن،
۽ ازل خاني منجهان،
موھ ۽ ماڻا مڙيئي،
درد جا پيالا پکي،
چاھ چڻندا تا رهن،
شاعريءَ جي ديس ۾،
وارتا جي ويس ۾،
سارجا ساوا پکي،
عِشق اڏندا تا رهن.

# حواري (1) بومدين

باغ جا درخت سمورا،
تاري تاري بومدين،
ڪير آهي ڪالهہ جهڙو
ڪير آ ڊيگال (2) جهڙو
اڄ تہ پئرس جي گهٽين ۾،
سارتر (3) پڻ ڪونہ آ،
ڪير جو ساڪي ٿئي،
۽ زهر ۾ ماڪي ٿئي،
الجزائر ايترو ناهي پري،
جيترو تون دور آهين ديس کان،
موت جي هن آسماني ديس،
۽ سموري عرب ۾،
اڄ تہ موسي ۽ محمد
ياسر (4) عرفات کي ڇا ٿا چون،
وچ ۾ ڪنهنجي پون،
هر ڪنهن کي، پنهنجي پنهنجي درد جي نبوت ملي
ڪير ٿو خالي وري خيما ڪري
ڪير ٿو درويش (5) جون نظمون ٻُڌي
هُن قذافيءَ جون اکيون آهن ڀنل،
سڄي تاريخ جي ڇاتي ڇنل،
ڇا انهيءَ جو توڙ آهي؟
او حواري بومدين
او حواري بومدين!

---

1.الجزائر جو سابق صدر
2. فرانس جو سابق صدر
3. فرانس جو مشهور اديب
4. فلسطين جو انقلابي اڳواڻ
5. فلسطين جو مشهور شاعر

## محبوبا!

تون ڪنهن لوڪ گيت جي سٽ جيئن،
منهنجي چپن تي آئينءَ
مون ۾ وئينءَ گهلي،
تون ڪنهن آبشار جيئن،
مون ۾ روز ٽي ڪرنديں رهين،
رات جا تارا ڳڻيندي،
مون موسم جا پير پڪڙيا،
۽ ان کي روڪيو،
اوچتو آئينءَ ڪٿان تون،
مون ۾ پاڙ کي پوکي وئينءَ!
آئون اڄ سڪل وڻ تي،
اڪيلي آکيري وانگي،
۽ سمورو ديس آهي،
شام جهڙو غم،
تون جهنگليءَ پکيءَ جهڙي،
مون ۾ وئينءَ لکي،
تون زندگي جهڙي،
مون کي ويجهڙي آهين،
۽ مون تي،
موت جيان ڇانيل تي رهين.

## اسانجو عشق!

اسانجو عشق هي آخر،
غُلامي کي ٽڏي وجهندو،
اسان کي چونڊ آ ڪرڻي تہ،
پنهنجو پيار ڪيئن هوندو؟
اسانجي محبتن جو
مُک مهانڊو ڪيئن هجڻ گهرجي،
اسان کي هن هوا تي،
پير ڏئي ۽ ڪيئن هلڻ گهرجي،
اسانجو سور چا آهي،
انهي کي ڪيئن سلڻ گهرجي،
اسين پنهنجي وچوڙن جي بہ،
ڪريون وارثي ويهي،
اسين پنهنجي ملڻ جي،
مالڪي بہ خود ڪريون ٻيهي،
اها مرضي اسانجي آ،
اسين ڪيئن ٿا ملڻ چاهيون،
رُسڻ تي ڪيئن ٿا روئون،
۽ خوش ٿي ڪيئن کلڻ چاهيون،
اسين پنهنجي محبت جي،
سدا نرمل نشانين کي،
پلي مهنگو ڪري پانيون،
پلي سستو ڪري سمجهون،
اسين پنهنجي حياتين جا،
ڪريون تہ فيصلا ڪهڙا،
اسين پنهنجي ستارن جون،
اکيون ڪيئن ٿا ڏکڻ چاهيون،

اسين پنھنجي اُداسين جون،
ڳليون ڪيئن ٿا گھمڻ چاھيون.
دريا جي ڪپر تي ڪوئي،
ڪري ڪو دل لڳي،
ڪٿي ڪنھن باغ ۾،
ڪنھن بئنچ تي ويھي،
ملائي ھٿ ٿو ٻئي،
پريان بازار مان،
محبوب کي ياڪر ۾ پيري نڪري،
ڪناري سمنڊ جي،
پنھنجي سڄڻ جا زلف سلجھائي!
انھيءَ جو حق اسان کي ھٽ
سڄو حاصل ھجڻ گھرجي.

# خانم گگوش

خانم گگوش جي تصوير جي
فريم ۾،
جتي جي سرحدن ۾ جواني منع آهي.
تاريخ جي سگريٽ کي،
تيليءَ چميو ته،
وقت ڌُکي پيو
۽ هڪ ڊگهي ڪش ۾،
درد جو سرمئي دونهون،
هوا ۾ اُڏرندو ويو
خميني تون هڪ قلي وانگر،
پنهنجي قبر جي ايش ٽري ۾،
بي معنيٰ ٿي ڇڻي پوندين
گگوش جي اکين ۾،
هڪ ڪربلا چرڪ کائي جاڳي اٿي،
۽ خوابن جا حُسين،
پنهنجي قتل جي بي واجبيءَ تي،
هر يزيد
هر خميني جو ابدي موت اورانگهي
من جي نين موسمن جا،
نوان عنوان بنجي ويا!
درد جي هن پراڻي ڍنڍ تي،
ڏيهي ۽ پرڏيهي پکي،
جڏهن گڏجي اُڏرندا،
۽ چتي اُس ۾ به،
پکين جو هڪ ڪکر،
ڍنڍ تي ڇانورو ٿيندو.

تہ ڪروڙين چوڪرا ۽
چوڪريون،
جوانيءَ جي تاريءَ تي،
زندگيءَ جي چيلهہ ۾ ٻانهون
وجهي،
مسلسل ٺمڪ ڏيندا.
۽ انهن ٺمڪن ۾،
گگوش سدائين جوان رهندي.

## چئو پيلا رات جي روبرو ٿيندينءَ!

شام جو تارو عروج تي آهي،
تُون اجان ڪنهن سان گفتگو ٿيندينءَ
سانجهه جو ڪڏهن سرنگون ٿيندينءِ
چئو پيلا رات جي روبرو ٿيندينءِ!
زندگيءَ ۾ زوال هوندو آ،
سامهون هر هر سوال هوندو آ،
جاڳندئين، جيئندئين ۽ جواب ٿيندئين،
گفتگو هن جي، تون گلاب ٿيندئين.

## مرٽو پرٽو ماڻهو سان آ!

ٻاٽ انڌيري منجهہ ٻليءَ جي،
اک ڏسي ٿي جيئن پکيءَ کي،
تيئن تڪن ۽ ٽاڙن ٿا هو
هر پرديسي پاريهر کي،
آڳ نہ سمجهي ٻي ڪا ٻولي،
گفتگو پر ڪي ڪا ٻہ نہ گولي،
ساڙن جي ساڙي ويندي،
جي آهي ڪا ٻي جر کي،
ڪونڊيءَ جا گُل لت لڳڻ سان.
ٻارن جيئنءَ مرجهائي ويندا،
آٿت ڪانہ اگڙ کي ايندي،
دل نہ ڏتاري سگهندي در کي،
ماڻهو آهي جيئرو مرٽو
ان ڪان پوءِ ٻيو ڪجهہ نہ ورٽو
مرٽو پرٽو ماڻهوءَ سان آ.
گهاءُ ڪندا چا خالي گهر کي!

## تو سِواءِ آهي اجائي شاعري

جهنگلن مان شهر ۾ اينديون اکيون،
قيامتون هر قوم تان گذري ويون،
توکي لفظن ۾ گهڙي مون قيد ڪيو،
وقت کان ڪيئن عورتون وسري ويون!
ڪنڊرن مان مون ڪنئي هئي زندگي،
تون اُگهاڙي ٿيئنءَ ته مون دنيا ڏني،
چاهتن جا باغ پيئي جهوميا لُڏيا،
مون جڏهن توکي ڏني پهرين مٺي!
ٿر سڄو آ ٽڪي مون ۾ ستو،
مون پهاڙن تي سڄائي شاعري،
گيت پئي تنهنجي گليءَ ۾ ڪيئن رُنا،
تو سواءِ آهي اجائي شاعري.

# اڪ جي ماڪي نٿو لاهي سگهان!

اڪ جي ماڪي نٿو لاهي سگهان،
ڏنڊ تي آئون اڪيلو پيو گهمان،

ديوتا چوريون پجائي ٿو وڃي!
نم جا پاوا تہ ها ٽڙڪي پيا،
ڪٿ تي تنها حياتي هئي ستي،
مون چيو مون ساڻ هوءَ ملندي اچي،
اڪ جي ماڪي نٿو لاهي سگهان،
ڏنڊ تي آئون اڪيلو پيو گهُمان،

ديوتا چوڙيون پجائي ٿو وڃي!
طلمسي زندان ۾ جتي قيد ٿيون،
جهنگلن مان ڊوڙنديون آيون ننگيون،
ڏور شهرن ۾ وڃي آباد ٿيون،
هاڻ مان ڏيئي آسرو ڪنهن لاءِ اُٿان،
ڏنڊ تي آئون اڪيلو پيو گهمان.

## جڏي هي جواني!

نہ ڪورڪوع آ نڪو ڪوئي سجدو
اوهين بس پڙهو وجي جنازي نمازون!
ملان پنهنجي ماني آ تنهنجي ٻچيءَ ۾،
جڏي هيءَ جواني آ تنهنجي ٻچيءَ ۾،
مدرسي ۾ ويهي وڏا ڪيڏ ڪيڏين،
۽ ريالن رواني آ تنهنجي ٻچيءَ ۾.

## سوين پيادا سپاهي قافيا!

پني جي پاٽي پٽ ميدان تي،
تون پيو وڙهين،
لفظن جو وڏو لشڪر لتل آهي،
سٽن ۾ صف بندي جن جي،
سوين پيادا سپاهي قافيا،
رت تي آهن رديف سڀ ڪڙا،
تصور جون تلوارون ڪئين،
خيالن جا خنجر جن وٽ،
قلم ۾ مس هيءَ آهي،
مثل ڪنهن خون جي!

# هي ديس مُون لاءِ آهي ڏُوربيني!

شاعر! هي ديس آهي مون لاءِ دوربيني،
جنهن مان ڏسي سگهان ٿو دنيا سڄي سموري،
ڪنهن جهنگ ۾ هرڻ جي پويان ڊڪي پيو چيتو
۽ وڻ مٿان پکيءَ جي خاموش آ خدائي،
پئرس جي ڪنهن گهر ۾ ماڻهو سُتو پيو آ.
۽ پراگ جي گهٽيءَ ۾ جاڳي پئي جدائي،
جوئا گهرن ۾ جوئاري غمناڪ بي سبب ها،
بحري جهاز هاٽي پرتي هليو ويو هو
تصوير ڪي برش سان تڪميل ڪنهن ڏني پئي،
وائلن جي وڄي وڄي ۽ پاڻهي سمهي پيو هو
هڪ ڇوڪري صوفن جي باغ ۾ گهمي پئي،
هڪ شخص ٻار سان گڏ گرجا گهر ويو پئي،
هڪ هنڌ مينهن گهاتو جبلن مٿان وُٺو پئي.

## مُحبت!

محبت، جانورن ۾ لڳ جي موسم جيان،
انسان ۾ وحشي ايامن جا،
سيئي اُدما اُٿاري ٿي،
تو ڪئي مون سان محبت،
مون ڪئي توسان محبت،
پاڻ سا ڪئي ڪنهن محبت،
پاڻ ڪئي ڪنهن سان محبت،
اوير جي سامهون ٿو اولهه اچي،
ڏکڻ جي سامهون آهي اُتر،
اِهائي محبت،
باهه جي گولي جيان،
چئني طرف گهمندي رهي ٿي،
چپ ڪارا،
چاڪ دل جمندي رهي ٿي،
مرد جي مرد سان،
عورتن جي عورتن سان،
۽ عورت سان مرد جي،
جبل جي غار ڪي ننگا جسم روشن رکن ٿا،
جهنگ گهاٽي ۾، وڻن هيٺان محبت، نسل انساني،
۽ پگهر ۾ شم ڪنهن مرد جيئن،
محسوس ٿيندڙ هيءَ محبت،
ڊارون ۽ فرائيڊ جي فڪر جي روشنيءَ ۾،
تنترا ۽ ڪاما سوترا جي ڪهاڻين ۽ قصن ۾،
محبت حسن جي گهري سمندر ۾ تري،
آخر ڪناري تي مزي سان آ سُتي،
محبت ساحلن تي آ ڪڙي عورت جيان،
اجنتا ۽ الورا جي مورتين ۾،
مندرن جي مجسمن ۾،

ڌرمي ڪتابن ۾،
حور ۽ غلمان جي خود سپردگي،
نانگ جي چپ تي رکيل،
ڪٽڪ جي داڻي جيان،
آدم ۽ حوا جي دلپذيري،
گم ٿيل جنتن جي تلاش ۾،
گهمن ٿا اڄ بہ جوڙا.
۽ چراغ جو ڏکو هڪ سلسلو ٻرندو رهي ٿو
محبت ٿامي جي اک مان ڳوڙهي جيان،
ڳل تي اچي ڳالهيون ڪري ٿي،
محبت تنهائيءَ جي ميز تي،
ميڻ بتيءَ جيئن ٻري ٿي،
چراغن جو ڏکو لوڪ سلسلو ٻرندو رهي ٿو.
ڪا ڪٿا ناهي مقدس،
هي ڪٿا پڻ عام آهي،
زندگيءَ جي ذهن ۾،
ٻارڙي جي خيال جهڙي،
سادڙي صفا سولي،
شهر جي ڪنهن چوڪ تي،
ساحلن جي رش ۾،
ڪنهن پيري بازار ۾،
يا ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾،
چئي ٿا سگهون،
تو ڪئي مون سان محبت،
مون ڪئي تو سان محبت،
ڪنهن ڪئي ڪنهن سان محبت،
جنهن ڪئي جنهن سان محبت،
تنهن ڪئي تنهن سان محبت!

## جي تون منھنجي ڳالھ سمجھين!

ھڪ ڪلو ماکيءَ لاءِ،
چاليھ لک گلن کي،
ماکيءَ جون مکيون،
چمن چوسن ٿيون!
ھڪ ڪلو ماکيءَ لاءِ،
ماکيءَ جون مکيون،
ايڏو اُڏامن ٿيون،
چار چڪر دُنيا جا،
ڏئي ٿا سگھجن!
محنت محبت کي،
چمي ۽ جرڪي،
سورج مکڙين جون،
اکڙيون ٿو کولي،
واڊو ڪتولي کي،
نڪي ۽ ٺاھي،
رازو سڏي پٽ تي،
پٽيون بيھاري،
عورت ھڪڙي مرد سان،
وينئي عشق ڪري،
ٽيبل تي ڪا ميڻ بتي،
ٻارن لاءِ ٻري،
دنيا سھڻي دنيا آ،
جنھن ۾ ھر ڪو جيوَ ٿو،
رھيل خيال پري،
ھر ڪو پنھنجي ڪرت ۽
ڪوشش ۾ آھي،
ھر ڪو پنھنجي چرپر ۾،

چانڊوڪي آهي،
جي تون منهنجي سولي هيءَ،
ڳالهہ سچي سمجهين،
مون سان پيار ڪرين،
مون کي پيار ڪرين!

## صحرا جي دل ۾ آخر ڇا آهي!

صحرا جو سينو
صحرا جو ڏڙڪو
صحرا جي دل ۾،
آخر ڇا آهي؟

وڃايل قطارون،
پراڻيون صندوقون،
خيمي جو ڪپڙو
ماڻهوءَ جي ڇاڙي،
لالچ جو موتي،
صحرا جي دل ۾،
آخر ڇا آهي؟

هڪڙو زمانو
اڳتي ۽ پنتي،
ڏينهن جو چورئُن،
راتين جون پورئُن،
لمحن جا سڙيل،
سُڪي ويل ڳترا،
خشڪيءَ جي ڪاوڙ
صحرا جي دل ۾،
آخر ڇا آهي؟

هوا جون گهنڊڙيون،
سرگوشيون پتيون،
طلسم جو پاڻي،
ڳجهن جون ڇُنهبون،

ڪارو لامارو،
صحرا جي دل ۾،
آخر ڇا آهي؟

عورتن جون ساروڻ،
ٻارن جي چنتا،
باغن جون سوچون،
پڳهر جون نهرون،
تتل تمنا،
پيرن جو ورثو،
صحرا جي دل ۾،
آخر ڇا آهي؟

صحرا تجليءَ جو ڀريل پيالو آ،
صحرا سرابن جي هڪ حقيقت آ،
صحرا گرم رت کي چوسيندي آهي،
صحرا هڏن کي تحفظ ڏيندي آ،
صحرا صبح ويلي سوچيندي آ،
صحرا ٻنهيرن جو خدا جي اک آ،
صحرا سڄي رات هڪ عورت مِثل هوندي آ،
صحرا چوي ٿو مون کي ڪو سمجهي،
صحرا جي دل ۾،
آخر ڇا آهي؟

## دل تان چٽر ناهي چڱي!

ويڙهي لفافي ۾ وري،
اڄ پان جو پن موڪليئي،
دل تان چٽر ناهي چڱي،
او سنگدل تنهنجي ڳلي،
موتيي گلابن جي ڪلي،
وسندي پٽر ناهي چڱي،
سورج مکي چهرو هجي،
۽ تو مٿان پهرو هجي،
اهڙي گهڙيءَ کي ڇا ڪجي؟
هن زهر کي ڪيئن اوتجي؟
هن وهه ڳڙيءَ کي ڇا ڪجي؟
تنهنجيون ڪڪوريل ڪارڙيون،
اکڙيون سجاتيون ساحلن،
سي گهنڊ گهورن ڪاوڙيل،
ڪلهه رات ڳائيون ساحلن،
سائي ٻبر کي ٻک پئي،
آئون وجهي دانهون ڪريان،
پيلي ٻبر جي ٻور مان،
پيو ٻڪ مان هاريان پريان،
هي شور ڇا جو آ تيو
تون ئي تہ پئي مون ۾ ڇُپين،
دل جي ڪليسا گهنڊ ۾،
اڌ رات جو ۽ اوچتو
اي درد ڪجهہ هيڪي اچو
منڙي سُتي آ ننڊ ۾،
اڄ بہ ڪٽي هن راهہ تي،
ڏي لت منهنجي لڙڪ تي،

رک پير منهنجي آھ تي،
هيئن ڪونہ شل مرجهائجي،
جيئن دل وڃائجي ڪومائجي،
ٽڪرا هزارين ٿي بہ پئي،
تنهنجي ڳليءَ ۾ ڳائجي.

# عشق آ پکي وانگي!

سانوري اونهاري جو،
رات جو قدم تنهنجا،
لان ۾ لٿا آهن،
سرنگون گلابن ۾،
ٽيڪيا اکيان تنهنجي،
موتين مٿا آهن!
آسمان اُجرو آ،
رات جو ستارن جي،
پاڻ ۾ ڪچهري آ،
هيٺ هوءَ ستي آ،
جاڳندڙ جوانيءَ کي،
ننڊ ڇا ته گهري آ،
تون ڏڪڻ ڏي ڏس ڪٽي،
سامهون اچي ٿي پئي،
لاڙڪان لڙي آهي،
واءَ جو ٽڏيڙو آ،
گهم مان گهمي آيو
هوءَ اُتي ڪڙي آهي،
عشق آ پکيءَ وانگي،
تو مٿان لٿو آهي!
جسم لام وانگر آ،
عشق پياڪ وانگر آ،
پيار مئه پراڻي جڻ،
جسم جام وانگر آ،
تون ڪلي رهي آهين،
ڇُڳهہ ڳل تنهنجي ۾،

مرڪندي پوي ٿو پيو.
تون ملي رهين آهين،
تون تہ ماڪي آهين،
ڇُگهہ چا چوي ٿو پيو؟
سونهن جي تہ معنيٰ چا،
سونهن جو مطلب چا،
سونهن ڪين مقصد آ،
سونهن نہ مقامي آهي،
سونهن عالمي آهي،
عشق سونهن جو ڪم آ،
عشق سونهن جو مطلب آ،
عشق ئي مترجم آ.
وِلهہ آ در تي ڪڙي،
زور سان سهڪي پئي،
پاڻ پئي سهڪون پيا،
صندل جون ڪاٺيون،
باهہ ۾ ٻرن پيون،
پاڻ ٻئي مهڪون پيا،
هيل چا پوي پارو،
هيل تنهنجي ياڪرن،
ڄڻ ٻکن جي دُنيا آ،
هيل چا ڳڙو وسندو،
گرمي گذارڻ جي،
دوزخن جي دُنيا آ،
رات آ ڊسمبر جي،
ڄڻ گلاس ۾ ووڊڪا،
آڳ آ بخاري ۾،
جسم تنهنجي جو ڪمبل،
ڪيترو نہ ڪوسو آ،
سخت هن سياري ۾،

چاندني ڊسمبر جي،
باغ ۾ ڏکي تي پئي،
تون مگر ڏکي ناهين،
رات جا ٺري تي پئي،
مان اڃان ٺران ٿو پيو
تون اڃان ٿڪي ناهين،
تون اڱار سگريءَ ۾،
جي نہ جسم ٻاريندينءَ،
ٺپ مان ٺري ويندس،
آڳ ئي حياتي آ،
آڳ کان سواءِ جانان،
مفت مان مري ويندس!
شام جو لڙي پاڇا،
اي ٽُلسي وڄن ٿا پيا،
رات جو ستارن کي،
مون ڏکيو تڪيو آهي،
ننڊ کانئہ آئي آ،
آر جو تڪو آواز،
سُئيءَ جيئن چُڀيو آهي،
سانت تي سوائي آ،
ساڱئي هنڌان جانان،
هڪ مگ ڪافيءَ جو
پاڻ ٻيئي پيئون گڏجي،
سيءَ ۾ ستل پرسان،
ننڊ ۾ الڳ آهيون،
جاڳندي جيئن گڏجي،
حُسن ۾ وجهي ليمون،
پاڻ ٻيئي پيون ٿا پيون،
زندگي ڪٿي آهي،
تون ڀلي اُها ناهين،

مان پلي اُھو ناھيان،
زندگي تہ ساڳي آ،
رنگ جي بدلجي ويو
روپ جي ويو متجي،
آرسي تہ ساڳي آ،
عشق ۾ ٽڪو ناھيان،
واپسي بہ ممڪن ھئي،
پيار بہ پليو ناھي،
مان اڃان اُتي آھيان،
سچ ڪي نہ گرھڻ آ،
چند بہ جھيٽو ناھي،
مون چيو "سڄاڻين ٿي؟"
ھن چيو "مليل آھين."
مون چيو "پلي آھين"!
ڇا اِھا حقيقت آ،
مون چيو، مجازن ۾،
تون رڳو رُلي آھين."
سامھون آھيون وينا،
فاصلو نٿو ڪٽجي،
فاصلو ڪٿي آھي،
جسم ۾ جواني آ،
مان سچو ڏسان ٿو پيو،
زلزلو ڪٿي آھي،
باغ ۾ ڏسي پوپٽ،
مون چيو مجازن ۾،
پيار ڪي وٺان پڪڙي،
مھڪ آ وڏو ماري،
گفتگو گلابن جي،
جيءَ آ وڏو جڪڙي،

## عاشق ناهي نڪمو غالب!

عاشق ناهي نڪمو غالب!
عشق نڪمو ناهي ڪندو
نمڪ حرام نڪما ڪيئي،
سرڪاري هٿ نوڪر آهن،
ڪوڙا جيڪي تاش جا پتا،
جوٺا آهن جوڪر آهن،
جُوتي جي هر نوڪ اڳيان،
هو نوڪر ٽيندا نوڪر آهن،
عشق نہ آيو تن جي واڙي،
واڙي چا نہ اوڙي پاڙي،
هڪڙا مهيني دار نڪما،
هڪڙا ڏوڪڙ ڪٽڻ ڏهاڙي،
سي سڀ غالب عاشق ناهن،
ها پر سڀ نڪما آهن!

## اسانجي ننڊ قتل ٿي!

اسانجي ننڊ قتل ٿي جنهن نموني وري،
اسانجا خواب وري خون خون ٿيا آهن،
وري سمهي نہ سگهياسين صديون ٿيون آهن،
اسانجا پيار مُئا اڌ ۾ پيا آهن.

پگها ويا هڏ، متان کو اُٿي نچي جهومي،
ڪپي زبان وئي جيئن نہ ڪو ڪنجهي ڪُرڪي،
زخم زخم جو بدن تي سهارو آهي بنيل،
ٻڪن جا ٻُڪ متان، لوڻ کو پيو ٻُرڪي.

رڳو سزا جي هن سموري سفرنامي ۾،
اسان سان آهي عقوبت ۽ ٻي سختي آهي،
ذلالتن جي هن زندان جي اسيرن کي،
ملي جي روشني ۾ تہ بس رڳو بدبختي آهي.

اسانجا لاش لڪي جبل ۾ ۾ ڳجهون کائن،
پلي غسل نہ ملي قيمتي ڪفن نہ ٿئي،
پلي نہ آخري ديدار لاءِ اچي ڪوئي،
۽ اعزاز سان دُنيا ۾ پل دفن نہ ٿئي.

## عشق جو نچي نڪتو!

ناماراد دُنيا جي،
هن ڪنورڙ پٽ مان،
عشق ئي بچي نڪتو.

عشق جنهن ٻڏا گنگهرو،
عشق جنهن ٻڏيون چيريون،
عشق جو نچي نڪتو.

ماٺ جي مينهوڳيءَ ۾،
زندگي پُسي،
آخر لفظ ڪي ڪيو سجدو،
هن زمين خاليءَ تي،
وقت بيئنل جي مٿان،
آدمي اچي نڪتو.

شام جو شرابي دل،
شام جي خرابي دل،
شام جو بي تابي دل،
سج پيالي ۾ لٿو،
جوٽ ڪنهنجيءَ تي مٿو،
ڪونہ ڪورچي نڪتو!

## منهنجي دُنيا

منهنجي دنيا آ تنهنجي دل تائين،
منهنجي دُنيا آ تنهنجيون ٻئي اکڙيون،
تنهنجي اکڙين ۾ جي نهاريان ٿو
سمنڊ ساري تي آئون سوچيان ٿو
هوندي سمنڊ ۾ پوي ٿي پئي،
منهنجي پرسان اچي ٻولي ٿي پئي
تون تہ صحرا منجهان ڊڪيو آهين،
چنڊ واريءَ اندر ستو هوندو،
تون تہ واري مٿان جهڪيو آهين،
هي جو شيراز ٿو اچي آڏو،
عشق ترڪي منجهان مٿيو آهي،
روس جتي سخت برفباريءَ ۾،
مون ڪٿي وقت ڪيئن ڪٽيو آهي،
ڏينهن جو شينهن ڪيئن ستو هوندو!
شور لنڊن جو ٿيو جهڪو هوندو،
آئون پئرس جي ڪنهن ڪمري ۾،
گگهہ اوندهہ ڪِري سُتو هوندس،
ننڊ جي نيٺ ايفل ٽاور تان،
مان ستارن ڏي اُڏرندو ويندس،
جت خدا خيال ٿو رکي پنهنجا،
۽ ازل جي سرد تهہ خاني ۾،
ساري ڪائنات جون پيل چاٻيون،
تنهنجي دل جو بند بہ تالو هي،
خواب پنهنجي سان نيٺ کوليان ٿو
تنهنجيون اکڙيون ٻئي سچي دُنيا،
منهنجي دُنيا آ تنهنجون ٻئي اکڙيون،
منهنجي دُنيا آ تنهنجي دل تائين.

## مُقدر!

رات ساري ڪو،
تنهنجي ڪُلهي مٿان،
پنهنجو سرڙو رکي،
رات ڪاري ڪٽي،
پورِ مقدر ڪٽي!

## عشق امانت لاءِ ڪڙو آ!

خوشبو سا هر هير سجاڳ،
عشق امانت لاءِ ڪڙو آ،
منڪر، ناڻ، نڪير سجاڳ.

پنهنجي پٺ آ پيرن واري،
پنهنجا اڳ امير سجاڳ.

پيان لاڳون اس پاڳل ڪو،
حسن درس فقير سجاڳ.

## روئينا

قبائلي تصور ۾،
ھُن کي ڪنهن گهر ۾،
سموري عمر لاءِ،
لڪائي پيو سگهجي،
قبائلي تصور ۾،
وني نانءُ ھُن جو،
وڙهي پيا سگهن،
قبائلي تصور ۾،
ھي جي حسن جي،
بياني ڪتابن جا،
سڀ سلسلا ھُوندا،
ساڙيا وڃن ھا،
اُھو ئي تصور،
جو عورت کي پردي جي پوياں بيهاري،
دليري شجاعت جي،
ڪاري ڪهاڻي،
لکڻ لئِہ اُتي ٿوا!
مگر ھوءَ حسينا،
سيئي سخت رستا،
ڇڏي جوءِ جرڳا،
پشاور ۾ پهتي تہ،
ازل جي ڪنهن آزاد سهڻي تصور،
پهاڙي حسن کي،
حقيقت ملي وئي،
اسان ھن کي سمجهڻ گهريو،
۽ تصور ۾،

اسان جي اڳيان هوءَ،
چشمي ۾ تبديل ٿيندي وئي،
اسان پئي ڏٺو ءِ،
رڳو مُرڪ هڪڙيءَ جي ننڍڙيءَ وٿي سان،
وري چيل جي وڻ ۾ تبديل ٿي وئي،
ڪڏهن صبح ٿي وئي،
ڪڏهن شام ٿي وئي،
ڪڏهن خاص ٿي وئي،
ڪڏهن عام ٿي وئي!
ڪڏهن هُن هوائن جون خشڪيون پئي آنديون،
ڪڏهن هن پهاڙن ۾ رستو پئي ناهيو
ڪڏهن هن نديءَ کي وهڻ ۾ مدد ڪئي،
ڪڏهن ٺهڪ ڏئي هن پئي تاريون نمايون،
ڪڏهن هُن پئي بادام جو وڻ جهڪايو
اُهائي حسينا پهاڙي پناٽي،
انهيءَ جي ڪهاٽي،
نڪو ڇيھ جنهن جو
نہ جنهن جي پڄاٽي،
اُنهيءَ کان بہ اڳتي اسانجي تصور،
پئي پوڄيو بُتن کي،
انهيءَ کان بہ اڳتي اسان کي حقيقت ۾،
هُن جي اکين جو سچو موھ گهرجي،
جبل سپ جهاڳي پهاڙن ۾ پهچون،
هن جي حُسن جو سچو روھ گهرجي!

## سڄو سڄ لهندي لڳن ۾ لڏيو هوا!

اُهو جنهن کي اڏڙوت عورت اڳيئي،
ليمي جيان چڻ نپوڙي وڌو هو
وڏيل صوف وانگي بدن کي ورهائي،
چئون ڪيئن تہ سُهڻين سان ئي سڌو هو
مگر اُس مان هئي جُڙيل جا جواني،
سڄو سڄ لهندي لڳن ۾ لڏيو هو
ڪٽي پيار جا ڪيئي پيرا فضا ۾،
پڪيءَ جيئن هو ساندهہ هوا ۾ اُڏيو هو
رڳو عورتن کي بہ چاتيون ناهن،
رڳو عورتن جي ڳچي ناهي گوري،
هجڻ لاءِ تہ محبت وري پوءِ بہ ٿوري،
اها ڳالهہ جيڪا آ ساري حقيقت،
تصور ۾ آئي تہ طوفان ٿي وئي،
جتي زندگيءَ خود بہ مهمان ٿي وئي،
اُتي جت ها ڳالهين، ڳليون ڳوٺ ناهيا.
وڃي اُت وصالن جدائين سان جوٽيو
محبت جي گيتن جي سوڙهين گهٽين ۾،
وڃي هو جي نڪتو تہ واپس نہ موٽيو
چون ٿا تہ اُن رات برسات پئي هئي،
ڪنوڻ جا بہ گهوڙا پئي هٽڪيا هوا ۾،
ستل ٻار بستر ۾ پيشاپ ڪيو پئي،
انڌيرو گهٽيءَ ۾ گهليو ويو پئي،
اُنهيءَ رات هن کي سوير هو سمهڻو
هوائن جي ڏاڪڻ مٿان پير ڏيئي،
ستارن کي اوڏو ٿيڻ منجهہ چاهي،
اُهو جنهن کي ساحل بہ منزل لڳو هو

ڪنارن تي بيهي پري ڏُڪ پُر تي،
سجو سمنڊ آخر پيئڻ منجهه چاهي،
جسم جي ڪشش ڪي آ پنهنجو فسانو
۽ جنسي مزي جي آ پنهنجي ڪهاڻي،
سوين لذتن جي سپن سلسلن جو
نڪو ڇيهه آهي، نہ ڪائي پڄاڻي.

# شڪاري

دونالين بندوقون پري چا سگهي ٿو،
پکين کي شڪاري ڪري چا سگهي ٿو
پلي هي وڏيرا ڪري چاپلوسي،
شڪارن بهاني چٽن بوٽ ڪارا.
هي پنهنجن پيارن پکين لاءِ،
ٻين ساڻ گڏجي ٿين مفت مارا.
پر هي پکين کي اُجهائي سگهن ٿا،
تتر ڪيترن کي وسائي سگهن ٿا.
مگر هي وطن جا پيا وڻ وڍائن،
هوائن ۾ ڪيئن ڪو اڏي آشيانا!
پکي پنهنجا آنا، نسل ڪيئن بچائن!
پکين کي شڪاري نہ سگهندو ڪٽائي،
مگر وڻن جي اڻ هوند ماري سگهي ٿي.

## دل ۾ دولت!

جيءَ جو جوڀن، جيءَ جي جواني،
پيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟

ڳاڙهي ڳالهہ ۽ ويڙهيل سيڙهيل،
نيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟

عشق سندي آزادي ايڏي،
اسيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟

درس حسن وٽ دل ۾ دولت،
فقيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟

## ٿُنهنجي صُورت صاحب سُهڻي!

ويرانن ۾ وجهہ وصل جو
جاني ڇو تہ جدائي جاني!
همدم هي غم دل ۾ دهڪي،
منهنجي سُر ۽ ساهہ ۾ سهڪي،
منهنجو من پيو مهڪي ڇهڪي،
هاءِ هجر جي ڪٽڪ لٽي آ.
حد حساب نہ فيض فصل جو
تنهنجي خاص خدائي جاني،
امرت ڏارا عشق الاهي،
هڪڙو سهڪو ۽ بي ساهي،
من مندر ۾ مورت ناهي،
ٿُنهنجي صورت صاحب سُهڻي،
منهنجي عشق تہ آهي اصل جو،
توئي ڳالهہ ڀڏائي جاني.

## وهيءَ ڪي وهاڻو ڪپي عشق جو!

وهيءَ ڪي وهاڻو ڪپي عشق جو
چڙهي جڙ جبل جي مان چوٽي اچان،
پيان ڪير تازو ڏڌل مينهن جو
ڪراڙن سان ڪانيون ڪچهري ڪريان،
جيئڻ لاءِ جاڳڻ جا آهن جتن،
پرينءَ سان گڏ ننڊ گهري ڪريان،
سدا سيبتو منهنجو گهوڙو رهي،
پرينءَ کان نہ ڪڏهين وڇوڙو رهي.

## رهجي ويل پن چڙ!

چا تنهنجي ڪک منجهان،
ڪوئي موتيو مهڪندو،
يا چنبيلي ول ڦٽي مهڪار ٽيندي،
چا اها رهجي ويل پن چڙ،
اسانجي پيار سان سهڪار ٽيندي،
چنبيلي پيلي رُت منجهان،
ڪجهہ پل،
تنهنجي تڙپ ۾ رهجي ويا،
۽ تون منهنجي اکڙين ۾،
بظاهر،
هزارين موسمن جا،
رنگ سانڍي پئي هلين!

## اکر ۾ هڪ ڇٽو آهي!

اُپي نيري اڱيان وچبو.
تہ ڇاتي نوڪ تي پوندي،
نهارين دل منجهان جيڪر،
نظر پئي لوڪ تي پوندي،
انهن اڻ ڇاڻ اهڃاڻن،
سوين پيرا تہ سمجهايس،
هزارين عورتن جي،
هوالائي چو نٿو سمجهي،
ڪري ٿو سڌ سهٽين جي،
اکر ۾ هڪ ڇٽو آهي،
الائي چو گهٽو آهي.

## الوداع الوداع!

مان، شام غم، تنها تنها،
هن جي انتظار ۾،
ٻڏندڙ سج ڏي،
اُڏرندڙ پکي،
لڏندڙ هٽ،
الوداع الوداع!
اڪيلائيءَ جو ڪو نوحو
ڪو درديلو نغمو
پرجي آيل گلو
منهنجي اجهل جذبن ڪري،
اکين ۾ تري آيل لڙڪ.
هن جي انتظار ۾،
ڏِگها ٿي تاڻجي ويل پل،
گذرندڙ لمحن ڏي،
جدائيءَ جي سرحدن ڏي،
خاموشيءَ ۾،
مان ڦڪي مرڪ.
ٿڪل ٿهڪ.
هوا جي آواره سيٽيءَ جيئن،
منهنجي بي قرار من جي بانسري،
اميد جي ڪا سرگوشي،
منهنجي مضطرب روح جو آواز.
ڪا رڙ ڪائي ڪوڪ، ڪو پڙلاءُ،
هن جي واپس اچڻ تائين،
مان، شام غم، تنها تنها،
هن جي انتظار ۾،
ٻڏندڙ سج ڏي،
اُڏرندڙ پکي،
لڏندڙ هٽ،
الوداع الوداع!

# گل گلابي توجيان!

منهنجي رت ۾،
گل گلابي توجيان،
مهڪندا ٿا رهن،
سار تنهنجي، سندا سوجهرا،
سُر سوين،
۽ جهنگلي سوئرن جهڙا،
ڪئين نظم،
منهنجي سيني ۾،
سهڪندا ٿا رهن،
منهنجي سپنن ۾ سمهي پوڻ کان پوءِ،
منهنجي تن بدن ۾،
ڪيترا وڻ ٿي ڦُٽا،
۽ آئون پاڻ ۾،
ڪيترو گهاتو ٿيس!
جنهنگل جيان!
ڪيترين پن ڇڻ،
پنهنجا اگهاڙا پير،
مون ۾ پلجي ويون،
۽ ڪيئن بهارون،
پنهنجا ويس وڳا،
مون ۾ لاهي ويون هليون،
۽ اڄ به منهنجي ٻانهن جا،
ڏار ٻيرن جا،
ٻهڪندا ٿا رهن.

## حامله عورت ڏي هڪ خط!

پيار منهنجي جون هزارين بارشون،
توتي وٺيون،
۽ تون،
آلي مٽي جي سڳنڌ سرهاڻ تي،
ساهه منهنجي کي پئي اُتساهه ڏين،
پنهنجي ڏينهن جي پرپل ڪٽليءَ منجهان،
اُس جون ڪڙيون پياليون،
مون ننڊيون سُرڪون پري پيتيون،
۽ پنهنجي بدن جي بي چين ٻپهرن ۾،
مون پنهنجا جهڙ جهڙالا هٿ،
سدائين لاءِ رکيا،
جمي ويل برف،
۽ اڪيلائيءَ ۾،
پنهنجي ٻانهن ۾ پرپل آڳ سان،
تنهنجي دردن کي رهيس پگهرائيندو!

## درد جي ديوار تي!

تنهنجي منهنجي،
ساري دنيا جي جواني،
ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون،
آهن ڏکي،
سڄ ٿورو سوچ تون!

درد جي ديوار تي،
ڪئين ڪروڙين مک مهانڊا،
پيا ٽڙن ڪومائجن،
ڦول جڻ سورج مکي،
سمنڊ ٿورو سوچ تون!

چپ لوساٽيل اسان جا،
واءَ ٿورو سوچ تون!

نوجوانيءَ جا بدن،
ڪيترا آهن سگها،
ڪيترا لچڪن پيا،
ميگهه ٿورو سوچ تون!

## روز منهنجي رُوح ۾!

روز منهنجي رُوح ۾،
ڪيئن ڪبوتر ٿا لهن!
روز هنجي پاڪرن جي،
سوڙهي چار ۾،
هنجي چپن جا رنگ،
تنهنجي ڳاڙهي شراب سان ڳڏي،
پي ٿو چڙيان،
۽ پوءِ منهنجي رت سان،
ڪئي،
چتر ٿا نهن!

## پر ماڻهو تنها ٿلڪي پيو!

هڪ شخص عمر پر سوچيندو
هو گرم هوائون صحرا جون،
جي مون کي ساڙي ڪين سگهيون،
اڄ آئون جلان پيو اوندهه ۾،
جڻ سج لهي پيو سيني ۾،
هڪ شخص عمر پر سوچيندو
هي ٻارنهن سال حياتيءَ جا،
جي عمر قيد جيئڻ مون ڪاٽيا،
هو پيار ٻه جڻ ڪو پٿر هو
جنهن کي مون هٿن سان ويهي گهڙيو
۽ تنهن کي ويهي سجدو ڪيو
پر بُت ۾ آخر ساهه نه پيو
هڪ شخص عمر پر سوچيندو رهيو
هن غم جو ڪارڻ ڇا آهي؟
هيءَ دل جا مُور مجي ئي نٿي،
هي هر هر سارڻ ڇا آهي؟
۽ خود کي ٻئي جي خيالن ۾،
هي ٻوڙڻ تارڻ ڇا آهي؟
هڪ شخص عمر پر سوچيندو رهيو
هي ساحل ڇا ڇا چئي سگهندا،
هي جو ٻه وڇايم وڻ وڻ ۾،
سي منظر واپس ڏئي سگهندا،
هن غم جو ڪاٿو ڪو ڪونهي،
هي درد ندين ۾ ڇُلڪي پيو،
هن ساحل تي آ رش وڏي،
پر ماڻهو تنها ٿلڪي پيو.

## ڪير ڪنهنجي لاءِ رُڪي!

رات جي گهوڙي جڙي،
چاندني در تي ڪڙي،
هڻ جوانيءَ کي اڙي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي،

رات جي گهوڙي تڪي!
زندگي جنهن مان سڪي،
ڪڏهن متي ڪنهن جي لڪي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي،

رات جي گهوڙي ڪڏي!
تخت ۽ تختو لڏي،
ڏوڙ ڏڙڪي ۽ اُڏي،
رات جي گهوڙي ڀڄي!
وقت واڇوڙو وڄي،
پير پيو هر ڪو ڪڄي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي!

## مگر پاڻ کي لوھ لوھ چئو!

الڳ ٿي اندر کان ھلائج ھينئون،
سنھي تند ساھن جي سوري ھري،
اُٽي پٽ آخر قلب جو ڪينئون،
الڳ ٿي اکين کي نھارج نظر،
انڌيري ۾ اُتساھ ٿي، ٿي ھلي،
اِھا ديد دل جي تہ بيت البصر،
ڀٽو ٿي ڀڏڻ ۾ ڪنائج ڪڙيون،
مٺن جون مٺايون، زبانون زھر،
تڪائون تلسي دلاسا تڙيون،
وڏو ٿي وڏن کان ننڍو واڪ ڏج،
سڄڻ لاءِ سھايون سميٽي سيئي،
ڪڙي اُس ۾ چانوَ تڏڪار تج،
نڏو ٿي نڏن کان صفا پٽ پئو،
اچي نيٺ پارس اُجاري وڏئي،
مگر پاڻ کي لوھ جو لوھ چئو.

## جوڳي بين بجاوي!

آنک پرندہ، نیند پرون پر،
جيون درو اُڑاوي،
تيري گائون مين سانپ هي سويا،
جوگي بين بجاوي!
تو آوي نا آوي سيان،
جوگي بين بجاوي!

تو آوي نا آوي ساجن،
دور سُلگتي لکڙي صندل.
خوشبو چين چُر اوي،
ڪُنوين پاس کڙي اڪ ناري،
پايان پاني پاوي،
تو آوي نا آوي پريتم،
جوگي بين بجاوي!
تو آوي نا آوي گوتم،
جوگي بين بجاوي!

چندرما ڪو چين نهين هئي،
مورامن گهبرا اوي،
پر پر روز ڪٽورا ڪِشتہ،
ايڪ فقيري يي آوي،
تو آوي نا آوي رانجهو
جوگي بين بجاوي،
تو آوي نا آوي رمتا،
جوگي بين بجاوي!

دل ڪِي ڪُتيا جاڳ رهي تي،
اُسڪو ڪون سُلاوي!
درس فقير تو جاڳ رها هي،
دنيا آوي، جاوي!
تو آوي نا آوي تلسي،
جوگي بين بجاوي.

# حسن حيرتن ۾ حياتي سموري!

جلڻ ڪاڻ جوڳين جتائون وتايون
۽ ڪيڏي ڪتر ساڻ چوٽيون ڪٽايون
پرين ڪاڻ پنهنجون ٽي پاڙو پٽايون
رڳن جي رسي ۾ ٻڏي جو رڪيائون
عدم آدمي ۾ وڏي جو رڪيائون
اتي نياز نئين سر طلب ٽي وڃي
حسن حسرتن ۾ حياتي سموري
سڄو قيد خانو قلب ٽي وڃي.

## ننڊ ڪي اونڌو تگيندو ٿو رهان

تون نہ ڄاڻين ٿي
تہ تنهنجي موھ جون مُرليون
منهنجي تن بدن مان
وٺ ڪائي
ڪيئن ٿيون ورلاپ ڪن
تون نہ ڄاڻين ٿي
تہ منهنجي دل اندر
ڏک جو جهنگل ڪيترو گهاٽو ٿيندو پيو وڃي
۽ درد جون گهاٽيون وليون
منهنجن رڳن ۾ ڪيئن نہ وچڙن پيون
۽ تنهنجي گليءَ ۾
پير منهنجا ڪيئن ڇڙن پيا
رات ٿيندي ئي مان اکين ۾
ننڊ ڪي اونڌو تگيندو ٿو رهان.

# ڪا بہ ڪويتا اُجري ناهي

ڪا بہ ڪويتا اُجري ناهي
من بہ هڪڙي گهٽي آهي،
تنهن ۾ ڪجهہ ميراڻ تہ هوندي،
روز فرشتا، شيطانن جي ٻانهن ۾،
گهَري جڻ تہ گناهن جا ڪا ننڊ جتي
اوجاڳيل مينار مٿان ڪنهن مسجد جا
رکوالا گرجا گهر جا وڄندڙ گهنڊ جتي
هونئن بہ ميرو رنگ مٽيءَ جو
پنهنجو گهر ۽ پنهنجي گهٽيءَ جو
۽ تنهن سوڙهي گهٽيءَ ۾
لٽ چڙهي وئي آ لفظن تي
گند گناهن جا هن ڪيڏا اُڇلايل
ڪير اُنهن کي ڦوڪي ٿاهي
ڪا بہ ڪويتا اُجري ناهي.

# هُن شخص جو ذڪر

هُن شخص جو ذڪر ضرور ڪجي
جيڪو مري ويو آ.
مگر سندس مُرڪَ
اسان جي چپن تي جيئري آهي
موهن جي دڙي ڪان وٺي
توهان سيني تائين.
جيڪڏهن پيرا ڪٽبا تہ شام تي ويندي
ضروري آ ان پيار جو ذڪر بہ ڪجي
جيڪو اجان ٿيندو-
۽ اهي وڻَ بہ، جيڪي ڦُٽا آهن
ڀوڏي جو ذڪر بہ ڪجي
چنڊ جو بہ،
۽ اُن ڇوڪري جو بہ،
جيڪا ٻيني ٻيني ڳُل تي وئي،
سُهائي راتين ۾،
ڪير ننڊ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو هوندو!
سپنا ڪهڙيءَ ڪنڌيءَ تي لٿا هوندا!!
۽ ڪهڙي بدن جي مياڻ ۾
تاريخ جي تلوار جاڳي هوندي...
ها! انهن سيني جو ذڪر بہ ڪجي...
مگر آخر ۾!
هُن شخص جو ذڪر ضرور ڪجي
جنهن کي زماني ڀاراٽي ڪتاب جيان
وساري ڇڏيو آهي.
جنهن ڌرتي ڪيڙي،
تماڪ چڪيو

عورت سان همبستري ڪئي
۽ سجو ڏينهن
درياءَ ۾ مڇيون ماريون
اُهو جيڪو متيءَ تي ڊُڪيو
وڻن ۾ جهاتيون پاتائين
ماڻهن جي اندر ۾
ڪاهي پيو.
۽ آخر
پنهنجي وطن ۾ وڃائجي ويو.

## بي مثل

توکي تاريخ جي تلوار جي تکي ڌار کي
پنهنجي هٿ سان ڇهڻ جي فرصت ناهي
هي تہ جڙ عشق سان چرچو آ، ٺٺولي آهي
توکي ماڻهن جي محبت سان محبت ناهي
تون تہ قاتل جي صفا اصل کان واقف ناهين
تون جلادن جي نئين نسل کان واقف ناهين
جن جا خَنجر تہ سدائين کان اجارا آهن
جن جون پيڙهيون ئي رڳو خون جون پياسون آهن
مون کي مڪليءَ ۾ مدفون شهيدن جو قسم
وقت گمنام سپاهيءَ جي مُندي گم ٿيل آهي
جيڪا هر چور جي چيچ ۾ پوري ٿي اچي
اڄ جو سرڪس ۾ هنن سان وڃين پئي تون پي
پنهنجي هر پيري رَسِي اڌ ۾ ٽُٽي پئي آهي
پاڻ ڪنهن پيري بہ هُن پار نہ پهتا آهيون
پاڻ واڳن جي پٽيل واتن ۾ ڪريا آهيون
اڄ جڏهن سڀ شڪستن ۾ دٻيا پيا آهيون
تون هنن جي ئي جشن فتح ۾ ويٺي آهين
اڻ وٽيا گيت اُبهرا پئي ٻُڌين ڪن لائي
توکي مخدوم بلاول جي مٽي ياد پوي
توکي شل پنهنجو وطن پنهنجي گهٽي ياد پوي

## تون جا پاڙ پڪيءَ جهڙن آن

تون جا پاڙ پڪي جهڙن آن
لڪي شاهه صدر تي لهندينءَ
مُهراڻي جي ماٿ مَٿيندينءَ
دونهين ڏنڌ منجهان ونءُ ويندينءَ
گونگي شام جبل ۾ گڏبينءَ
ٿڪي شاهه صدر تي لهندينءَ
وارياسي جا وَٽ اُڏامن
تنهنجي پوبان پَٽ اُڏامن
آخر ڪيڏانهن اڳتي ويندينءَ
يڪي شاهه صدر تي لهندينءَ
سارو هي سنسار اڳيان آ
ڪارو ڪارونيار اڳيان آ
دل ۾ خوف ورائي ويندينءَ
ڏڪي شاهه صدر تي لهندينءَ
نہ ڪو سج سجاول لهندينءَ
نہ ڪو ٿَر ڏي ئي تون ٿيندينءَ
نہ ڪو ڪاڇي ڏي گهمندينءَ
پڪي شاهه صدر تي لهندينءَ.

# نياپو

ويڙهي لفافي ۾ وري
اڄ پان جو پن موڪليئي
دل تي چٽر ناهي ڇڏّي
او سنگدل تنهنجي ڳلي
موتئي، گلابن جي ڳلي
وسندي پٽر ناهي ڇڏّي.
سورج مُکي چهرو هجي
۽ سڄ وانگر مان هجان
۽ تو مٿان پهرو هجي
اهڙيءَ گهڙي ڪي چا ڪجي
تنهنجون ڪڪوريل ڪارٽيون
اکڙيون سجاتيون ساحلن
سي گهُنڊ، گهورون ڪاوڙيل
ڪلهہ رات ڳاتيون ساحلن
هي سور چا جو آ ٽيو.
تون ئي تہ پئي مون ۾ وڃين
دل جي ڪليسا گهنڊ ۾
اڌ رات جو ۽ اوچتو
اي درد ڪجهہ هَبڪِي اچو
منڙي سُتي آ ننڊ ۾
ائين ڪونہ شل مرجهائجي
جيئن دل وڃي ڪومائِبي
ٽڪرا هزارين ٿي نہ پئي
تنهنجي ڳليءَ ۾ ڳائبي.

# لڪ لڪوٽي

دل ٿي چاهي تو مان ڪيڏون
لڪ لڪوٽي.
نم جي وڻ جي ڇانگ ٽئي تي
ڏارن هيٺان ٻار لڪن ٿا.
ٻارن سان گڏ ٻاراٽا هي
پنهنجا ننڍڙا پيارا لڪن ٿا.
لاتون منهنجي ور ۾ آهي
ڏور تہ توکي ڦيرائي ڏي.
ڪانگ وٽن تي وينا آهن
جَهڪَ پنن کي ڪيرائي ٿي.
ڪاڙهي ۾ سپ ڇانوَ ڇُپايا
اُس ڪيڏي پئي اک پکين جي
تون بہ ٻُڌين پئي نند پکين جي
تو لئہ وڻ تان ٽُوٽ پٽيان ٿو
جهوليءَ ۾ تون هيٺ جهپين ٿي.
آئون توکي هٿ ڏيان ٿو
ٽپ ڏئي تون اَڏَ ٽِپين ٿي.
ٻنهپرن جو ٻَگهہ اچا بہ
گڏ ڏٻي تي بينا آهن
مالهي ويو آ ماني کائڻ
تنهائي پئي باغ سنيالي
اچو تہ گڏجي چِڪلِي پيون
چِڪلِي پايون پير گسايون
پير گسايون، ڦيريون پايون
ڦيريون پايون، لڱ لسايون
لڱ لسايون، پاڪر پايون.

هاٿي لڪ لڪوتي کمڙي
پيار هٿان جو پڪڙيا آهيون
وڻ جي هيٺان ويٺا آهيون
اچو تہ ٻئي ٿا راند ڪريون
اچو تہ گڏڙيءَ کي پرٽايون.

# فيصلو

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي
تن سان توکي هلڻو پوندو
ساهه سِسِيءَ مان نڪتو يا نہ
چُپ چوي پئي اڇٽا آهن
رت جي ليڪ لڪل جي پرسان
بيٺا آهن بڇڙا آهن
ڳوڙهن ڳالھ نہ ڪيئي جن جي
تن سان توکي هلڻو پوندو
ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي . . .
موٽيا ناهن جيڪي ماڻهو
پنهنجي گهر ۾ گهاٽ وٽان
واپس آهن ٿيٽا جيڪي
وقت وصل ۾ واٽ وٽان
پڙڪيل آڳ اڳي ئي جن جي
تن سان توکي هلڻو پوندو
ماڻهو جيڪي پنهنجي من جي
مٽيءَ ۾ مدفون ٿيا
جاڳ بہ جن جي جيئري ناهي
خواب بہ جن جا خُون ٿيا
پريت قندي ۾ پيئي جن جي
تن سان توکي هلڻو پوندو
ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي
تن سان توکي هلڻو پوندو.

# ڪرين تون اشارو

ڪٿي ڪائنات جو آهي ڪنارو
ڪرين تون اشارو
تہ آئون اچان.
پهاڙن جو پاسو وڻن جي وچان
جتي تون چوين آئون جانان اچان
ستارن جي سُس پُس بہ سمجهان پيو
مگر ننڊ ۾ آنديءَ جو ڪنارو
ڪرين تون اشارو
تہ آئون اچان.
تنهنجي بدن تي سِڪيو مون نظم
پکيءَ جي پرن تي لِکيو مون نظم
ستم سرد موسم جيان ٿو اچي
پورڻ ڪين گهر جي پني تي ڪو پارو
ڪرين تون اشارو
تہ آئون اچان.
جڏهن جنگ منهنجي جيءَ ۾ لڳي
فڪر جي مگر فوج ناهي ڀڳي
اجان تائين آهي ارادو اٽل
سُجهي ڪين مون کي محبت جو مارو
ڪرين تون اشارو
تہ آئون اچان.

## تون نہ آهين

تون نہ آهين
تون نہ آهين
تون ڪٿي پي ڪونہ آهين
تب اکيون پُوري پَٽي
ماڪ مکڙين تي چُمي
پرهہ جي پاڳل هوا
ڪيئن نياپا ڪُنڊ ۾ آهن پيا.
۽ خطن جا لفظ ٽيبل تي پيا آهن ٽُٽا
ڪاغذن تي
معنويت
بي معنويت جو بار آهي
بستري تي ٿَڪُ آهي
چڻ صدين جا هڏ جيڪي
پيا اُتي ساهي پَٽِن
۽ اکين ۾ گهر آهي.
دور تائين هڪ تاري ڪانسواءِ
ٻيو ڪوبہ ڪونهي
تون نہ آهين
تون نہ آهين
تون ڪٿي پي ڪونہ آهين.
ٻنهپرن جي ٻَکن ۾ ڪير آهي
"هڪ" ڪونهي ڪو لکن ۾ ڪير آهي
سج جي روشن گهٽيءَ ۾ رش آهي
چهرو چهري تي پوي ٿو چانوَ تي
"اڄ ويجهو" ڪو چوي ٿو چانوَ تي
پاڇو پاڇي کي ورايو پيو وڃي

دور کي نزديڪ ٿيندا پيا وڃن
هڪ ٻئي مان پار ٿيندا پيا وڃن
مان مگر محسوس ٿو پيو ڪجهہ ڪريان
خيال جو خنجر اچيو مون کي لڳي.
تون نہ آهين
تون نہ آهين
تون ڪٿي بہ ڪونہ آهين.
جام ۾ بدنام جِيوَن جو نشو
راهہ تي بي نام پيرن جا نشان
منزلن تي ڪو مهانگو موهہ آهي
زندگيءَ ۾ آسرو ئي ڏوهہ آهي
سمنڊ ۾ ڇولين سندي ڇڪتان آ
ساحلن تي انتظاري، ڇاڻ آ
چؤطرف خالي پٽو آهي ڪليل
تون نہ آهين
تون نہ آهين
تون ڪٿي بہ ڪونہ آهين.

# ٽي منظر

هُن جي اندر ۾ ڪئي ڦٽڪن مڇيون پيون
هُو جو ملاح وينو گھوري زمين کي
هُن جي اندر ۾ پنهنجي ڪورَڇُ آ هنيون.
ڪوٽي زمين کي ۽ پُوري زمين کي
۽ دُور هُو مهاڻي هوريان هلي پئي
هُوءَ ڪالهہ جنهن هڪڙو ٻار آ ڄڻيو
هُوءَ جا هِنن ڏينهن ۾ ماري نہ ٿي مڇيون
ها پر هُن مڇين لاءِ هڪ چار آ ڄڻيو
سارين جي پوک مان اوپر نہ ٿي اچي.
پاڻي دُٻي مٿان آڙي اڏي وئي
مون سوچيو تہ مون تي ڪوئي پکي لٿو
مون جي ڏٺو تہ وڻ جي ٽاري لڏي وئي
هيءُ ديس بہ آ تنهنجي يادن جيان جڙيل
ديدار تنهنجو ٿيو ۽ سانجهي ٻڏي وئي.

## ازل ابد

جڏهن عشق پائي اچي اجرڪون
جڏهن پيار پائي اچي ٻانڌڻو
جڏهن پونءِ پريل رليءَ جيئن لڳي
سڄو ديس تنهنجي ڳليءَ جيئن لڳي
جڏهن چوٽ تان چند تارا تڪي
دريا ساڻ گڏجي ڪنارا ڳڻن
جڏهن گج سارو ڪري گفتگو
چُنيءَ تي سمورا ستارا لهن
جڏهن ماڪ مکڙيون چَپن جون چمي
خدا جي خدائي تي خوشبو وجي.
جڏهن موتيو گهُورَ گهُورَي ڏسي
پَتي اک ۾ اک پُوري ڏسي
تڏهن مان ٿو سمجهان تہ منهنجي متي
ازل کان اسين ٻئي گڏوگڏ آهيون
وڇائجي نہ جيڪو سگهي ٿو وطن ۾
اسين هڪٻئي لاءِ اهو سڏ آهيون.

## شهر مٽيءَ لاءِ هڪ نظم

دڙي مٿان مان هيٺ ڏسان ٿو
شهر مٽيءَ کي
شهر ڪتابن وانگر آهي
ورقن بابن وانگر آهي
گهٽيءَ گهٽيءَ جي سٽ الڳ آ
گيتن جو ماحول بہ پنهنجو
چانڊوڪي ۾ چيٽ الڳ آ
هر ماڻهو جو موهہ الڳ آ
رستو رستو ريت جدا آ
هر در پوبان درد الڳ آ
هر پاڙي جي پريت جدا آ
شهر ڪتابن وانگر آهن
ورقن بابن وانگر آهن
پني پني تي اٿلايو مون
واپس تن کي ورجايو مون
تن مان هڪڙو نانءُ ڇُهان ٿو
جڻ تہ مٽي تي شام ڊِڪي مون
جڻ تہ ٿڌو ڪو ٿانءُ ڇُهان ٿو
ڳولي ڳولي نيٺ ڏسان ٿو
شهر مٽيءَ کي
دڙي مٿان مان هيٺ ڏسان ٿو
شهر مٽيءَ کي.

## انڌي ديدَ تنھنجي آ عادت اِھاڍ

انڌي ديدَ تنھنجي آ عادت اِھا
سدائين ڏسڻ جي ٿي ڪوشش ڪرين
ڇڏي ڏي تہ ماڻھو مزي سان مرن
ڇڏي ڏي ھوا ۾ انھن کي ترن
ڪڏھن قافلن کي تون روڪيو ڇڏين
ڪڏھن تون ھوائن کي ٽوڪيو ڇڏين
ماڻھن کي انسان ٿيڻو نہ آ
ماڻھو ڪرسچن ئي ٿيندا پيا
ماڻھو مسلمان ٿيندا پيا
ڪڏھن ڳئون ڦبي آ ڪڏھن ڪوئي ڳابو
سڀن صورتن ۾ اھو سوڳ آھي
وڏي مشڪري آ وڏو ڦوڳ آھي
انھيءَ يوڳ کي روڳ چوٿي بنائين
انڌي ديد تنھنجي آ عادت اھا
سدائين ڏسڻ جي ٿي ڪوشش ڪرين.

## گُلن جا خريدار

اهي جي گلن کي خريدڻ گهرن ٿا
مگر پوپٽن جا پٽيشن وڏي آ
پريشان آهن
۽ حيران آهن تہ
ماڪيءَ مکيون ڇو
جلوس ڪڍي ۽
صفا سخت ڪاوڙ سان
اظهار ڪن پيون
پؤنرن جي بک هڙتال کي اڄ
اٺون ڏينهن آهي
مٿان جيتن نڀڙن جي هڪڙي جٿي
خودڪش حملن جي ڌمڪي ڏني آ
پکين پڻ ڪرائي آهي خاطري
تہ مهڪ کي بچائڻ جي هن مهم ۾
اُهي پڻ سين سان گڏوگڏ آهن
مگر ڇوڪريون ڇو پريشان ناهن
انهن جي ئي وارن ۾ هي گل لڳن ٿا.
اهي ڇوڪرا ڇو پريشان ناهن
ڪٽي گل هٿن ۾
محبوب پنهنجا مڃائي وٺن ٿا.
اهي جي گلن کي خريدڻ گهرن ٿا
انهن کي اسين بہ ٻُڌائي ڇڏيون ٿا
گلن جون مالڪ هوائون ئي آهن
سڄو ڏينهن جيڪي
گلن جي لڱن کي
ڇُهتن چُمن ٿيون

گلن جي مالڪ رڳو ماڪ آهي
اسُر ويل جيڪا
پنن پنکڙين تي
سندو ساڻ سونپي
صبح کي سڏي ٿي
گلن جو مالڪ تہ رڳو سج آهي
ادي اُس آهي
سجو ڏينهن جيڪا
ٻجن جي اکين کي کولي رکي ٿي.
سَلن کي سڏو ۽ پلوتي ڪري
گلن جا مالڪ تہ اهي هٿ آهن
ولين وانگيان جي
وڏائين وڏن ٿا.
گلن سان گلن جي ئي
لهجي ۾ پيارو
ڪريو گفتگو
گلن کي خريدي نٿو ڪو سگهي
گلن سان ائين بس ملڻ آهي مهڪڻ
جيئن مرد سان ڪائي عورت ملي.

# اُلڪو

ڪهڙي ڏِس اڏاڻو پنڇي
مون ۾ پڙڪو ٿيو
تنهنجا پير پنن تي پيئڙا
مون ۾ ڪڙڪو ٿيو
ڏور نديءَ ۾ چنڊ ٻُڏاڻو
مون ۾ چُلڪو ٿيو
توکان تنهنجي پياري وڇڙي
مونکي اُلڪو ٿيو.

## شاعر شعر نٿو لکي

هن جي اُڇليل گُندي
مڇيءَ جي بدران
درياءَ جي نڙگهٽ ۾ اٽڪي
هُن جا ڇڪ ڏني ته
دريا ڦٿڪي پيو
دل مان هن مڇي مارڻ جو خيال لاهي ڇڏيو
هُن ڏرتي کي پٺي ڪيڙيو
هُن کي سِتَ سُجهي آئي
هُن پاڻي جو ڍُڪ پيتو
هُن بيڙيءَ جي ڦُوڪ پري
۽ مٽيءَ جي چپٽي کنئي
۽ لفظ "محبت" جي نرم ڪل کي مهٽڻ لڳي ويو
هُن گاڏي ۾ پيٽرول پرايو
هُن بوٽن کي پالش ڪيو
هُن سفر جو سعيو ڪيو
۽ وچڻ کان اڳ موتي آيو.
هاڻي هو دوڪاندار سان رهجي ويل ڳالهه ۾ آهي
ٽپاليءَ جي سامهون
گوشت مارڪيٽ جي وچ ۾
ٽيليفون جي پرسان
يا نرم بستري ۾
هڪ خواهش هن جي سيراندي‌ءَ کان ساهه کٽي رهي آهي
هڪ الميو هن جي پيراندي‌ءَ کان چُپ چاپ ڪڙو آهي
هن جي پاسي ۾ پيل ڪورا ڪاغذ
وجهه وٺي اڏامي اچي
هن جي ڇاتي سان چنبڙيا آهن.

# ڪاٺو

هڪ شخص عمر ڀر سوچيندو
هُو گرم هوائون صحرا جون
جي مون کي ساڙي ڪين سگهيون
اڄ آئون جلان پيو اوندهہ ۾
جڻ سڄ لهي پيو سيني ۾.

هڪ شخص عمر ڀر سوچيندو
هي ٻارنهن سال حياتيءَ جا
جي قيدي ٻڌجي مون ڪاٽيا
هو پيار ٻہ جڻ ڪو پٿر هو
جنهن کي مون هٿن سان ويهي گهڙيو
تنهن کي پو ويهي سجدو ڪيو
پر ٻُت ۾ آخر ساھ نہ پيو.

هڪ شخص عمر ڀر سوچيندو
هن غم جو ڪارڻ ڇا آهي
هيءَ دل جا مُور نہ متجي ٿي
هي هر هر سارڻ ڇا آهي
۽ خود کي ٻئي جي خيالن ۾
هي ٻوڙڻ تارڻ ڇا آهي؟

هڪ شخص عمر ڀر سوچيندو
هي ساحل ڇا ڇا چئي سگهندا
هي جو ٻہ وڇايم وڻ وڻ ۾
سي منظر واپس ڏئي سگهندا
هن غم جو ڪاٺو ڪونهي ڪو
هي درد ندين ۾ چلڪي پيو
هن ساحل تي آ رش وڌي.

## الاءِ تون ڪٿي آهين؟

ڪٿي آهين، ڪٿي آهين!
الاءِ تون ڪٿي آهين!
پکيءَ جي چهنب ۾ چوڳو
مڇيءَ جي اک تي آهي
لڙاٽيل ميرڙو منظر
مٽيءَ تي نانگ جو ليڪو
دلين تي درد جو پهرو
پنن تي ماڪ جا قطرا
وڻن تي ٻُورُ ٻاجهارو
اجان پرتي، اجان پرتي
ملڻ جو ماڳ ۽ مسڪن
ڪٿي آهين، ڪٿي آهين
الاءِ تون ڪٿي آهين؟

جبل تي جنگ ۽ باهيون
هٿن ۾ هار جون ليڪون
سپهه سالار جون سوچون
(۽ خيمي جي خُدائيءَ ۾)
ننگي تلوار جون نظرون
ڪُتن تي سرد خاموشي
هوا ۾ رات جي راٽي
ڪٿي دنيا لڳي پوري
ڪٿي دنيا لڳي ڪاري
ڪٿي تي واڳُٽائي ڏي
مون کي واپس اُها ورندي
ڪٿي تي سرمئي ساري
مون کي تنهنجو سينهو ڏي

مگر تنهنجو پتو ناهي
ڪٿي آهين، ڪٿي آهين؟
الاءِ تون ڪٿي آهين؟

شريعت شاهدي هوندي
طريقت طالبُو هوندي
معرفت ڪا ملڻ جهڙي
حقيقت حُسن تنهنجي جي
ثوابن جون سُجيون واٽون
گناهن جون گذرگاهون
سزائن جون سماچارون
نمازون نرت نيزاريون
عبادت ۾ عذابن جي
اڳيان پويان اُداسيون هي
مگر ٿورو اجان اڳتي
اتي پير ۾
چَلي ۾ من ٿيو قابو
مُنديءَ ۾ ياد ٿي سوگهي
اکين ۾ وقت پيو اٽڪي
چيو ڪنهن هو تہ موتئي جو
جڏهن ڪو ڦول ٽڙندو آ
تہ خوشبو تون ٿيو آهين
چيو ڪنهن هو تہ گيتن ۾
جتي سورج مکي هوندو
اُتي تون ئي تڪيندو آن
اتي ئي ڪوبلون آهن
ڳلو مقتول جن جو آ
مگر ڪونجار جيئري آ
اتي ئي ڪونج ڪا آهي
جمي وئي اُپ ۾ آخر

مگر تصوير ھُن جيءَ مان
هوا پئي ھُن کي ڪُر لائي
اتي ئي مور مانيٽو
مگر ھي عشق ئي آھي
ٿُھوڳي پيو صدين کان جو
فجر جو سمنڊ ۾ بينل
جهازن جا ڳُگھو آھن
پري کان پير جو ٺڙڪو
اُجھامن ٿيون بتيون آخر
ٻرن ٿا نيڻ ھر ڪنھن جا
مئہ خاني جي در تي
صبح چُپ چاپ بيٺو آ
سمُورا در کُلن ٿا پيا
سموريون ٿيون دريون پَٽجن
اندر ٿو آسمان ڏُوڪي
سمورا آدمي ٻاھر
ھَتَن تي ھي ھجومن جي
گھٽين ۾ ڏِڪ ڏِڪان آھي
اُتي ئي آھي تنھائي
اُھا جنھن جو نرم ھٽڙو
ھجومن جي ھٿن ۾ آ
اھوئي موت گاڏڙ محبتن جو
معجزو آھي،
اُھي جيڪي سيئي گڏجي
تلاشن روز ٿا توکي
مگر تنھنجو پتو ناھي
ڪٿي آھين، ڪٿي آھين؟
الاءِ تون ڪٿي آھين!

## منهنجي من جي ساحلن تي

تو ڏنو هُن پار جو
دور پئي ڪنهن ديس مان
سمنڊ جي لهرن مٿان
ٿڪ ٽُلڪِي ٿو اچي
منهنجي من جي ساحلن تي.

پريت ڪيڏي آ پري
پو ٻه ويجهي تي لڳي
سارَيي آهي سفر
جا ته ڇُلڪي ٿي اچي
منهنجي من جي ساحلن تي.

گهِمِ مِ گهايل هوا
ساڻ آ مهمان سان
گفتگو جنهن سان ڪندو
غير ملڪي ٿو اچي
منهنجي من جي ساحلن تي.

# جڏهن تون وهنجندي آهين

جڏهن تون وهنجندي آهين
تہ پاڻي پٿرن وانگي
فرش تي ڳِڙڪندو آهي
هوائون سَهڪنديون آهن
ٻرن ٿا آئينا جَرَ جا
۽ شيشو ٽڙڪندو آهي
سموريون سختيون تن جون
نرم هٿ سان لسائين ٿي
لڳي ٿو تون پهاڙن کي
گُلابن سان گسائين ٿي
ندين جا ڳَئي وڏا نالا
سمونڊن ۾ وڃيو سٽجن
بدن جون بيهڪون بيٺل
ڪنارا ڪينَ ٿا ڪٽجن
جُهڪي توتي مٿان پاڻي
اُڇل آ آبشارن جي
پڇن ٿا بادلن جا گهر
پُسي تي ڪار وارن جي
قديمي شهر جو قصو
حسينا پئي تري جَر ۾
اُهائي روشني اُن جي
حصي تنهنجي ۾ آئي آ
قديمي شهر جي قسمت
جديدن جي جڳمڳائي آ
ڳچيءَ ڪئي گفتگو جيڪا
بدن جا بات ٽيندي آ

ڏڪين ٿي تون جڏهن ڪپڙا
اچانڪ رات ٿيندي آ
اهو ئي سج سيني مان
جڏهن اُلٽو اُڀارين ٿي
لڳو اوپر جي ڇاتيءَ کي
تون اولهہ مان اُٿارين ٿي

جڏهن تون وهنجندي آهين
تہ موسم جا مٺا ميوا
سمورا ڌوپندا آهن
اهي پاڻيءَ ڦڙا آهن
پون ٿا چنبڙي توکي
الاهي چا ڪندا آهن
قصو هي مختصر آهي
ڪهاڻي هيءَ ڊگهي آهي
پڇاڙيءَ تڙ ڪندو هر ڪو
حياتي هيءَ سِگهي آهي
بدن تي بوند جا بيني
تہ موتي ويو مهانگو ٿي
ننگيءَ جي نينهن ۾ نڪتو
ويو هڪ مرد نانگو ٿي.

# تنهنجون ڳالهيون

ڳوناٽيون ڳليون،
تنهنجيون ڳالهيون ڪن ٿيون.

رستا پُٽڪن ٿا
چارا چُڻ چُڻ ڪن ٿا
سورج مُکيءَ تي
پؤنرا پُڻ پُڻ ڪن ٿا
واڙين منجهه وليون
تنهنجون ڳالهيون ڪن ٿيون

ڏڻ ڏنارن سان
مُٽي اچن ٿا
دونهان ڏُڏڙسان
گڏجي نچن ٿا
چڙا، چنگ ٽَليون،
تنهنجون ڳالهيون ڪن ٿيون

سُگهڙ هٿن جا
ٿوپا مُرڪن ٿا
اکيون سُمهن ٿيون
ڏاڳا جاڳن ٿا
سجي رات رليون
تنهنجيون ڳالهيون ڪن ٿيون.

# گيت محڪوم ناهن اسانجا

گيت محڪوم ناهن اسان جا!
اسين جي سهاري بنا دربدر،
ڪا بہ ڇانو ڇپر نہ اسان جو ڪو گهر،
سڄو ڏينهن ويراڳ ڳايون گهٽين ۾،
ٻنين جي ننڍن پيچرن تي گهمون،
لڙيءَ شام جو
اُنن جون قطارون
چڙا مال جا،
۽ چونڊي تان ايندڙ سپيئي عورتون،
ڏنار چميون ڏيندا ٻوڙيندن کي
گهرن ڏي ورن،
۽ گهٽين ۾ ڏڏڙ جا گهاٽا ڪڪر،
مٽيءَ جي مهڪ واسي ماحول کي
اهو سڀ ڏسيو
ڪنهن وڻ جي ٿڙ کي ڏيو ٽيڪ،
سوين گيت سرجيون،
اُهي گيت محڪوم ناهن اسان جا!
اُهي گيت جنهن ۾
ڪنهن ڪنواريءَ جي چوڙين جي ڇڻ ڇڻ جو نغمو،
ڪنهن مُنيءَ ماءُ جا سوين لڙڪ آهن،
ڪنهن پوڙهي پيءُ جي
ڏڪندڙ هٿن جا سوين احتجاج،
۽ معصوم ٻارن جي
مرڪن جي قاتل ڏي اُٿندڙ اشارا،
۽ اکين مان وهي آيل
ڪاري ڪجل جا
ڳلن تي ليڪا،

۾ گلابي چپن جا اُڏامي ويل رنگ،
اسين جي وڏيءَ ويل وڪڙيا وياسين،
اسين جي زنجيرن ۾ جڪڙيا وياسين،
مگر گيت جيڪي
جهنگلي گهوڙن جيان ڊوڙندا،
زنجيرون سموريون ٽوڙي ويا،
اُهي گيت جيڪي
مرليءَ جي سر ۾،
بينن جي لهرن ۾،
نپجي وڏا ٿيا،
تنبورن جي هٿ ۾ ڏئي هٿ هليا،
اُهي گيت محڪوم ناهن اسان جا!
اُهي گيت محڪوم ناهن اسان جا!

# وايون

## سمنڊ ڪنهن جو ٿو پڇي؟

چانڊني! روپي پري
سمنڊ ڪنهن جو ٿو پڇي؟

ساحلن تي پيرَ ڪوڙي، ياد ڪنهن جي آ ڪڙي،
ديس جهڙي دلبري، سمنڊ ڪنهن جو ٿو پڇي؟

ننڊ جهڙي نير ۾، هر سمي هر وير ۾،
جاڳندي جيئري مري، سمنڊ ڪنهن جو ٿو پڇي؟

دائرن ۾ دُور ڪوئي، پيو پچائي پُور ڪوئي،
سار ۾ ڪنهن جي سري، سمنڊ ڪنهن جو ٿو پڇي؟

## نگري نيٺ نچي وئي!

قاسيءَ جي جهولي ۾،
هن ڪي نندڙا اچي وئي،

شوخ هوا جي شُوڪارن ۾،
ڪنهن تہ مروڙيو ڳل ڳچيءَ جو
خوشبو ڪا تہ رچي وئي،

اُس سمورا انگ ڦِٽا ڪيا،
سجُ قتل ٿي ويو سنڌوءَ تي،
ڪاري رات پچي وئي.

موسم پنهنجو ماڻو ماٽيو
هن بہ ڪائي معنيٰ پاتي،
نگري نيٺ نچي وئي.

# گيت

## راتيون ڪاٽي نيڻن ۾

راتيون ڪاٽي نيڻن ۾،
ٽو واٽون نهاريان جاڳي

منهنجي من جي ڪنهن مهراڻ،
پير نہ پائي جهاڳي،

سونهن ڏسڻ سان سمجهہ نہ،
ڪا بہ سُرت رهي ساڳي،

گيت وڇوڙن جا ٿاهيان،
پاڻ ٿئي تن جو راڳي،
مان ويراڳي.

## روز ٿي ڏانوڻ وجهين

روز ٿي ڏانوڻ وجهين،
روز ٿو قاسي پوان

ٻانهن تنهنجي جي ڏگهي،
لڇڪندڙ تاريءَ مٿان،
روز لالائي لنوان،
روز ٿو قاسي پوان

روز تنهنجو روپ نئون آ،
روز مون کي ٿا لڳن،
نينهن تنهنجا جڻ نوان،
روز ٿو قاسي پوان

سمنڊ ٿو مون کي سڏي،
مان هليو ويندس هتان،
روز ٿو سوچي چوان،
روز ٿو قاسي پوان

# چئوسٽا

هتي موجود جي ناهن،
اِهو آهي علم ڪهڙو؟
اُهي گمنام چو آهن؟
اِهو آهي عدم ڪهڙو؟

❖

مون کي خلقي خواب ۾ جاڳايو جاني،
آٽي اک جي آب ۾ جاڳايو جاني،
لاحد جي من لڪ مان هادي لنگهائي،
بي حد جي هن باب ۾ جاڳايو جاني.

❖

تنهنجي بدن جي ڏاڪڻ، چاڙهيون چڙهي سگهان،
تنهنجي لڱن ۾ توکي ڳولهي پڙهي سگهان،
ان ڪانسواءِ ڪيئن تو گهاري گهڙي سگهان،
چپ چاپ پلا ڪيستائين تو ڪڙهي سگهان.

❖

سڏ تنهنجا ساز ڪهڙا هي پرين،
اوچتا آواز ڪهڙا هي پرين،
جيت ۾ چو هار ويئي آ رکي،
پيار ۾ انداز ڪهڙا هي پرين.

❖

موج تري جي مستي ۾
مون تيئن حياتي آ ماڻي،
جيئن ڪارونجھر جي ڪولهيءَ کي،
ڪا ڪچ ۾ ڪاري ڪولهياڻي.

❖

گلاسن ۾ تازو ٺرو پئي پريو
ٺرو ٺڌ ۾ پئي ٺڌو ٿيو ٺرو
ليڊر هنئي پئي نشي ۾ جهڳي،
وڏي لانگ لفظن جي پئي لڳي!

❖

تو ساڻ عشق منهنجو بدنام ڇو نه ٿيو؟
ءِ پو صفا نه وسريو گمنام ڇو نه ٿيو؟
توکي نه ڇئي سگهيس مان هي داستانِ دل،
الهام ٿي اُلهي ويو پر عام ڇو نه ٿيو؟

❖

لفظ لشڪر جيان اچن اُلري،
دل جي ڪچي قلعي تي ڪاهن ٿيا،
درد ورثي ۾ آ مليو تن کي،
تنهنجا عشاق توکي چاهن ٿا.

❖

شهر کان دور دل جي صحرا ۾
تنهنجو رولاڪ سان ملڻ ٿيندو
ڪجهه صديون پوءِ پر وڃي آخر
ڪنهن پريڻ پاڪ سان ملڻ ٿيندو.

❖

اونهاري جي اُپ مان ٻه تارا تڪن ٿا،
توکي ڳوٺ تنهنجي جا چارا تڪن ٿا.
لڙي چند جي هوءَ اُتي آ اڱڻ ۾،
ونيءَ جي چُنيءَ جا ستارا تڪن ٿا.

❖

ديوار ۾ خدا چا تو در در ڪري وڌو،
هن چت بنان مڪان کي تو گهر ڪري وڌو،
ناهيان اگر نمازي ته بت پرست به ناهيان،
پوءِ پاڻ کي پريڻ چو پٿر ڪري وڌو!

❖

اسانجي راه مٿان روشني يڪي پوندي،
ستارا! تنهنجي ٿڏي روشني ٿڪي پوندي،
مجاز عشق حقيقت جي، ماٺ کي نيڪي،
بديءَ بديءَ جي مٿان بيهندي ٻڪي پوندي.

❖

مقدر جا قصا ڪهڙا ۽ ڪهڙيون اڳڪٿيون آخر،
اجايا آسرا ڪهڙا ۽ ڪهڙيون آٿتون آخر،
ڪيائون حُسن کي ڏال پلي خزاني ۾،
هلائي ڪين سگهي جيئڻ سگهيا زماني ۾.

❖

مان بيهان ٿو ٻاهه تي ماتم ڪري،
تون هوا جي سامهون ويندي نہ ڪرا
عشق ٿو مون کي هلائي آڳ تي،
تون تماشو هي ڏسڻ ايندي نہ ڪر.

❖

اسين ٻئي وقت جي تيزاب ۾ ڳرون ٿا پيا،
اسانجا روح جسم ٻئي رجي رهيا آهن!
اسين جي ميڻ بتيون تي ٻرون ٿا پيا،
اسين هوائن ۾ تحليل پيا وڃون ٿيندا!

❖

هيءَ جا محبوب جي آهي گهر جي گهٽي،
هن گهٽيءَ جي تہ محبوب ساري مٽي!
وقت مون کي ڏسي پيو ٿو شهپر وٽين،
وقت مون کي لڳي آهي تنهنجي ڦٽي!

❖

شام ٿيندئي خيال متجي ويو
درد ويتر وڌي ٻہ گهتجي ويو
رات اوڙاهہ هئي سا گذري وئي،
ڏينهن قاتل ڪڙو ٻہ ڪتجي ويو.

❖

سانجهہ جي ويلي سڪيون، توڪي ٿي ساريندیون رهيون،
ڏيک ۾ ڏيئا متيءَ جا، ٻاٽ ٻاريندیون رهيون،
لفظ جيڪي ٽڏ ۾ ڪنهن ڪان بہ ڪوسا ڪين ٿيا،
نينهن نياپا اکيون، آخر اچاريندیون رهيون.

❖

گوڙ گهمسان ۾ ڏار وڻ وڻ رڳو
رات طوفان جي ۽ اجهاٽل ڏيئو
ديس هڪڙي دريءَ جي مثل دوستو
چنڊ جنهن مان لڪائي سگهيو نہ ليئو.

❖

چار ۾ ڦاسي سگهي ٿي هر مڇي،
پيار ۾ پر دل رڳو ڦاسيو وڃي،
تون اچين خوشبو جا چوراها ڪٽي،
ديس منهنجي تو منجهان واسيو وڃي.

❖

هُن نديءَ سان جيڪا ٻيٽي ڳالهہ ڪئي،
سا پکين جي ٽولي چورائي وئي،
مور جو فن هو ٺموڪڻ جو سکيو
سا وري هڪ چولي چورائي وئي.

❖

جيتن جا سرہاٹ آهي سمجهندو،
شيش نانگ جي ڦوڪ ڪيسي ۾ پيل،
هڪ ٻپهرو هن لڪائي آ رکيو،
ڪوبلن جي ڪوڪ ڪيسي ۾ پيل.

❖

اسان ڪي آهي خبر ماتمي ڪتنب ڇاهي؟
اسان جي خون ڪي هي خنجرن جون ڪيڪارون،
اسان ڪي آهي خبر مياڻ ڪٿ ڪتنب ايندي،
في الحال پنهنجي بدن ۾ ستل هي تلوارون.

❖

اسان جا مقدر ندورا نماڻا،
روهين جون اکڙيون سدائين سدوريون،
اسين پاڪ دامن ازل کان اُداسي،
اسين جيءُ پنهنجو پيا روز جهوريون،

❖

مون جهڙو موت ڪونہ ڏٺو ہئي تڳ الا،
جوني دُنيا، چاهيان نہ جونو جڳ الا!
هيءُ تہ رستو سولو آهي سستو آ،
ڏڳ تہ آهي منهنجو دلبر ڏڳ آلا!

❖

وڻن تي ويٺل پکي ٻولين پيا،
راز ساري ديس جا کولين پيا،
شهر پاڇن ساڻ آ پيرجي ويو
راز ساري ديس جا کولين پيا.

❖

هڪڙي حسن کي ڪين رڳو جام جم ڪپي،
تولاءِ ماتمي مان زنجير جي چري،
اي دوست منهنجي دل کي ڪارو عَلم ڪپي،
جيئري پئي جنت جنهن منجهه جهلڪي.

❖

هو پکي، هوءَ چوڪري زندگي پڙڪي جيان،
سج ۾ آواز وانگي پن جي ڪڙڪي جيان،
مان اڳيئي ڪاوڙن ۾ قيد آهيان ڪالهه کان،
ڪين اڄ مون ڏي اچو دوستو دڙڪي جيان.

❖

ڏي يلي تون ڏي يلي تون ٺمڪ ڏي،
۽ هوائن جي بدن تي ڇمڪ ڏي،
ڪين گهُرجي سون چاندي ۽ سڪا،
گل ٽڙيا آهن اُتاري مهڪ ڏي.

❖

هوائن گلن کي خريدڻ گهرن ٿيون،
سڄڻ هي نه سودو آ سستو سين کان،
خريدڻ کان اڳ ۾ وکيا سين اسين،
اسانجو الڳ آهي رستو سين کان.

❖

ملي ڪوڙ ماڻهن جي هن ملڪ ۾،
وڏن جون وڏايون ساري ڏنيون سين،
خبر پئي ته هٺڪن نه هينگن پيا،
اسان جن سان گهڙيون گذاري ڏنيون سين!

❖

سڏي سون مون کي جو گهوريو ڏسين،
سچڻ مان سچوئي متي ٿيو وڃان،
الائي ڪار ڪهڙي تون مون سان ڪندينءَ،
الائي چا ته چوندينءَ تون اڳتي اچان.

❖

چليل بادام جهڙي چوڪريءَ کي چا چوان،
خشڪ ميوي جي خدائي ٻي طرح!
جسم جو ميلو وڃوڙو آ الڳ،
جيءَ جي جانان جدائي ٻي طرح

❖

ڪميتن تي چڙهي ايندڙ
سوارن جون سچيون ڳالهيون،
مٺا ماڻهو مري ويندڙ
وڃي تن جون بچيون ڳالهيون!

❖

ملاقات جي مهل ايندي ڪڏهن؟
پلا بات جي مهل ايندي ڪڏهن؟
تتي ڏينهن ۾ مان تہ تڙپان پيو
رتي رات جي مهل ايندي ڪڏهن؟

❖

مون کي چاڙهي چِت، چو ٿو چوڪراٽيون ڪرين،
اوهي اوهي تو بن اوڏو، مُئيءَ جو ڪوبہ نہ مِٿ،
سڏي سيني لائي، سيري ٻکي ڪري ٻٽ،
چو ٿو چوڪراٽيون ڪرين، چو ٿو چوڪراٽيون ڪرين

❖

درد هڪ ڏينهن وري پيڙ ڏئي ڪرندو مون تي،
تنهنجي محبوب متيءَ منجهہ مُئل هوندس مان!
شهر تنهنجي جي سپ گمنامي سودي ايندس،
تنهنجو ڇرڻ ڪين ڏئل ڪين سئل هوندس مان!

❖

# پنج سٹا

مشڪل سان هئي وڻن مان ممڪن هوا لڳي،
خالي سچي خدائي توکان سوا لڳي،
ديدار جي ڏهڻن جي مون کي سزا لڳي،
تنهنجو رسڻ بہ پياري پرچڻ جيان لڳو
سهڻي سدائين مون کي تنهنجي ادا لڳي.

❖

اُس متان ۽ هينان هنج ڪيئي ڏنا مون،
رات سچي پئي روسامي جي برف وئي،
۽ مچ جيان پئي تنهنجا رنج ڏنا مون،
چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندا ويا پئي پري کان،
کي سوار نہ هن جا روپا سنج ڏنا مون.

❖

ڇوڪرو هوندي بہ جڻ پوڙهو ٿيندو پيو وڃان،
جيترو مان ڦهلجان ٿو پيار تنهنجي ۾
تيترو ئي ساھ ۾ سوڙهو ٿيندو پيو وڃان،
تون سموري آڳ بنجي شهر کي پيئي تڪين،
مان وري تو مان ڪريل ڳوڙهو ٿيندو پيو وڃان.

❖

يونيورسٽي جي ڪلاسن ۾ حُسن،
تنهنجي ڪاوڙ ۽ غُصي ۾ سُندرتا،
تنهنجي دڙڪن ۽ دِلاسن ۾ حُسن،
دير تائين لان ۾ پيئندا رهيا،
چنڊ پلٽيو پِئي گِلاسن ۾ حُسن.

❖

# ڇهه سٽا

رڳو باھ تمڪي رڳو باھڙي،
اھائي اُھائي اٿس ساھڙي،
ادا! ھُن اديءَ جو اٿم ڏک ڏاڍو،
ڪئي وقت ويران ۾ واٽڙي،
تباھيءَ لئِ تيلي بہ ڪافي ھئي،
لڳائي اوھان ۾ اسان لاٽڙي.

❖

بن ۾ ڳالھين آئون نہ آھيان،
من ۾ ڳولھين، آئون نہ آھيان،
وڻ وڻ تي ويچارين ويٺو،
پن ۾ ڳولھين، آئون نہ آھيان،
اُلران ڪوھ ڪھاڙيءَ وانگي،
ڳن ۾ ڳولھين، آئون نہ آھيان.

❖

ياڪُر ياڪُر منجھ ورائي،
منھنجي جوان جِسم تي جانان،
جانيي قُولن جيئن چٽين تي،
تنھنجي جواني جو سُورج،
بيھري جِي تاڪ جھڙو آ،
مونکي تون تہ پوءِ بہ وٽين تي.

❖

تون اڙي او سانوري!
پنهنجو جوڀن سانوٽيءَ جو
ڪوئي پريل مَينهن آهين،
جڻ گهٽا اوڊي اچي،
مون مٿان آهين لڙِي،
جُهڙ جُهڙالو ڏِينهن آهين.

❖

نديءَ جي رُخ ڏي نهار وري هليو ويندس!
اوهان کي پار اُڪاري وري هليو ويندس!
سموري رات پُڪاري وري هليو ويندس!
صبح جو سج اُڀاري وري هليو ويندس!
وري آواره گرديءَ جا لکين نغما نوان ڪيئي،
پکين جو جُهنڊ اُڏاري وري هليو ويندس!

❖

ڦوهه جواني پئي هوا ۾ تو مٿان ڇڪجي ڇٽي،
هر سمي ۾ تون رهين ٿي هر سمو مون کي وٽي،
هر دائري جي پنيان آ درد ساڳيو پيڪڙيل،
هر اگڻ مان اک ساڳي رات جا تارا ڳڻي،
هر وياڪل ڇوڪرو ٿو موسمن ۾ مات کائي،
هر اڪيلي ڇوڪري ٿي درد ۾ ڏک کي جڻي.

❖

هڪ حقيقت سو فسانا شهر ۾،
زندگي ڪهڙي! زمانا شهر ۾.
ڳوٺ ۾ ڳالهيون ڳُڻن جون ڳائجن،
نينهن وارن تي نشانا شهر ۾،
ڪيئن پڇان ۽ ڪيستائين ٿا ڪٿن،
بي وفا تنهنجا بهانا شهر ۾.

❖

ڏنڏو ڪر وقت سارو وڻج ۽ واپار ڪر،
نٿو ٿئي پيار توکان، ڪير چئي ٿو پيار ڪر!
تونگر ڪير آهي ڪير آ سڪٽو سچو
نظر جي ڳالهہ ڪر، دل کي بہ ڏس ديدار ڪر،
اسان خالي هٿن جي لڱن جو ليکو نہ ڪر،
اجان تلوار تو وٽ آ اجان ٻيو وار ڪر.

❖

اوهان جي شهر ۾ ماڻهو اگر اڇي نڪري،
گهري سو خير جي جانان هتان بچي نڪري،
پسائي پاند متان مينهن تي مياري ٿئي،
پويس پيچ پلي پيار پِچي نڪري،
پراڻي درد جي آواز ۾ اثر آهي،
صدين جي ساز منجهان راڳ ٿو رچي نڪري.

❖

پُڪاري ننڊ مان تي هوءَ
اُٿاري ننڊ مان تي هوءَ
ڪليل آ خواب جي ڳڙڪي،
نهاري ننڊ مان تي هوءَ،
پکين وانگي اکين مان ڪيئن،
اُڏاري ننڊ مان تي هوءَ

❖

اُجهاءِ پيڙي نہ ڪر بند، بات رستو آ،
حجاب هوندي بہ هٿائڻ لاءِ وات رستو آ،
اسانجي ڳالهہ ڳجيءَ مان بہ پيئي ڳالهائي،
ڪري تو پنڌ، اُتي ڪنڌ، ڪات رستو آ،
عظيم عشق جو ورثو ونڻ وجون تا پيا،
قديم قيد منجهان نئين نجات رستو آ.

❖

هر گل سان گفتگو ۾ گذرندي گهڙي آهي،
واءُ جو ٽذيرو آ، گهمر مان گهمي آيو
تون ذڪڻ ڏي ڏس ڪٽي هوءَ اتي ڪڙي آهي،
رُت جي رڪيبن ۾ تون پير وجهہ پڪا پنهنجا،
واڳ وٺ وچيڙيءَ جي، جي اجان جڙي آهي،
مان ازل کان آجيان جا گيت پيو جنهن لاءِ لکان،
سامهون سا پئي اچي، لاڙ کان لڙي آهي.

❖

شراب جي دُڪان تي،
رات ڏينهن رش آ،
جو ٻہ جام جيئن جهلي،
تو پنو پڙهي وٺي،
سو پياڪ غش آ،
اي اياز شاعري!

❖

ڪنهن اصِيل نانگ جي،
قوڪ وانگيان لڳي،
يا تہ انب تي لٽل،
ڪنهن دکي ڪويل جي،
ڪوڪ وانگيان لڳي،
اي اياز شاعري!

❖

دربدر هوائن مان،
چا تہ روپ ماڻي تي،
چا تہ تي ٻبر ٻکي،
چا تہ ٻور تي جهلي،
چا تہ قول چاڻي تي،
اي اياز شاعري!

❖

ڍنڍ جي ڪنار تي،
اڏرندڙ پکين جيان،
اي اياز شاعري!
ڪنهن حسين ڇوڪري جي،
حسين اکين جيان،
اي اياز شاعري!

❖

لفظ لفظ ۾ لهي،
گيت گيت گونج آ،
شام آسمان ۾،
چڙهـ تہ ڪا اڏام آ،
ست ست ڪونج آ،
اي اياز شاعري!

❖

# متفرق شعر

جيئڻَ شال جڏيءَ کي جوڙيندا ٻيهار!
جوڙي پنهنجي جان سان ٽوڙيندا ٻيهار!

❖

موسمون سُرن جون اُتي بيٺيون،
گل هُٻڪار تي هليا هُن سان.

❖

پهر جو ٻُڪ آهيان مان،
زهر جو ڍُڪ آهيان مان.

❖

گنگھار آهيان گنگھار آهيان،
مگر پوءِ بہ معصوم ڪو ٻار آهيان.

❖

خواب کي ڪوتي ڪرڻ جي ڪم جي تعبير تي،
سوچ رنگن سان ملي هئي سمنڊ جي تصوير تي.

❖

مقروض تي مري ويو آ ڪنهن جو نہ تي سگھيو،
هڪڙي حقير زندگي، جيئري نہ جي سگھيو!

❖

رات جون ڏاڳن جيان لڙڪن ڳليون،
پيٽ تي اوندھ جون چڙھندڙ وليون!

❖

محبت ۾ محنتون ۽ ماڻهو ڪري مزوري،
هي پيار آهي پورهيو، پورهيو ڪرڻ ضروري.

❖

ساز ۾ سنيهو آ، سار ياد جي دُنيا،
ڪوڪ ۾ ڪلا آهي، ڦوڪ تار جي دُنيا.

❖

اسان آسمانن ۾ ڏوڪيو گهڻو آ،
چئون ٿا ايذانهن بہ ڪا دري ٿي سگهي.

❖

مجازي محبت ۾ مون جو ڏنو آ،
حقيقت تصور ۾ تبديل ٿي وئي.

❖

اڏ اُگهاڙي عورت جي ڏيمي روشني،
رات پچاڙي عورت جي ڏيمي روشني.

❖

ڏک مليس ٿي ڏاج اديون،
سور ٿيا سامان سسئيءَ جوا!

❖

حُسن جي دربار ۾ سجدو ڪيم توکي ڏنم،
سُڃ صحرا ۾ جڏهن ڪو گل لڌم توکي ڏنم.

❖

مان هتان وڃان ٿو پيو هوءَ هتان هلي هوندي،
زندگي ڏکي ڪيڏي ڪيتري ڳلي هوندي!

❖

ٻنهپرن جو ٻگهه اڃا ٻئي،
ڳڏ ڏٻي تي ٻيٺا آهن.

❖

دل وارن دل لڳي ۽ دل لڳي ويئي هلي،
ياد هئي اسڪول جي جڻ گهنتي وڳي ويئي هلي.

❖

بت پرستي ڪيم، سُتو سمجهيم،
پاڻ کي تو اڳيان گُتم، سُتو سمجهيم.

❖

عارضي آهن حُسن جون آرسيون،
دائمي ديدار آ درد جو!

❖

اِها باهه ٻي آ. هُن باهه جي اڳيان،
ڪنوٽيون ڪٽي گهُمي ٿو اونداهه جي اڳيان!

❖

گيتن ۾ آ وات وڙهن جي تارن ۾ آ تات اسانجو
تنهنجا لڱ ٽڏا آهن يا منهنجا هٿ گرم آهن!

❖

پرين پرين تہ پري سندس نہ پيرو آ،
عجيب عشق عجيب آسرو اچڻ جو آ.

❖

او پرين تنهنجي ڪري مون ڪي،
زندگيءَ ۾ آ ملي وئي زاهدي.

❖

مون جڏهن گهاتيون گهتائون پئي لکيون،
ڇوڪريون پئي پاڻ ۾ ڪيڏيون ڪُڏيون!

❖

مرڪ جيڏي مختصر تي هڪ ڇوڪري،
منهنجي چپن ۾ وڃائجي تي وڃي!

❖

اسانجا ڪافراڻا ڪم، نہ ئي پنهنجي نمازي دل،
مجايوسونس ڪيڏو پر ٿيئي تي ڪانہ راضي دل،
گلابن سوڳ ڪارو ڪيو عجب غمناڪ غازي دل.

❖

طلمسي آئيني ۾ ترندڙ ننگيون نيگريون،
ٻ گلابن پئي جڏهن مهتيون اکيون،
تنهنجي خوابن ۾ اکيون مون پئي رکيون!

❖

نج ٻولي استعارو گيت جو،
ڪورئيڙي وانگي مگن زندگي،
ڪنڌ ۾ چڻ ته ڇارو گيت جو.

❖

تنهنجي چپن تي،
پوپٽ ويٺو آ،
مونکي پڪڙڻ ڏي.

❖

تنهنجي ڳل تي تر،
چڻ جهاز جي عرشي تي،
حبشي مسافر!

❖

نانگ جوڳڻ جي اکين ۾ ٿو تڪي،
چڻ ايئن چوندو هجي،
“تون به ڪا نانگڻ آهين!”

❖

اڌ وهيءَ ۾ پهچي جڏهن تيون پيار ڪن،
ڪنهن سان نٿيون انڪار ڪن،
ڪنهن سان نٿيون اقرار ڪن!

❖

ساهه منهنجي ۾ سهڪندي ٿي رهين،
ڪيتري وقت کان ڪچي ٻور جيئن مون ڇٽين پئي،
۽ منهنجي من اندر مهڪندي ٿي رهين.

❖

فطرت جي فرزندي هُن جو نصيب،
گيت لهوارو تري ٿو اُس ۾،
ڪائناتن کي اهو تت هو قريب.

❖